ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي

(هڪ مطالعو)

مرتب :
سڪندر ملاح

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي
هڪ مطالعو

مرتب

سڪندر ملاح

مارئي اڪيڊمي

سڪرنڊ/حيدرآباد.

2001ع

كتاب نمبر- ١٩

كتاب جو نالو: كامريڊ حيدربخش جتوئي: هڪ مطالعو
مرتب ڪندڙ: سڪندر ملاح
ڪمپوزنگ: .سنڌو ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر، قاسم آباد.
ڇپائيندڙ: مارئي اڪيڊمي، سڪرنڊ/ حيدرآباد.
ڇپيندڙ: پاڪيزه پرنٽنگ پريس، حيدرآباد.
ڳاڻيٽو: . هڪ هزار
ڇپائي جو سال: آگسٽ 2001ع
قيمت: =/110
لکپڙهه لاءِ پتو: بنگلو نمبر 134، پٺاڻي ٽائون، حيدرآباد.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

سنڌ جي عظيم رهبر، مفڪرِاعظم
سائين جي ايم سيد جي نالي، جنهن هميشه
ڏاڍ ۽ جبر جو مقابلو ڪندي سنڌي قوم کي
جيئڻ ۽ وجود جي بقا جو احساس ڏياريو
۽ آزاديءَ جي راهه ڏيکاري.

پچائي پهاڻُ، جن رساٽيو رُڪَّ سيں،
تنين سندو چاڻُ، آهي آڳڙين کي.
(شاهه)

فهرست

ٻه اکر مرتب ڪندڙ پاران	
جنب گذاريم جن سين	جي. ايم. سيد
"باباءِ سنڌ" جي سوانح حيات	
اهي ڏينهن اهي شينهن	پير علي محمد راشدي
حيدر بخش جتوئيءَ جي عظمت	ڪريم بخش خالد
ادب ۽ سياست، عوام لاءِ	محمد ابراهيم جويو
هڪ آدرشي انسان	غلام محمد گرامي
"حيدر" جي شاعريءَ جو فڪر ۽ پيغام	ابن الياس سومرو
"باباءِ سنڌ" جي سنڌ لاءِ جدوجهد	غلام حسين سومرو
سنڌ جو عظيم قومپرست ڪميونسٽ	ابو جبران
حيدر بخش جتوئيءَ جون چونڊ تحريرون:	
– وجود جي بقاءِ لاءِ جنگ	
– ون يونٽ ۽ جمهوريت	
– سنڌ ۽ ون يونٽ	

ٻه اکر، مرتب ڪندڙ پاران

اڄڪلهه مارڪيٽ ۾ تمام گهڻا سنڌي ڪتاب اچي رهيا آهن. تمام سٺو ۽ معياري ادب شايع ٿي رهيو آهي. هڪ طرف افسانا، ناول، شاعري ۽ تاريخ جي موضوع تي ڪتاب اچي رهيا آهن، ته ٻئي طرف آتم ڪهاڻين ۽ سنڌ جي اهم ۽ ناميارين شخصيتن جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي خدمتن جي متعلق پڻ ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. انهيءَ ڏس ۾ اسان ٻه هڪ وڪ اڳتي وڌائيندي، سنڌ ڌرتيءَ جي نامور شخصيت– ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي سياسي جدوجهد تي هيءُ ڪتاب شايع ڪري رهيا آهيون. ڪامريڊ حيدربخش جتوئي هڪ سچو محب وطن ۽ انسان ذات جو خير خواهه هو. سڄي عمر هارين جي حقن لاءِ وڙهندو رهيو. ”ون يونٽ“ جي خلاف وڏيءَ همت ۽ مردانگيءَ سان جدوجهد جاري رکيائين. سنڌ اندر ”ون يونٽ“ خلاف ڪامياب مهم ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي تحريرن کي بلاشبه وڏو دخل آهي.

اسان پنهنجي اداري طرفان ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي سياسي خدمتن کي آڏو رکندي، سندس سياسي فڪر ۽ جدوجهد جي متعلق سنڌ جي مختلف عالمن ۽ اديبن جي لکيل مضمونن کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. ڪتاب جي آخر ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي چند تحريرن جو سنڌي ترجمو پڻ ڏيئي رهيا آهيون. انهن تحريرن جو سنڌي ترجمو محترم احمد بلوچ جو ڪيل آهي، جي ”ڌرتي منهنجي ماءُ“ جي نالي سان مئي 1987ع ۾ ڪتابي صورت ۾ اشاعت هيٺ اچي چڪا آهن.

آخر ۾ آءٌ پنهنجي محترم دوست بشير احمد هيسباڻيءَ جو نهايت ٿي ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي شاندار لائبريريءَ مان هن ڪتاب ۾ آيل ڪيترائي ناياب مضمون ۽ مقالا دستياب ڪري ڏنا، جنهن ڪري هيءُ ڪتاب جامع نموني ۾ پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري سگهيا آهيون. اميد ته هيءُ ڪتاب پڙهندڙن کي بيحد پسند ايندو.

– سڪندر ملاح

Baba-e-Sindh Hyder Baksh Jatoi
and Mrs. Mumtaz Hyder in 1929.

جنب گذاريم جن سين

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ”بکو ديري“ ضلعي لاڙڪاڻي جو وينل، بلوچن جي ’جتوئي‘ پاڙي مان آهي. هي 1901ع ڄاري ڄائو، ۽ ابتدائي سنڌي تعليم ڳوٺ ۾ ورتائين. ثانوي تعليم مدرسة الاسلام لاڙڪاڻي ۽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ورتائين، جتان 1923ع ۾ هن مئٽرڪ امتحان پاس ڪيو. پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿي، 1927ع ۾ بي. اي. پاس ڪيائين.

ان کان پوءِ هي روينيو کاتي جي ملازمت ۾ گهڙيو. ٿوري وقت کان پوءِ مختيارڪاريءَ جي درجي تي پهتو. اسڪول جي ڏينهن کان هي شعر ۾ طبع آزمائي ڪندو هو، جڏهن 1931ع ۾ بدين جو مختيارڪار هو، تڏهن هن هڪ ڪتاب ”تحفهِ سنڌ“ شعر ۾ لکي ڇپايو؛ جنهن ۾ ڊاڪٽر محمد اقبال جي ”شڪوه“ جي طرز تي شعر لکيل هو. اُن جي ڇپجڻ تي اخبارن ۾ ملن مولوين طرفان هن جي گهڻي مخالفت ٿي، پر ان ڪري ڪافي مشهوري به ٿيس ۽ نئين روشنيءَ وارن ۽ ترقي پسند حلقن ۾ مقبوليت به حاصل ٿيس. هڪ ڀيري دادا چيتمل پرسرام سان هن جي ملاقات ٿي، تنهن سندس ڏاڍي اڇي ساراهه ڪئي- چي، هڪ نهايت عمدن خيالن ۽ اوچي طبيعت جو نوجوان ڏسي آيو آهيان! آخر ترت ئي منهنجي حيدرآباد جي ٿياسافيڪل سوسائٽي هال ۾ ساڻس ملاقات ٿي. اتان کيس وٺي خواجه حسن جان صاحب سرهنديءَ وٽ ويس، جن کي مون عرض ڪيو ته، ’هن نوجوان شاعر کي ڊاڪٽر اقبال جي شڪوي جهڙي شعر تي ملن تنگ ڪيو آهي، ان کان اوهان مهرباني ڪري سندس جان آزاد ڪرايو.‘ اتي گفتگو ٿيڻ بعد، معاملو سڌرڻ بدران مرڳو وڌيڪ مُنجهي پيو. آخر وڃڻ وقت، هن کي واپس موٽائي آندم. مذهبي ماڻهن جي ڪٽرپڻي خلاف هن تي ان کان اڳ اثر وينل هئا يا نه، ان جو پتو ڪونه آهي، ليڪن منهنجي سمجهه موجب ان ملاقات کيس ظاهري

مذهب کان گهڻو متنفر ڪري ڇڏيو.

هي، ڪجهه وقت کان پوءِ، سرڪاري نوڪريءَ ۾ ترقي ڪندو، وڃي پڪي ڊپٽي ڪليڪٽر جي درجي تي پهتو. ڪتابن پڙهڻ جو هن کي گهڻو شوق هو. انهيءَ عرصي ۾ هن مختلف مسئلن تي چڱو مطالعو ڪيو. سندس زندگيءَ تي ڪهڙن ڳالهين ردعمل آندو، ڪهڙا ڪتاب ۽ ماڻهو مٿس اثرانداز ٿيا. انهن جي کوجنا بذات خود هڪ دلچسپ مطالعو ٿيندو. انهيءَ تفصيل ۾ وڃڻ هن مضمون جو موضوع نه آهي، ليڪن جيڪڏهن سندس حياتيءَ تي سرسري نظر وجهبي، ته معلوم ائين ٿيندو ته زميندار طبقي جي ظلم ۽ عياشيءَ ۽ عوام کان سندن بي التفاتيءَ، ڪامورن جي رشوت خوريءَ ۽ خود مطلبيءَ، انگريزن کان آزاديءَ لاءِ لڙندڙ نوجوانن تي حڪومت جي سختيءَ، مُلن طرفان مذهب کي تنگ دائري ۾ محدود ڪري ڇڏڻ جي هوڏ هن تي گهڻو اثر ڪيو ٿو ڏسجي. آخر دنيا جي نئين پيدا ٿيل حالات، ڪتابن جي مطالعي، ۽ حساس دل گڏجي ڪيس زندگيءَ ۾ انقلابي قدم کڻڻ لاءِ آماده ڪيو، ۽ باوجود دوستن جي روڪڻ جي، هن ڊپٽي ڪليڪٽريءَ تان 1943ع ۾ استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي.

هيءُ غريب گهر جو ماڻهو هو. نوڪريءَ جي زماني ۾ ايماندار رهڻ ڪري پيسو گڏ ڪري نه سگهيو. نوڪريءَ کان ٻاهر نڪرڻ بعد، جي مُشڪلاتون سامهون اچڻ واريون هيون، انهن جي پرواهه نه ڪيائين- بقول شاعر:

”جنهن کي تار لڳي يار جي،
سا ڪيئن ڪندي گهر ٻار جي!“

دادا چيئنمل، شيخ عبدالمجيد، جمشيدمهتا سان گڏ اسان 1930ع ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو بنياد وجهي چڪا هئاسون. پر ڪا به تحريڪ، پڪي پاڀي تي اچي نٿي سگهي، جيستائين ان لاءِ مخلص ماڻهو پنهنجيون زندگيون وقف نه ڪن. اسان سيني جا گهڻن ڳالهين ۾ هٿ ڦاٿل هئا. ان وقت ملڪ ۾ ٻن سياسي جماعتن جو دورو هو: (1) ڪانگريس، ۽ (2) مسلم ليگ. شهرت ۽ طاقت انهن جي ذريعي حاصل ٿي سگهي ها، پر حيدر بخش ڏسي وائسي هاري

جماعت جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، جا ان وقت مخلص ڪارڪنن جي گھٽتائيءَ ڪري، نيم مرده حالت ۾ پيئي هئي.

ان وقت هن "آزاديءِ قوم" نالي هڪ مخمسؔ شعر جو ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ هن سنڌي شعر کي وقت جي تقاضا مطابق نئين لباس پهرائڻ جي ڪوشش ڪئي.

سگھو ئي ڪيس، سارو وقت هاري تحريڪ لاءِ وقف ڪرڻ جي صلي ۾، سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو. حيدرآباد ۾ جاءِ وٺي، اتي سنڌ هاري آفيس کوليائين. "هاري حقدار" نالي هفتيوار اخبار ڪڍڻ لڳو. پيسي جي گھٽتائي، روزگار جي تنگي، هم خيال ۽ هم نوا دوستن جي ٿورائي، هن جي عزم ۽ استقلال کي جهڪو ڪري نہ سگھيون. آهستي آهستي ڪري، هو سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۾ هڪ مستقل مقام حاصل ڪري ويو، ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جي پياري نالي سان مشهور ۽ مقبول عام ٿي ويو.

ٻہ– ٽي ڀيرا هو سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ اميدوار بيٺو، پر پيسي جي گھٽتائيءَ، عوام ۾ سياسي شعور جي ڪميءَ، عملدارن ۽ زميندارن جي گونڊاگرديءَ وغيره سببن ڪري ميمبر چونڊجي نہ سگھيو. اسيمبليءَ ۾ نہ چونڊجڻ ڪري کيس ڪوبہ ذاتي نقصان ڪونہ پهتو، پر عوام کي پنهنجي حقن جي حفاظت لاءِ جيڪو ڪم ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ڏئي ها، اهو ڪم پوءِ اسيمبليءَ ۾ ڪين ڪوبہ ڏيئي ڪونہ سگھيو.

1955ع ۾ ون يونٽ ناهڻ وقت هن ان جي خلاف ڪتاب لکيا، احتجاجي آواز بلند ڪيو، ٺهراءُ پاس ڪرايائين ۽ ان جي عيوض اسان سان گڏ کيس جيل ۾ موڪليو ويو. پر هن جي همت ۽ استقلال ۾ ڪابہ ڪمي پيدا نہ ٿي. عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ هن مجنون وانگر هر هنڌ جلسا ڪري تقريرون ڪيون، ڳوٺن ۾ ويو، بعضي وقتن تي گاڏيءَ ۾ سوار ٿيڻ بعد هڪ گاڏيءَ ۾ تقرير ڪري، وري اتان لهي ٻي گاڏي ۾ چڙهي دوائون وڪڻندڙ پروپيگنڊسٽ وانگر ڦرندو رهندو هو. هيءُ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي رهي چڪو هو. اهي انگريزي ملازمت جا عهدا ماڻهن کي فرعونيت جي هوا دماغ ۾ ڀري ڇڏيندا آهن، جو اهڙن عهدن وارا جڏهن پينشن تي ويندا آهن، تہ بہ

عوام سان ملڻ ۾ عيب سمجهندا آهن، پر عوام جي عشق ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي نه صرف عهدي کي لت هڻي ڇڏي، پر ان مان پيدا ٿيندڙ هر ڳالهه جي نفي ڪري ڇڏيائين. اجا تائين به جڏهن ڪي ڪامورا کيس چوندا آهن ته، 'هن وقت نوڪريءَ ۾ هجين ها، ته سينيئر ڪليڪٽر ياڪمشنر جي عهدي تي هجين ها، ناحق انهن ماڻهن لاءِ پنهنجو مستقبل خراب ڪيئي، جن وٽ تنهنجو قدر نه آهي' – ته هن جو جواب اهو هوندو آهي ته، "منهنجو مستقبل قوم جي مستقبل کان سواءِ ڪجهه نه آهي. جيڪي ڪيو اٿم ان تي، باوجود مشڪلاتن جي، خوشي اٿم، ارمان ڪونه اٿم."

هن وقت ملڪ جا ڏسڻا وائسڻا ماڻهو معمولي لالچ خاطر ملڪ ۽ ماڻهن جو مفاد ۽ عزت وڪڻڻ لاءِ تيار ٿيو وڃن. ائين ڪندي، هنن کي ضمير جي ڪابه ڇهنڊڙي ڪانه پوندي آهي، بلڪ اُن بيغيرتيءَ تي فخر ڪندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ان قحط الرجاليءَ جي زماني ۾ هڙن مرد مجاهدن جو قوم ۾ پيدا ٿيڻ، جي سراسر قربانيءَ ۽ ايثار جا مسجما آهن، وڏي غنيمت آهي.

هن زباني تبليغ کان سواءِ مختلف ملڪي، اقتصادي ۽ سياسي مسئلن تي، وقت جي ضرورت مطابق، نهايت عمدا مضمون، پمفليٽ ۽ بوڪليٽ ڇپائي يا سائيڪلو اسٽائيل ڪرائي، پئي ورهايا آهن، جن مان اڪثر ضبط ٿي ويل آهن. ڪن جي لکڻ ڪري هن کي سزا آيل آهي. پر سنڌيءَ ۾ چوڻيءَ آهي ته، "چري ڪيئن، چي ويرون وير وڌا!" ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ڏينهون ڏينهن زور آهي.

مارشل لا ملڪ سان لاڳو ٿيڻ بعد گهڻن ڪارڪنن جا ماشا ئي ڍرا ٿي ويا. هن کي به جيل ۾ موڪليو ويو. ڇٽڻ بعد هڪ پمفليٽ سنڌ جي ڍلن تي لکيائين. کيس ٽي سال سزا آئي. مرد ٿي ڪمائي آيو. تازو بڌڻ ۾ آيو آهي ته پنهنجي نقطہ نگاهه کان قرآن شريف تي ريويو لکيو اٿس. پاڪستان جهڙي مذهبي جنون واري ملڪ ۾، جتي تنگ دلي ۽ ڪٽرپڻو حد درجي تي پهتل آهي، اتي اهڙي تصنيف ڇپجڻ يا پڙهڻ برداشت ٿي سگهي يا نه؟ مون ڪتاب نه پڙهيو آهي، نه ڏٺو آهي. پر جيڪي بڌو اٿم ۽ سندس پين تصنيفن مان جيئن معلوم ٿئي ٿو، ته اهو ڪتاب ضرور بي مثل هوندو، جنهن جي لکڻ تي چار

سال لڳايا اٿس.

هن وقت هو وڏيڪ تصنيف ۽ تاليف جي ڪم ۾ مشغول آهي. خدا ڪيس وڏي حياتي ڏئي، ۽ هو قوم جي نت نئين سر خدمت ڪندو رهي. ڪيس پنج فرزند آهن: (1) مصطفيٰ، (2) مظهر علي، (3) دادن، (4) حاتم، ۽ (5) مرتضيٰ.

- ليکڪ: جي. ايم. سيد

*محترم سائين جي. ايم. سيد جيءَ ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" - جلد پهريون، مطبوعہ 1967ع تان ڪنيل.

کاٻي کان ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، مظهر علي جتوئي، دادن جتوئي، حاتم جتوئي، مصطفيٰ جتوئي ۽ ممتاز حيدر جتوئي جي 1945ع ۾ نڪتل تصوير.

باباءِ سنڌ جي سوانح حيات

”باباءِ سنڌ“ جي شخصيت پنهنجي فن ۽ ملڪي خدمت جي سلسلي ۾ ڪنهن به تعارف جي محتاج نه آهي. حيدر جو ڪردار هڪ محب وطن ۽ غيور سنڌيءَ جو ڪردار آهي. هڪ محب وطن جا اوصاف– سادگي ۽ سنجيدگي، همت ۽ بي باڪي، بلند حوصلو ۽ جوان مردي، انسانيت سان محبت ۽ عوام جي خدمت گذاري، اهي سڀ سندس عظيم شخصيت جا قابل تعريف جوهر هئا.

حيدر 7 آڪٽوبر 1901ع تي ڳوٺ ”بکي ديري“ تعلقي ڏوڪريءَ ۾ ڄائو. سندس والد فقير الهداد خان جتوئي پنهنجي راڄ جو پريو مڙس هو. فقيراڻي وضع قطع وارو درويش صفت هو.

مئي 1911ع ۾ ڳوٺ پناڻ تعلقي ڏوڪري جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتان 31 آڪٽوبر 1918ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو. 1919ع ۾ لاڙڪاڻي جي مدرسة السلام ۾ داخل ٿيو. ٻن سالن ۾ پنج درجا انگريزي پاس ڪيائين. 1923ع ۾ مئٽرڪ جي امتحان ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان لاڙڪاڻي سينٽر مان سنڌ ۾ پهريون نمبر کنيائين. 1927ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي مان بي. اي. آنرس ڪيائين.

1927ع ۾ ملازمت جي چونڊ ۾ پهريون نمبر آيو، ۽ روينيو کاتي ۾ هيڊ منشيءَ سان ملازمت شروع ڪيائين ۽ رتي ديري، قنبر ۽ جوهيءَ ۾ هيڊ منشي ٿي رهيو. 1931ع ۾ خدمت خلق جي خيال کان استعيفيٰ ڏنائين، مگر انگريز ڪليڪٽر سندس استعيفيٰ منظور نه ڪئي، ۽ کيس مختيارڪار ڪيائون. پاڻ ڏوڪري، بدين، جيمس آباد، ڏگهڙي ۽ گهوٽڪي ۾ مختيارڪار ٿي رهيو. 1936ع ۾ قادرپور شهر تعلقو گهوٽڪي ٻوڏ جي زد ۾ اچي ويو، پاڻ رات ڏينهن هڪ ڪري بند ٻڌائي، شهر کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. اڄ تائين ان تر جا ماڻهو سندس ذڪر عزت ۽ محبت سان ڪري رهيا آهن.

1943ع کان 1944ع تائين اسپيشل ريڪوري آفيسر ڪوآپريٽو سوسائٽيز ان سنڌ تي رهيو؛ جنهن ۾ مقروض هارين ۽ بدحال غريبن جا قرض ۽ وياج پنهنجي اختيار ۽ حوصلي سان معاف ڪري ڇڏيائين. ان وچ ۾ 1941ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو.

اڳتي هلي ڊپٽي ڪليڪٽرن جي سينيئر گريڊ ۾ ڪيس اسسٽنٽ مئنيجر انڪمبرڊ اسٽيٽس ۽ ڪورٽ آف وارڊس مقرر ڪيو ويو.

ان کان اڳ 44-1943ع ۾ حرن خلاف قائم اسپيشل مليٽري ڪورٽ ۾ جج مقرر ٿيو. ان عرصي ۾ ڪنهن به هڪ حر کي سزا نه ڏني ويئي. سندس قانوني مهارت کي ڏسي انگريز جج حيران رهجي ويا.

ڪورٽ آف وارڊس کاتي ۾ رهي ڪري سنڌ جي ڪافي رنن زالن، يتيمن، ٻارن ۽ بيواهن جي خدمت ڪيائين. ڪتنين جا ڪتنب سنڀاليائين ۽ انهن کي تعليم ڏياريائين ۽ ڪورٽ آف وارڊس ۾ آيل سون زميندارن ۽ ڪاٽيدارن جون ملڪيتون تباهي کان بچايائين. ايتري قدر جو انگريزن پنهنج گزيٽ ۾ اقرار ڪيو ته، ”سنڌ ۾ فقط ٻه آفيسر ايماندار ۽ ديانتدار آهن، هڪ نورالدين صديقي ۽ ٻيو حيدر بخش جتوئي.“

1945ع ۾ ملازمت تان استعيفيٰ ڏيئي ملڪي ۽ قومي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪيائين. سڀ کان اول ”سنڌ هاري ڪاميٽي“ ۾ شامل ٿيو؛ ۽ ان جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو. 1947ع ۾ رتيديري جي اجلاس ۾ ڪيس صدر چونڊيو ويو؛ ان طرح مختلف وقتن تي جنرل سيڪريٽري ۽ نائب صدر پڻ تي رهيو. وفات تائين ”سنڌ هاري ڪاميٽيءَ“ جو صدر هيو.

هاري ڪاميٽيءَ جي تنظيم حي سلسلي ۾ هينيان قابلِ تعريف ڪم ڪيائين:

1- ”هاري حقدار“ هفتيوار شروع ڪيائين، جنهن جو پاڻ ايڊيٽر ٿيو. سالن تائين اها اخبار جاري رهي.

2- سنڌ جي سيني ضلعن ۾ تعلقي وار ۽ ضلعي وار هاري آفيسون قائم ڪيائين.

3- سنڌ جي وڏن شهرن ۽ ننڍن ڳوٺن ۾ ساليانى خواه ننڍيون ۽ وڏيون هاري ڪانفرنسون ۽ جلسا ڪيائين.

4- هارين ۽ زميندارن جي سيني مسئلن متعلق سوين ڇاڻو هاري ڪارڪن پيدا ڪيائين.

5- 1947ع ۾ اڌ بٽئي جي تحريڪ هلائي ان کي ڪامياب بنايائين.

6- 1950ع ۾ هارين لاءِ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ پاس ڪرايائين. 3 اپريل 1950ع تي سندس اڳواڻيءَ هيٺ سنڌ جي هزارين پرجوش هارين ڪراچي ۾ سنڌ اسيمبليءَ تي گهيراءُ وجهي متن زور آندو ته سنڌ ٽيننسي ايڪٽ پاس ڪيو وڃي، جو مجبورن ان وقت جي وزير اعليٰ- مسٽر يوسف هارون پاس ڪيو.

7- 1952ع ۾ گورنري راڄ جي زماني ۾ گورنر مسٽر دين محمد کان سندس پاران پيش ڪيل ٽيننسي ايڪٽ واريون ترميمون منظور ڪرايائين؛ جنهن مان هارين کي وڏيڪ فائدو پهتو.

8- 22 فيبروري 1958ع تي سندس قيادت ۾ هزارين الاٽي هارين، ان دور جي صدر مملڪت اسڪندر مرزا سان ملاقات ڪئي ۽ کيس مقامي هارين جي حقن ۽ تڪليفن کان واقف ڪيائين، جن کي راشي ڪامورا ۽ ڪي ظالم زميندار رشوتون وٺي ٻاهران آيل مهاجرن ۽ پنجابي.ڪاتيدارن کي ورسائيندي برباد ڪري رهيا هئا. ان سلسلي ۾ صدر مملڪت کي متاثر ڪري هڪ سال لاءِ اسٽي آرڊر ورتائين، جنهن جي ڪري هڪ طرف سنڌ جي لکين بنيادي مقامي هارين جي ملڪيت بچي وئي ۽ ٻئي طرف سنڌ ۾ ڪالونائيزيشن واري تخريب پسند تحريڪ کي ختم ڪيائين، جا اڳتي هلي سنڌ جي غدار ۽ غلط ڪار ليڊرن ون يونٽ جي صورت ۾ واپس آندي.

9- 1967ع ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ سنڌ هاري ڪانفرنسون ڪوٺايائين، جنهن جي ڪري هارين جا ڪيترا مطالبا منظور ٿيا.

1945-46ع واري اليڪشن ۾ پهريون دفعو پاڻ لاڙڪاڻي مان اميدوار بيٺو. 1951ع ۾ قنبر، شهدادڪوٽ مان بيٺو. دادو- جوهي ضمني اليڪشن جي موقعي تي کيس دادوءَ ۾ داخل ٿيڻ تي بندش وڌي ويئي ۽ سندس نامينيشن فارم رد ڪيو ويو. سانگهڙ، نواب شاهه ۽ سکر ضلعن مان چوٽي اليڪشن مان اميدوار بيٺو، پر پيپرن داخل ڪرڻ وقت کيس ضلعي کان

نيڪالي ڏني ويئي. 1950ع کان وٺي مختلف وقتن تي کيس ڳوٺ ۾ نظربند رکيو ويو، ۽ مختلف ضلعن ۾ سندس داخلا تي بندش وڌي ويئي. 1949ع کان 1969ع دوران اٽڪل اٺن سالن جو عرصو جيل ۾ رهيو. ان سلسلي ۾ ڪئمبل پور، مچ، لال قلعو لاهور، مياوالي، سکر، ڪراچي، حيدرآباد ۽ نواب شاهه جي جيلن ۾ رهيو.

1954ع کان وٺي 1969ع تائين، ون يونٽ جي خلاف هلايل جدوجهد، تقريرون، تحريرون، جلسن، ٽرئڪٽ ۽ رسالن لکڻ ڪري کيس اڪثر وقت جيل ۾ گذارڻو پيو. جيل جي عرصي ۾ جنهن غيرت، همت ۽ حب الوطني تي قائم رهيو؛ ان جو ڪو مثال ملي نٿو سگهي.

13 سيپٽمبر 1969ع تي هن سنڌ جي عظيم سورهيه تي گذريل دور جي قربانين، زماني جي گردشن، جيلن جي صعوبتن مان پيدا ٿيل ضعف ۽ ڪمزوريءَ ڪري ڪم ڪندي فالج جو حملو ٿيو. ڇهه مهينا مسلسل علاج جاري رهيو. صحت ياب ٿيڻ تي 18 نومبر تي گهر آيا. رستي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ وٽ سنڌي لسٽن بابت ٻڪ هڙتالي شاگردن ۽ ليڊرن کي مبارڪباد ڏني ۽ گلن جا هار پاتا.

صحتياب ٿيڻ کان پوءِ 30 مارچ 1970ع تي کيس جگر جي ڪينسر جي تشخيص ڪئي وئي. 5 اپريل تي سنڌ جي عالمن، اديبن، شاعرن، دانشورن، محب– وطن اڳواڻن، هاري ورڪرن، قومي ڪارڪنن، مزدور، هارين ۽ شاگردن کي پنهنجي رهائش گاهه تي گهرايائين. کين هڪ پرجوش ۽ ولوله انگيز خطاب ۾ ”جيئي سنڌ“ جا نعرا هڻندي سنڌ جي آزادي ۽ حفاظت لاءِ تاڪيد ڪيائين.

علالت جي دور ۾ ملڪ جي ڪيترن مشهور سياسي اڳواڻن، شاگرد رهنمائن، هاري ورڪرن، مزدور ليڊرن سان پاڻ ملڪ جي سياسي حالات تي تبادله خيالات ڪندو هو ۽ کين سنڌ جي سياسي مسئلن تي هدايتون پڻ ڏيندو هو.

ان سلسلي ۾ اديبن، دانشورن، شاعرن ۽ مفڪرن سان سنڌ جي ادبي، تهذيبي ۽ ثقافتي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪيائين. ان قسم جون محفلون هر وقت ٿينديون رهيون.

”باباءِ سنڌ“ حيدر بخش جتوئي بستري علالت تي رهندي بہ فقط ”سنڌ“ لاءِ سوچيندو رهيو. ان سلسلي ۾ ڪيترن اهم سياسي مسئلن تي حقيقت افروز اخباري پڙرايون بہ ڪندو رهيو.

علالت ڪان ٿورو اڳ پاڻ ڪراچي جي هڪ اجلاس ۾ صدر مملڪت جنرل يحيٰ خان کان اهو مطالبو ڪيائين تہ هو مارشل لا ريگيوليشن لڳائي فورن ون يونٽ کي ٽوڙي، اڳين صوبن کي بحال ڪري تاريخ ۾ پنهنجي لاءِ قابلِ ذڪر باب پيدا ڪري. ان سلسلي ۾ صدر يحيٰ خان کي دلنشين پيرايي ۾ تار رستي اپيل ڪيائين ۽ سڄي سنڌ جي سياسي ليڊرن، هاريورڪرن، اديبن، دانشورن، شاگردن ۽ وڪيلن کي هدايت ڪيائين تہ هو ون يونٽ جي ٽوڙڻ جي لاءِ هر هنڌ ون يونٽ ٽوڙ ڪانفرنسون ڪن. جلوس ڪڍن. جلسا ڪن. احتجاج بلند ڪن. ٺهراءُ پاس ڪري سرڪار جو ڌيان ڇڪائين؛ ”جيئي سنڌ تحريڪ“ جي پيغام کي گهر گهر پهچائين. ان وچ ۾ سرڪار جي ڪن ڇاڙتن ون يونٽ ٽوڙڻ جي سلسلي ۾ ڪي اجايون سڄايون قانوني رڪاوٽون بيان ڪيون جن جا دندان شڪن جواب بسترِ علالت تان ڏيندو رهيو. تان جو همہ گير احتجاج کان مجبور ٿي ”باباءِ سنڌ“ حيدر بخش جتوئيءَ جي تجويز موجب صدر يحيٰ خان مارشل لا ريگيوليشن لڳائي ون يونٽ کي ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو! ”باباءِ سنڌ“ پهريون سياسي بصيرت وارو ليڊر هو، جنهن جي اها تجويز قابلِ قبول رهي ۽ پاڻ نهايت خوشيءَ سان صدر يحيٰ خان کي مبارڪ بادي جو پيغام موڪليائين. سندس حال لطيف جي هن روح آفرين ارشاد وانگر هو:

جسو زنجيرن ۾، راتيان ڏينهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا.

پنهنجي جُسي کي غلاميءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪري، ”جيئي سنڌ“ جا نعرا هڻي، سنڌ کي آزاد ٿيندي ڏسي، پنهنجي آخري سفر تي 21 مئي 1970ع تي روانو ٿي ويو.

جيئي سنڌ　　　　جيئي جتوئي

سنڌ هاري ڪاميٽي حيدرآباد طرفان سن 1973ع ۾ ڇپايل سووينئر ”باباءِ سنڌ جي سنڌ لاءِ جدوجهد جو تاريخي ۽ معلوماتي جائزو“ تان ورتل.

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي پنهنجي ڪٽنب سان گڏ نڪتل تصوير

اهي ڏينهن آهي شينهن

چو اهل دل زعشق افسانہ گويند،
حديثِ بلبل و پروانہ گويند. – جامي

مولانا عبدالرحمان 'جامي' چوي ٿو تہ، "عشق جو قصو ڇڙندو تہ بلبل ۽ پرواني جو ذڪر ڪيئن نہ ايندو؟"

سنڌ جي سوز ساز جي حڪايت هلندي، تہ حيدر بخش مرحوم جي ڪهاڻي ڪهڙيءَ طرح نظرانداز ٿيندي؟

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڏوڪري تعلقي جي هڪ واهڻ اندر ولادت ٿيس. سندس والد الهداد خان مرحوم ڀاهراريءَ جو ڪاتيدار ۽ منهنجو يار هو. متبرڪ صورت، ڏگهي چاپوين سفيد سونهاري ۽ خود بہ سفيد پوش، نمازي نيڪ بخت. سندس ڀاڙيچن، وڏن وڏيرن مان گهٽن پُٽن کي ڀاڻارين هلائڻ جي سکيا ڏني؛ پر ميان الهداد پنهنجي پٽ کي اعليٰ انگريزي تعليم ڏياري مختيارڪار مقرر ڪرايو. هونءَ تہ وڏي ڳالهہ ٿي ويئي، پر وچ ۾ وڏو خرخسو پيدا ٿي پيو، ميان حيدر بخش– شاعر مزاج واقعي ٿيو هو؛ شاعريءَ تي ڪنٽرول رکي ڪونہ سگهيو. انهن ڏينهن ۾ علامہ اقبال رحمتہ الله عليہ جي 'شڪوه' جو ڇهڇٽو هو. ميان جي دل بہ ڪانہ رهي. ساڳئي طرز تي هڪ منظوم شڪايت نامو شايع ڪرائي وينو، جنهن ۾ باري تعاليٰ سان سوال و جواب ٿيل هو تہ غريب، غريب ڇو ۽ امير، امير ڇو آهي. مذهبي حلقن اعتراض ورتو. ساڳيءَ طرح حضرت اقبال تي بہ اعتراض ٿيا هئا، پر هو سياڻو هو، تهہ پهہ 'جواب شڪوه' لکي ڳالهہ کي ٽڏو ڪري ڇڏيائين. هتي ميان حيدر بخش کان اهڙي ڦڙتائي ڪانہ پڳي. بندن جي وڪالت تہ ڪري وينو هو، پر ساڳي وقت بيءَ ڌُر جي بہ وڪالت ڪرڻ جو پاڻ ۾ پوتو پائڻ ڪونہ سگهيو.

ويچارو وچ ۾ اٽڪي بيهي رهيو. مٿان اچي اعتراضن ۽ ملامت جو مارو پيس. منهنجي اخبار جي مئنيجر، آغا نظر علي خان مرحوم جي جذباتي رڳ

بہ ٿڙڪي اُٿي هئي، جڏهن جهيڙي ديگهہ ورتي ۽ ان جي ختم ٿيڻ جي علامت ڪانہ نظر اچڻ لڳس تہ مرحوم اچي مون تي زور وڌو تہ آءُ قلم ڪم آڻي ان قصي کي ڪنهن طرح ڪوتاهہ ڪرايان. آءُ انهن ڏينهن ۾ موڪل تي هوس ۽ ڪچي ۾ شڪار پئي ڪيم، هڪ ڏينهن تاڪ منجهند جو ڪيئي ميل واريءَ جو پنڌ هڻي اچي آغا صاحب مون کي هٿ ڪيو. معلوم هوس تہ آءُ مضمون نويسيءَ جي موڊ ۾ ڪونہ هوس، تنهنڪري وڏو ناٽڪ ڪرڻو پيس: پهريان تہ ايندي شرط بيهوشيءَ جو بهانو ڪري پٽ تي ڪِري پيو، پَٽ تان ڪٽي کيس کٽ تي وڌوسين ۽ مٿانس پاڻي ڇڙڪايوسين، ساعت سوا بعد پٽڪڻ لڳو تہ، "ڏنڊڻ پئجي ويا اٿم، اُهي پچو."

مون چيس تہ، "ڏنڊڻ پيل اٿئي تہ پوءِ ڳالهائين ڪيئن ٿو؟"

چيائين، "ايمان جي سلامتيءَ سان."

مون نوڪر کي وڏي واڪي چيو، "تہ ڏوئيءَ جو ڳن وات ۾ لنگهائي ميان جا ڏندڻ پچو."

ڏوئيءَ جي ڳن جو ٻڌي نوڪر کي هڪل ڏنائين، "نالائق جهل ڏوئي، الله وارن جي وات ۾ ڏويون لنگهائبيون آهن، هي پير تہ اندو ٿي ويو آهي، تون تہ اک پٽ."

نوڪر چيس، "پوءِ ڏندڻ ڪيئن پچان؟"

آغا صاحب وراڻيس، "الله وارن جا ڏندڻ مومن ٿڌيءَ لسيءَ سان پچندا آهن."

ٿڌي لسي آئي، برف جي ڪمي محسوس ٿي، پر برف ڪچي ۾ ڪٿان اچي ها. بهرحال آغا جا ڏندڻ پڳا، ڏنڊڻ پچڻ شرط سندس اشتها بہ کلي. حڪم ٿيو تہ يخني تيار ٿئي تترن جي گوشت ۾، جيئن اندر آندن جا ڏندڻ بہ پچن. اُهو انتظام بہ ٿيو. آخر آغا صاحب پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو: "چي، حيدر بخش جي گستاخانہ ڪلام دليون ڏاري ڇڏيون آهن. رات خواب ۾ مَن کي حضرت پيران پير رحمت الله عليہ حڪم ڪيو آهي تہ راشديءَ کي وڃي منهنجا سلام ڏي، ان کان زوردار مضمون لکرائي حيدر بخش واري فتني جو خاتمو ڪراءِ."

مون ڏٺو ته جيڪڏهن آغا مان جلد جان نه ڇڏائي وئي ته هو هت رهي، رات ڏينهن رودن ڪري، منهنجي شڪار جو مزو وڃائي ڇڏيندو؛ نه فقط ايترو پر شايد مجبور به ڪندو ته آءٌ موتي هلي سکر ۾ رهي ڪفر ۽ اسلام جي ان جهيڙي کي منهن ڏيان. تنهنڪري تڙ تڪڙ ۾ هڪ آڏو ٽيڏو مضمون لکي سندس حوالي ڪيم. مضمون جو بنياد هن ڳالهه تي رکيم ته، ”حيدر بخش سرڪاري آفيسر يعني مختيارڪار آهي؛ سندس لکپڙهه پنهنجن آفيسرن سان هجڻ گهرجي؛ هن کي ڪهڙو حق آهي ته پنهنجن ترت عملدارن کان بالا بالا خود خدا سان سڌي لکپڙهه شروع ڪري ڏئي؟ جيڪڏهن هو ائين ڪرڻ کان باز نٿو اچي ته سرڪار کي ’ڊسپلينري‘ قدم کڻي کائنس پڇڻ نوڪري ڇڏرائڻ گهرجي.“

مضمون انگريزيءَ ۾ هو؛ انگريزيءَ ۾ ئي ڇپيو؛ ڪيڊل صاحب ڪمشنر پاڻ پڙهيو؛ نڪته نواز هو، مون وارو منطق سمجهه ۾ اچي ويس. حڪم ڪيائين ته، ”يا حيدر بخش نوڪريءَ کان استعفيا ڏئي يا پنهنجو ’تحفه سنڌ‘ واپس وٺي، افسوس جو اظهار ڪري.“

ان وچ ۾ چاچو الهداد خان مرحوم به پهچي ويل هوس؛ حيدر بخش ٻيءَ کي جواب ڏئي نه سگهيو؛ ڪمشنر جي حڪم موجب ”تحفو“ واپس وٺي، اظهارِ افسوس ڪري، معاملي کي ختم ڪرايائين.

ان واقعي کان پوءِ مرحوم سان منهنجي ذاتي واقفيت جو دؤر شروع ٿيو. شديد نظرياتي اختلافن هوندي به، موقعي سارو، پاڻ ۾ ملي ڳجهه ڳرهيندا هئاسين. اديب هو، شاعر هو، وسيع مطالعو هوس. سائس علمي گفتگو هرويرو وقت جو زيان ڪونه هوندي هئي.ڪجهه وقت تائين پاڻ نوڪري ڪندو رهيو، پر دل نوڪريءَ سان ڪانه تي لڳس؛ موقعي لاءِ واجهائيندو رهيو ته ڪنهن ڏينهن انهن مجبورين مان نڪري کُليو کُلايو سنڌ جي ڏکوين کي ڏڍُ ڏيڻ جي قابل ٿئي.

مختيارڪاريءَ مان ترقي ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر بڻيو، ۽ امڪان هو ته جلد ڪليڪٽري به ماڻي، پر مڙس وڌيڪ ساهه منجهائي ڪونه سگهيو. حيدرآباد ۾ انڪمبرڊ اسٽيٽس جو ڊپٽي مئنيجر هو، جو صلاح لاءِ مون کي

سڏاياائين– ڪيس معلوم هو تہ سنڌس معاشي عقيدن سان مون کي سخت اختلاف آهي، پر ان هوندي بہ آءٌ ذاتي دوستيءَ ۾ پختو آهيان ۽ جيڪا صلاح ڪيس ڏيندس، سا عقل ۽ خيرخواهيءَ جي هوندي. مون کي ساڻس ملاقات وارو اُهو ڏينهن اڄ بہ چٽائيءَ سان ياد آهي. پاڻ ٻڌاياائين تہ سنڌس لاءِ نوڪري ڇڏي آزاد ٿيڻ جو هينئر وقت اچي ويو آهي؛ عمر وڏي تي ويس تہ پوءِ ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهندو؛ تنهنڪري جوانيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جا ڏينهن، وڃائي ويهڻ نٿو گهري؛ سنڌ جي هارين ۽ ڏتڙيل ڳوٺاڻن جي خدمت سنڌس نصب العين آهي.

گهڻو ئي سمجهايومانس؛ هر نوع جا دليل ڪم آندم؛ ذاتي، سياسي، نظرياتي، حتاڪ سنڌس ننڍڙن ٻارن جي مستقبل جا بہ ڪيس واسطا وڌم. پانيم تہ پرمي پوندو– پر اندر ۾ جا ٻاهہ پڙڪا ڪائي رهي هيس، سا منهنجي اُجهائي ڪانہ اُجهائي. مون اجا حيدرآباد مان مَس پٺي ڏني تہ پاڻ استعيفا ڏئي، فقيراڻو آدرش اختيار ڪري، "هست" سان تڳا توڙي، "نيست" سان ناتا جوڙي، سنڌي سياست جي رُڃ اندر ڪاهي پيو. سڪٽامل! پالهي مل پيغام موڪليا ٿئي!

هاڻي سنڌ جا وڏيرا ۽ وزير هڪ پاسي، تہ حيدر بخش جو نعرو "هاري حقدار" ٻئي پاسي. ووٽ ملڻ جو آسرو هجي يا نہ، پر ڪنهن نہ ڪنهن وزير کي دق ڪرڻ ۽ غريبن جي درن تي ڊوڙائڻ خاطر، حيدر بخش جو پيپر سنڌس خلاف ضرور داخل ٿيندو. طاقت وارو جيڪو بہ اڳواڻ ڏٺائين تنهن سان هٿ اٽڪائڻ جي ڪوشش ڪيائين. عوام جي بي حسيءَ جو دؤر هو– پاڻ وٽ نہ پيسو نہ ورڪر. نہ پارٽي نہ سواري. صرف ذاتي همت ۽ حوصلو؛ جنهن جي آڌار تي سالن جا سال، پنهنجن خيالن ۾ مگن، هر پاسي هلندو رهيو. يقين اهو هوس تہ سنڌس قرباني رائگان ڪانہ ويندي، جيڪو سلو پوکيو اٿائين سو ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ضرور ثمر ڏيندو. گڏجاڻي ڪرڻ يا زباني احوال ٻڌائڻ جو موقعو ڪونہ ملندو هوس تہ ڇوپڙيون ڇپائي ورهائيندو هو. احتياط موراً ڪونہ ڪندو هو، مڙندو بہ ڪنهن مان ڪونہ هو. مارڪا ور ور ڪري جيل موڪليندا هوس؛ جنهنڪري گهڻو وقت ڪاٽ ۾، يا بندش هيٺ گذارڻو

پوندو هوس، پر تنهن جي پرواهه هرگز ڪانه ڪندو هو؛ وڏي واڪ چوندو رهندو هو تہ: ”قيد ۾ رهڻ خود ذاتي خلاف اعتراض جو هڪ مؤثر ترين طريقو آهي.“ پاڻ پاهر هجي خواه جيل ۾ هردم تهڪ ڏيندو رهندو هو؛ خطرناڪ کان خطرناڪ موقعن تي بہ مون سندس مُنهن گهنجيل ڪونہ ڏٺو. اندر جو سڪون ۽ دل جو اطمينان حاصل هوس.

ساڻس آخري ملاقات غير معمولي حالتن ۾ ٿي؛ 1970ع جو زمانو هو. نواب شاهہ ۾ مٿس ڪو مقدمو داخل ٿيو هو، جنهنڪري پوليس کي سندس ڳولها هئي. هت سنڌ متحده محاذ جي گڏجاڻي ”حيدر منزل“ ۾ ٿيڻي هئي، جنهن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ بنگال مان شيخ مجيب الرحمان بہ اچي پهتو هو. حيدر بخش مرحوم جو خيال هو تہ پاڻ بہ ان ميٽنگ ۾ ضرور شامل ٿئي. ميٽنگ ڏينهن ساريءَ سنڌ جا اڳواڻ اچي موجود ٿيا هئا، سواءِ ڪنهن هڪ اڌ جي، جن پڻ پاهران ويٺي پنهنجي هم صلاحيءَ جا پيغام پئي موڪليا. اُهي بزرگ بہ مون اتي ڏٺا، جن پوءِ ڦرتي ڪائي محاذ جي مخالفت ۾ ٻين جي مدد سان ميمبر چوندڙجي عهدا هٿ ڪيا. چوڻ جو مطلب اهو اٿم، تہ سنڌ سڄي گهٽ ۾ گهٽ اُن گهڙيءَ پاڻ ۾ گڏ هئي.

ڪنهن وقت ڏٺم تہ ميان حيدر بخش بہ سُرڪي پُرڪي اچي پهتو. وچ ۾ ويهي ڏم ڏڙا تقريرون ڪندو ۽ نهرائن ۾ تيز قسم جون درستيون ڏيندو رهيو. ان وچ ۾ پاهران خبر آئي تہ ڪيس گرفتار ڪرڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ پوليس پهچي گهر جي چوڌاري ڪڙو چاڙهيو اهي. اُ حيدر بخش جي سامهون ويٺو هوس. اُن خبر جو تہ پاهر نڪرندي گرفتار ٿيندو، سندس چهري تي ڪو اثر ڪونہ ٿيو؛ پاڻ کلندو تهڪ ڏيندو، بحث ۾ حصو وٺندو رهيو، گويا پاهر گهوٽ کي وٺي وڃڻ لاءِ جاڃي آيل هئا.

ماني آئي. ٻين وانگر حيدر بخش بہ پليٽ ٿمي موج سان کاڌي، ڪوڪا ڪولا پيتي ۽ بہ– ٽي اوڳرايون ڏنيون.

ميٽنگ پوري ٿي، تہ سڀ پاهر نڪتاسين. حيدر بخش کي پوليس وڪوڙي ويئي. ڪيس ان حال ۾ ڏسي گهڻا ماڻهو سندس چوڌاري گڏ ٿي ويا. انهن ۾ مجيب الرحمان ۽ سندس بنگالي ٽولو بہ هو. مجيب الرحمان جو

منهن غصي ۾ ڳاڙهو هو. مون کي مجمع وٽان لنگهيندو ڏسي وڏي واڪي سڏ ڪري چيائين: ”هيءُ ڏس: اجا بہ اُهو پيو چوين جيڪو هيلتائين ٻَڪندو رهيو آهين؟“ (1)

هڪ شخص ان جذباتي ماحول ۾ بہ وڏا ٺهڪ ڏئي کلي رهيو هو: گويا پنهنجي دل جي خواهش پوري ڪري چڪو هو، اُهو هو حيدر بخش پاڻ!

نواب شاهہ جي جيل مان ڇٽي اچڻ بعد وري اسان جي ملاقات ڪانہ ٿي. مسلسل جيل جون سختيون جوان جو جُسو ڪائي ويون هيون. آخر وڃي ميان غلام شاهہ مرحوم جو اَجهو ورتائين.

– ليکڪ: پير علي محمد راشدي

---

(1) مجيب الرحمان ڪيترا ورهيہ مون سان گڏ مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿي رهيو هو. پاڻ ۾ بي تڪلفي هوندي هئي. آءُ هميشہ ساڻس وڙهندو رهندو هوس: لابي خواه اسيمبليءَ ۾ ڪيس مهڻا ڏيندو هوس تہ هو مسلمانيءَ کان ڏور، هندن جي اثر هيٺ اچي جدائي جون بيهوديون ڳالهيون پيو ڪري: اڪثر سندس خلاف غير پارليماني اکر بہ استعمال ڪندو رهندو هوس: بنهہ منهنجي ساڻس ڪانہ پوندي هئي. پر اڄ مون کي ٽوڪڻ جو وجهہ ملي ويو هوس!

* پير علي محمد راشديءَ جي ڪتاب ”اُهي ڏينهن اُهي شينهن“ جلد ٽيو، مطبوعہ 1981ع تان ورتل.



ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي 1969ع ۾ ريلوي اسٽيشن تي آجيان ڪرڻ لاءِ آيل

حيدر بخش جتوئيءَ جي عظمت

حيدر! تو متي خدا جون رحمتون هجن– انهيءَ خدا جون، جنهن بابت تون عمر جي آخري حصي ۾ شاڪي هئين. توکي جنهن ڏينهن جو انتظار هو، آزاديءَ ۽ سنڌ جي سورج طلوع ٿيڻ جي آس هيئي، خدا سو ڏينهن ته توکي ڏيکاريو، پر سندس فضل، ڪرم ۽ رحم جو ڪمال ڏس ته تو انهيءَ ذهني اذيت، جسماني تڪليف ۽ همه گير پريشانيءَ کان ترت ڇوٽڪارو حاصل ڪيو، جيڪي تنهنجي لاءِ آزاد سنڌ ۾ پيدا ٿين ها. حقيقت ۾ تو غلط وقت ۽ غلط ماڻهن ۾ صداقت جي صدا هنئي، جيڪا ٻڌي ته ضرور وئي پر اُپاري نه سگهي، اثرائتي هئي پر بي اثر ثابت ٿي؛ صداقت تي مبني هئي پر ان جي مڃڻ کان ماڻهن مُنهن موڙيو: ۽ آخر تاريخ تنهنجي حق ۾ فيصلو ڏنو، ۽ اهو صحيح فيصلو هو ته انسانن جي تاريخ ۾ جيئن ٻين صداقت جي علمبردارن کي آخر هيءَ دنيا ڇڏڻي پئي پر سندن مقصد اڄ تائين زنده رهيا، تيئن تون دارالبقا روانو ٿئين پر تنهنجو ڪم، جدوجهد ۽ مقصد زنده آهن ۽ تابنده رهندا.

حيدر! توتي خدا جون رحمتون هجن– انهيءَ خدا جون، جنهن سان تو شڪوو ڪيو هو. هو دوست دلدار، عالم سڀ آباد ڪندڙ آهي. تو سنڌ متي سُڪار جي صدا بلند ڪئي هئي، پر ڪنهن قوم جي تقدير ڪيئن بدلجي، جيسين انسانن جو اهو بي علم ۽ غير منظم انبوهه خود ڪا ڪوشش نه ڪري. انسان جو عقل، ذهن ۽ ادراڪ محدود آهي، ۽ تنهنجو شڪوو ان جي غمازي ڪري ٿو. تنهنجي شڪايت هر پهلوءَ کان درست، پر پنهنجي عمل جو داستان به ته داغدار آهي. پلئه پائي ڪَچ، آچيندي لڄ ٿا مرون– ماضيءَ جي داستانن ۾ گم، انسان ۽ انسان جي وچ ۾ پيدا ڪيل فرق ۾ غرق. ٻاروچل سان ملڻ لاءِ پاڻ به ته به قدم اڳتي هلي، تتيءَ تڏيءَ ڪاهي، اونداهه لاءِ ڪو آسرو مهيا ڪريون!

عظمتِ سنڌ جي قدامت جو قسم، استغنا ۽ سخا، شرافت ۽ مروت جي

انهن قديم، صحتمند ۽ مثبت قدرن جو قسم، جن اڄ به اسان جي زندگي تباهه ڪري ڇڏي آهي: توتي خدا جون رحمتون هجن، حيدر، ڇو ته تو سندس ٿي مخلوق جي بي لوث خدمت ڪئي؛ نامساعد حالتن جي پرواهه ڪانه ڪئي؛ ڪنهن جابر، سرڪش ۽ مطلق العنان کان خوفزده ڪونه ٿئين، ڇو ته توکي زندگيءَ ۾ ڪنهن تاريخ ساز ڪم ڪرڻ لاءِ ئي پيدا ڪيو ويو هو. هن مادي دنيا ۾ نفس ڪشي ۽ پنهنجي اهل عيال ۽ خاندان جي مستقبل ڏانهن بي پرواهه ٿيڻ، اعليٰ سرڪاري عهدو ڦٽو ڪرڻ ۽ فقيريءَ ۽ قلندريءَ ۾ زندگي بسر ڪرڻ، يقيناً خدا دوست انسانن جو مشرب رهيو آهي: ۽ تو جيڪو پنهنجي دلدار دوست سان شڪوو ڪيو، سو صحيح هو ۽ ان جي جزا توکي دنيا ۾ نه ملي ته آخرت ۾ ضرور ملندي.

حيدر! تو مٿي خدا جون رحمتون هجن، ڇو ته تون سنڌ جو عاشق صادق هئين. اها سنڌ، جتان جون ٿڌيون ۽ فرحت بخش هوائون منهنجي مولاؑ، عالمن جي رحمت، انسانيت جي لڄ ۽ معراج جي معشوق کي پسند هونديون هيون. اها سنڌ، جتان جو ڳاڙهو ڪپڙو (اجرڪ) منهنجي پرودگار جو پيغمبر زيب تن ڪندو هو. اها سنڌ، جنهن جي عظمت عربن جي عهد جاهليه ۾ به مسلم هئي، پر اسلام جي سهاڳ ان کي اهڙو ڪُندن بڻايو جو مسجد نبويءَ ۽ عرب جي اعليٰ، ارفع ۽ عظيم الشان محفلن ۽ مدرسن ۾ اسان جي عالمن کي خراج تحسين مليو.

تنهنجو اهو عشق، عشق ۽ حسن جي فلسفي جو عملي مظاهرو هو. 1927ع ۾ جڏهن تو فارسيءَ ۾ بي. اي. آنرز امتيازي طور پاس ڪئي، ان وقت به تنهنجي قول ۽ فعل ۾ مثنويءَ ملا رومي جو تفسير عيان هو. اهو رومي، جنهن واشگاف لفظن ۾ اعلان ڪيو ته انسان آزاري بدتر گناهه آهي، ۽ دولت جو ارتڪاز يا آمدنيءَ جي وسيلن جو محدود ذريعن ۾ قيد ٿيڻ انسانيت جي شرف جي برٻادي ۽ فنا آهي.

تون انهيءَ روميءَ جي اها نَي هئين، جيڪا فراق ۽ هجر جي عالم ۾ ڦٿڪي رهي هئي ۽ "آزاديءَ قوم" ذريعي باب الاسلام سنڌ جي آزاديءَ جي متمني هئي- اها آزادي، جنهن ۾ 'لات' ۽ 'منات' جهڙو ڪو ڪنهن جو

دستگير ڪونهي، ڪو ڪنهن جو آقا ڪونهي، نه وري ڪنهن جوّ ڪو پوتار آهي.

انسانيت پنهنجي مربيءَ ۽ محترم، هاديءَ ۽ رسول جي تعليم ۽ هدايت موجب، معراج جي منزل تائين پهچڻ جي جدوجهد ۽ ڪامياب ٿيڻ جا سعيا ڪري رهي هئي، ته تو هڪ انسان جي حيثيت ۾ "شڪوو" لکيو: پر هينئر تعليمي سرگرمين جي توسيع سببان ۽ ان انسان ۾ نت نئين ڳالهه معلوم ڪرڻ جي قوي رجحان پيدا ٿيڻ سببان، اها ڳالهه آشڪار ٿي چڪي آهي ته روميءَ سياسيات جي ضمن ۾ ڇا ڇا چيو هو.

حيدر! توتي خدا جون رحمتون هجن، ڇو ته تو قلم جي آبرو رکي. علم ۽ قلم خدا جون نشانيون آهن، ۽ تو انهن نعمتن جي دفاع، ابلاغ ۽ افاديت لاءِ پنهنجو پاڻ قربان ڪيو. سوچڻ ۽ اظهار راءِ جي آزادي اسلام جي اعليٰ نعمتن مان آهي، ۽ جڏهن تو انهيءَ حق استعمال ڪرڻ ڪي پنهنجو قرض سمجهيو ته تو هڪ طرح اعلان ڪلمته الله بلند ٿي ڪيو، پر ماحول ۽ ماڻهن ان ڪي نه سمجهيو. انهن ماڻهن جي مزاج، تربيت ۽ تفهيم لاءِ جديد تطرين ڪي سمجهڻ ۽ مڃڻ مشڪل هو ۽ توکي ناڪاميءَ جو بارها مقابلو ڪرڻو پيو، پر تنهنجن تجربيڪار ڪلهن تي جيڪو جوان سر هو سو ڪڏهن سرنگون ٿي نه سگهيو. تنهنجيءَ فطرت ۾ فتح نه ٿيندڙ عزم، انتقامي محاذ جي اپياس ۽ پيش پوڻ يا آڻ مڃڻ کانّ انڪار واري استقلال جا جيڪي سدا جوان جذبا هئا، تن زمان ۽ مڪان جي بندشن سان هميشه بغاوت ڪئي، ۽ اها بغاوت حقيقت ۾ تعمير مستقبل لاءِ تنهنجي انفرادي پر بيمثال جدوجهد ۽ قرباني هئي ۽ اجتماعي طور انساني ضمير ڪي للڪار. اها حقيقت آهي ته حق ۽ صداقت وارن جي مخالفت ڪرڻ ۽ ڪين اذيتون پهچائڻ لاءِ دنيا وارن هر عهد ۾ قتل جي ڪنهن نه ڪنهن حيلي ۽ تذليل جي ڪنهن نه ڪنهن ذريعي ۽ وسيلي جي تلاش پئي ڪئي آهي، ۽ هو ان ۾ بهرحال ڪامياب رهيا آهن. جتي ۽ جڏهن به هنن ڪنهن کي حق ۽ اصلاح جي راهه ۾ سرگرم ۽ سندن پنهنجين نفس پرستين جي راهه ۾ مخل ڏٺو، ته جهٽ ڪونه ڪو الزام هڻي، شريعت جي حد لڳائي، عوام ۽ حڪومت ٻنهي کي ان فتني جي پٺيان لڳائي ڇڏيو. هر

زماني جي حالتن ۽ عوام جي ميلان ۽ اعتقاد مطابق، سندن الزام ۽ طور طريقا بدلجندا رهيا ۽ هٿيار تبديل ٿيندا رهيا، پر وأر سيني تي هڪ ئي طرح خونخوار ۽ موتمار رهيو.

تنهنجي زندگيءَ ۾ ته تنهنجو قدر ڪونه ٿيو، پر هينئر، تنهنجي لاڏاڻي کان پوءِ، بيشمار اکيون آشڪبار، دليون المناڪ ۽ ذهن پريشان نظر اچن ٿا. موجوده دور ۾ تنهنجو موت فرد واحد جي رحلت ڪانهي، پر هڪ جذبي، ولولي، مقصد سان دلي لڳاءُ ۽ عوامي جدوجهد جي هڪ زرين باب جو خاتمو آهي.

حيدر! خدا جون رحمتون تو مٿي ان وقت به هيون، جڏهن ماحول تنهنجو ساٿ ڪونه ڏنو، ۽ حق جي ڪلمي بلند ڪرڻ واريءَ تنهنجيءَ جرئت منصوريءَ کي هڪ ڏتڙيل حال، بيوس ۽ پنٺي پيل، غافل سنڌيءَ جي بغاوت لاءِ جسارت سمجهي، توکي ڪيمبل پور جي جيل ۾ بند ڪيو ويو. اهو رحمتِ الاهي جي نزول جو سمو هو، ۽ هڪ مردِ مجاهد، غلام جيلاني "برق" جي ملاقات تنهنجي بيدار ذهن ۾ خوابيده نُور جي تجليءَ کي جاڳايو، ۽ تو ۾ تدبر في القرآن جي آرزو جوان ٿي. مون کي خبر آهي ته تنهنجو اهو تجسس بارآور ٿي نه سگهيو، ڇو ته جيل جي جسماني اذيت واري دور ۾ ته تو روحاني رموز جا راز معلوم ڪندي صحيح مسرت محسوس ڪئي، ۽ قرآن جي اڀياس جو ڪم پڻ خاطر خواهه رفتار سان ٿيندو رهيو، پر جيئن تون وري آزاد ٿي ٻاهر آئين ته تو غلاميءَ ۽ انسان آزاريءَ جو اهڙو اندوهناڪ عالم ڏٺو جو ان جي مشاهدي تنهنجي مطالعۂ قرآنِ وري سرگرمين تي برو اثر وڌو — ۽ صد افسوس، اهو تاريخي ڪارنامو اڌورو رهجي ويو!

الحمد الله مان مسلمان آهيان، ۽ ايمان اٿم ته عملن جي اجر جو مدار نيتن تي آهي — ۽ قرآن جي مطلب ۽ رموز سمجهڻ جي تنهنجي تمنا ۽ تفسير لکڻ جي آرزو يقيناً اهڙي نيت هئي، جيڪا عظيم انسان جي وصف ٿي سگهي ٿي، ۽ تنهنجي انهيءَ عمل جي جزا باري تعاليٰ جون بي شمار ۽ اڻ ڪٿ رحمتون آهن، جيڪي تنهنجي مقدس مزار تي وسجي رهيون آهن — ۽ اهو نينهن جو نظارو چشمِ بينا کان ڪڏهن به پوشيده نه رهيو آهي.

سنڌ جو ماضي جيترو قديم ۽ پرشڪوه آهي، ايترو پراسرار ۽ معنيٰ خيز. پنجابي چوڻيءَ موجب، "سنڌ صادقاً" آهي، يعني انهيءَ درياءَ تي آباد ماڻهو سچا، پڪا ۽ صاف آهن. پر هن علائقي جي سياسي ۽ سماجي، تمدني ۽ ثقافتي تاريخ اندوهناڪ غمن جو داستان آهي، جنهن جي صفحي صفحي تي اسان جي باهمي نفاق ۽ رقابت جون عبرت آميز ڪهاڻيون نظر اچن ٿيون. انهن مان هڪ نمائنده ڪهاڻي حيدر بخش جتوئيءَ جي زندگي آهي، جنهن جو دنيوي وقت جي حساب سان دور ستر سال رهيو.

موهن جي دڙي جي پاڪ، صاف ۽ سوجهري واريءَ مٽيءَ مان، 1901ع ۾، بڪي ديري ۾، حيدر بخش ڄائو. انهيءَ مٽيءَ جو ضمير تاريخ ۾ وڏو مٽيادار رهيو آهي، ۽ اسلام جي تجلي ان ۾ گويا جوهري توانائي پيدا ڪئي. اهو علائقو سنڌ جي تاريخ ۾ هميشه آباد، آسودو ۽ خوشحال رهيو آهي، ۽ انهيءَ سببان تاريخ جي هر تحريڪ ۾ "چانڊڪي" جي ماڻهن پرپور حصو ورتو ۽ زندگيءَ جي مختلف فلسفن ۾ تحقيق ۽ اشتراڪ عمل جو مظاهرو ڪيو. انهيءَ آسودگيءَ سببان ئي سنڌ جي مختلف شهرن جي ڪن بيدار مغز ۽ عوامي خدمت جي جذبي سان سرشار نوجوانن لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي عملي جدوجهد شروع ڪئي. پر جيئن ڇوندا آهن ته جتي گل هوندا اُتي خار به هوندا، ۽ جتي پهاڙ آهن اتي واديون به ٿين ٿيون، تيئن هڪ طرف هتي جي ماڻهن فڪر ۽ عمل جي ميدان ۾ ڪامياب ڊوڙون پاتيون ته ٻئي طرف "اِن الانسان ظلوما جهولا" جو عملي مظاهرو به ڪيو.

حيدر بخش جتوئيءَ جيئن پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي بعد سوچيو ۽ سمجهيو، تيئن ان تي آزاديءَ سان عمل ڪرڻ تي چاهيو. سندس فڪر ۽ عمل جو تجزيو ته تاريخ ڪندي، پر هن پنهنجي عزيز زندگي، جيڪا خداوند ڪريم جي وٽس امانت هئي، ۽ عمل ۽ خدمت ان جو مقصد هو، تنهن جا اڌائي هزارن ڪان به وڌيڪ ڏينهن قيد ۽ بند جي صعوبتن، پنهنجن ۽ پراين جي دشنام طرازين ۾ گذريا، ۽ انهيءَ عرصي ۾ سندس تر جو هڪ نه ٻيو ماڻهو برسر اقتدار پئي رهيو.

حيدر بخش جتوئي هڪ انسان هو، ۽ خدا انسان جي فطرت جو لاينفق

حصو آهي. پر هو صحيح معنيٰ ۾ ترابي هو. سندس مزاج فاروقي ۽ ارادو حيدري هو. هو سخن ور شاعر ۽ بي خوف اديب هو. هو خدا جو منڪر ڪونه هو، پر بتن جي خدائيءَ ۽ بيهمانه صفن وارن انسانن جي بندگيءَ سان ڪفر ڪان به وڌيڪ نفرت ڪندو هو. هو خاڪ جو پتلو ضرور هو، پر خدا جي نُور کان جدا ڪونه هو. هو سنڌ جو هڪ درخشنده ستارو هو، جيڪو پنهنجيءَ عظمت ۽ جلال کان بيخبر، فُقر تي فخر ڪندڙ ۽ موليٰ جي مخلوق جو سچو سائين هو.

هن داعيءِ اجل جي آواز تي لبيڪ چئي لاڏاڻو ڪيو. سندس روح هن فاني ۽ مادي دنيا ۾ جنهن اجتماعي سُڪون ۽ طمانيت جو متلاشي هو، سو ڳيس پنهنجي پروردگار وٽ مليو، جو تحقيق ساترالعيوب، غافر الذنوب، قادر ڪريم ۽ رب رحيم آهي، جنهن جي لاءِ سڀ ستائش ۽ بندگي آهي. حيدر بخش جتوئي هڪ انسان هو، جنهن جي زندگيءَ جو مقصد خداوند ڪريم جي بندگيءَ ۽ اقرارِ عبوديت جو عملي مثال پيش ڪرڻ هو. پر سندس طريقو نِه محض انساني هو، ۽ نه آفاقي. انسان جون خطائون خدا ئي بخشيندو، جنهن جو پاڻ اقرار ڪيو اٿس. باقي حقوق العباد جي سلسلي ۾ ’حيدر‘ تي يقيناً خدا جون رحمتون هونديون. هو سنڌ وارن لاءِ زنده رهيو، ۽ انهن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي، ’جيئي سنڌ‘ چوندي هليو ويو– اتي، جتي اسان سڀني کي هلڻو آهي. پر ’حيدر‘ جو لاڏاڻو هڪ سچاجهڙي ۽ نيڪ نيت سنڌي سپوت جوَ وداع آهي، جنهن جي مرقد مان اڄ به هيءَ صدا بلند ٿيندي رهي ٿي: جيئي سنڌ!

– ليکڪ: ڪريم بخش خالد

ماهوار ”نئين زندگي“ ڪراچي، سنڌ، جون– جولاءِ 1970ع تان ورتل.)



ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي 10 آگسٽ 1969ع تي ڪراچيءَ ۾ گرفتاريءَ کان اڳ بنگلاديش جي اڳوڻي صدر شيخ مجيب الرحمان ۽ سندس ساٿين سان گڏ ورتل فوٽو.

ادب ۽ سياست، عوام لاءِ

(1)

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ آءٌ بيئي، اِئين ڏسجي ٿو تہ، پنهنجي پنهنجي زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ ڪجهہ Late starters هئاسون. هُن بي. اي. عمر جي چويهين سال پاس ڪئي، ۽ مون ٽيويهين سال. هو يارهن سالن جي عمر ۾ ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهڻ ويٺو، ۽ مون بہ، پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول ۾ ڪجهہ دير سان داخل ٿيندي، ۽ پوءِ پڙهندي پڙهندي، ڪنهن نہ ڪنهن سبب، چار سال کن عمر جا ضايع ڪيا. بهرحال، بنهي اسان کي پنهنجي ننڍپڻ ۾، ۽ پڻ پڙهائيءَ ۾، اِئين لڳي ٿو تہ لڳ ڀڳ ساڳيو ماحول مليو: گهرو ماحول پورهئي جو، غربت جو ۽ ڪجهہ مذهبي؛ اسڪولي ماحول پڻ مذهبي رنگ جو- ڪامريڊ لاڙڪاڻي مدرسة السلام مان مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ مون ڪراچيءَ جي مدرسة الاسلام مان؛ ۽ ڪاليجي ماحول تہ هوئي ساڳيو، جو ڪراچيءَ جي ساڳئي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مان (البت ڇهن سالن جي وٿيءَ سان) بي. اي. پاس ڪري نڪتاسين.

(2)

ڪراچيءَ ۾، تعليمي ماحول کان ٻاهر، اُنهن ڏينهن ۾ خاص طرح ٿياسافيءَ جي تعليم ۽ تحريڪ جو پڙهيل حلقن ۾ ڪافي چوٻول هو. سو جيئن آءٌ قبلہ محترم سائين جي. ايم. سيد ۽ سنڌن دوستن ۽ بزرگن- جمشيد نسروانجي، غلام علي چاڳلا، دادا چيتمل پرسرام، حاتم علوي، دادا ڪيول رام شهاڻي، ڏيوان سام جئسنگهاڻي، سائين اين. بي. ٻيٽاڻي، ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ ٻين اهڙن درويش صفت انسانن جي صحبت مان، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح، فيضياب ۽ اُنهن جي مثالي ڪردارن کان متاثر ٿيس، تيئن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بہ ضرور ٿيو، بلڪ ڏسجي ٿو تہ پاڻ بہ رتيون ڪسر- ڇو تہ هو قبلہ محترم سائين جي. ايم. سيد جو تہ همعصر هو، ۽

سيٺ غلام علي چاڳلا جي پٽ احمد جو هم ڪلاسي بلڪ گهاٽو يار هو، جيئن هُن ڏانهن پنهنجي پهرئين شعري مجموعي ”تحفء سنڌ“ (1930ع) جي سنڌس انتساب مان پڌرو آهي، جيڪو بطرف حبيب شفيق احمد غلام علي چاڳلا، ڪراچيءَ“ جي قربائتن لفظن سان پاڻ ڪيو اٿن. ٿياسافيءَ جي تعليم ۽ تحريڪ سان پنهنجي تعلق جو ذڪر ڪامريڊ پنهنجي آخري انٽرويو (مارچ 1970ع) ۾ ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ سان، بنهه پُر شوق لفظن ۾، پاڻ به ڪيو آهي– ”ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو ميمبر هوس... پانيان ٿو اڄان به آهيان، ڇو ته هُنن جا اصول ته، ’سڀ انسان ڀائر آهن‘، ’سچ کان مٿي ڪو مذهب ڪونهي‘ [ٻيي بها] سونهري اصُول آهن!“

انساني سماج ۾ هوندڻ به هر نسل کان پيو نسل لازمي طور گهٽو ڪجهه سکي ٿو، پر اُنهن ڏينهن ۾ (آءُ پنهنجي تجربي جي آڌار تي چئي سگهان ٿو)، اِن سلسلي ۾ اسان جي گهرن، اسڪولن ۽ اعليٰ تعليم گاهن ۾ ۽ ٻاهر جي سڄي سماج ۾، ننڍيءَ ٿهيءَ کي ادب ۽ فضيلت جي ڳالهين ۽ زندگيءَ لاءِ مانائتي ۽ ڳنڀير رَويي رکڻ ڏانهن زياده مائل رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي– ڇو ته سڄي ٿڌوڪي سماجي زندگي پنهنجي ٿي نوع سان پر هڪ طرح جي وزن، ضابطيءَ انتظام تي ٻيڻل هئي ۽ هلندي ٿي رهي، ۽ ماڻهن ۾ پنهنجي پنهنجي ذاتي آزارن ۽ جهمگهٽن ۾ ايڏي غلطاني ۽ انسپاني آسپاس کان ايڏي بي تعلقي يا بيزاري ڪانه هئي.

1934ع ۾ جڏهن مان ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيس، تڏهن ڪاليج کان اٽڪل ٽن ميلن تي سولجر بزار جي ايراضيءَ ۾ تازو تعمير ٿيل مسلم ڪالونيءَ ۾ قبلہ محترم سائين جي. ايم. سيد جي بنگلي، 126- حيدر منزل، ۾ رهائش جي سهولت نصيب ٿيم، جتان چارئي سال، اڪثر پيرين پنڌ ڪاليج ايندو ويندو هوس. بندر روڊ تي، ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ آفيس (هاڻوڪي ريڊيو، پاڪستان، ڪراچيءَ) جي بلڪل سامهون ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي بلڊنگ هئي (اڄان به آهي)، جتان لنگهندي، اُنهن جي هفتيوار ليڪچرن ۽ ٻين سماجي، ثقافتي تقريبن بابت اڪثر ڳاڙهي ڪپڙي جي بئنر تي وڏن اکرن ۾ لکيل اعلان پڙهندو هوس، ۽ پوءِ سعيو

ڪري اُهي وچي ڏسندو ۽ پڙندو هوس. اهڙي ئي ڪنهن پئي يا ٽئين موقعي تي اُتان مون کي بن آنن (اڄ جي 13 پئسن ڪن) جي قيمت ۾، سندن 29 صفحن جو انگريزيءَ ۾ڪتابچو "Public Spirit- Ideal and Practical" جي عنوان وارو مليو، جيڪو سوسائٽيءَ جي ٿڏهوڪي پريزيڊنٽ ڊاڪٽر ائني بيسنت، جو 1908ع ۾ ڏنل، سوسائٽيءَ جي 'اديار (مدراس) پاپيولر ليڪچرس' جو پهريون ليڪچر هو، ۽ تازو پيو پيرو چپجي اُنهن ڏينهن ۾ پڌرو ٿيو هو. شروعات اُن ليڪچر جي هيئن ٿيل هئي:

" دوستو، اڄ جي پنهنجي سوچ لاءِ هيءُ جو 'خدمت عام جي جذبي' جي چڱائين کي مون هٿ ۾ ڪنيو آهي، سو اِنهيءَ لاءِ ته سالن جا سال جيڪي مان هتي رهي آهيان، مون اُهو سچو وقت، بلڪ ماڻهن کي ٽڪائي ڇڏڻ جي حد تائين، هڪ ئي خيال جو پرچار ڀئي ڪيو آهي؛ ۽ اُهو هيءُ ته سڌارا ڪهڙا به، عام يا خاص قسم جا، پنهنجن مقصدن ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا، جيستائين جو هندستان جا رهواسي مسئلي جي بنياد ڏانهڻ ڌيان نه ڏيندا، ۽ اُهو مسئلو آهي منجهن 'شخصن جي، فردن جي، اخلاق جي تعمير'. ڪابه هلچل، ڪابه تحريڪ، جيڪڏهن قوم جي اڏاوت ۾ مددگار ٿيڻي آهي، ته اُن جي ڪاميابيءَ لاءِ اوچو اخلاق هڪ اٽل ضرورت آهي. ڪنهن به تحريڪ جو مقصد ڪهڙو به ۽ ڪيترو به چڱو ڇو نه هجي، اُن جي منزل ڪٿي ڪا بهترين ۽ اعليٰ ترين ڇو نه هجي، پر اُها تحريڪ ناڪام ئي ٿيندي، جيڪڏهن اُن جا هلائيندڙ اعليٰ اخلاق جا مالڪ نه هوندا ۽ ديانتدار، 'خدمت عام جي جذبي' سان ڀرپور ۽ سچار نه هوندا. اوهين ڪو سٺو گهر پُٽين سِرن سان اَڏي ئي نه سگهندا؛ اوهين خراب ۽ پست اخلاق رکندڙ شهر واسين جي اجتماع سان ڪا عظيم قوم ڻاهي نه سگهندا. جيئن ڪا گهَر جي جاءِ اُن جي سِرن کان الڳ نه هوندي آهي، تيئن ڪا قوم به پنهنجن شهر واسين کان الڳ نٿي ٿِي سگهي. شهر واسي ئي قوم آهن، ۽ جهڙو اُنهن جو اخلاق هوندو، لازمي طرح سندن قوم جو اخلاق به اهڙو ئي هوندو... بس اِهو ئي سبب آهي، جو آءٌ هندستان جي ماڻهن تي اِهو زور ڏيندي رهي آهيان ته هو پاڻ وٽ تعليم ۽ تربيت جو اهڙو نظام قائم ڪن، جنهن ۾ لازمي جُز يا حِصو اخلاق جي تعمير هجي- ڇو ته

جيڪڏهن هِتي هڪ عظيم قوم جي تعمير ٿيڻي آهي، جيڪڏهن متحده هندستان، جيڪو اسان سڀني جي مَنَ جو خواب آهي، انسانن جي دنيا ۾ اُهو اسان کي حقيقت جي صورت ۾ ڏسڻو آهي، تہ اُهو فقط صحيح راهہ سان تربيت ورتل شهر واسين جي هٿان ئي ممڪن ٿي سگهندو- اُهي شهر واسي جيڪي نيڪ اخلاق جا مالڪ، اعتبار جوڳا ۽ امانتدار هوندا. سچائيءَ لاءِ هڪڙي پراڻي عبراني پُستڪ ۾ لکيل آهي تہ، 'سچائي ئي قوم کي اُتم درجو ڏئي ٿي، ۽ جيڪا قوم سچن ۽ صداقت وارن شهر واسين کان خالي آهي، دنيا ۾ اُن قوم جي جٽادار زندگي ممڪن ئي ڪانهي' ... هائي، هڪ نيڪ ۽ سچي شهر واسيءَ لاءِ اخلاق جي سڀ کان وڏي صفت آهي 'خدمت عام جو جذبو'. 'خدمت عام جو جذبو' ڪونهي تہ قوم بہ ڪانهي. حقيقت ۾ 'خدمتَ عام جو جذبو' ئي آهي، جيڪو قومي عمارت جي اَڏاوت لاءِ بنياد جو ڪم ڏئي ٿو..."

(3)

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو پهريون شعري مجموعو "تحفہء سنڌ" 1930ع ۾ شايع ٿيو، ۽ اُهو سنڌ جي ماڻهن سان سندس اُنهيءَ پيارَ ۽ خدمت عام جي جذبي جو پهريون ثبوتُ هو. اُن وقت آءٌ اڃا ٽيون درجو انگريزي پاس ڪري رهيو هوس، ۽ مئٽرڪ ڪرڻ ۾ مون کي وڌيڪ چار سال گهربل هئا. "تحفہء سنڌ" جي اشاعت تي ڪافي اختلاف اُٿيا ۽ فتوائون صادر ٿيون، پر اُن سڄي هنگامي کان آءٌ اَڄاڻ رهيس، ڇو تہ تن ڏينهن ۾ جنهن اسڪولي فضا ۾ آءٌ پڙهي رهيو هوس- ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جتان فارغ ٿي نڪتو هو- اُن ۾ اهڙين ڳالهين جي گرما گرم ڇوڳبول جي گهٽ گنجائش هئي. 'اسلامي مدرسن' ۾ اسان جي حالت اِئين هوندي هئي جڻ معصومن کي واڙي ڇڏجي: سبق وٺڻ ۽ ياد ڪرڻ، راندين ڪرڻ ۽ نمازن جي پڙهڻ- يا اُنهن کان نٽائڻ- ۾ اسين پوڙا هوندا هئاسون. ڪم از ڪم آءٌ پاڻ تہ پنهنجي پاڻ ۽ پنهنجن هم ڪلاسين ۽ ويجهن مٽن مائٽن جي دنيا ۾ ئي ذهني توڙي جذباتي طور پورو واڳيل ٿي رهيس. مئٽرڪ جي پوين ٻن درجن ۾ سو اسان کي انگلنڊ جي تاريخ مان هائوس آف ڪامنس ۽ هائوس آف لارڊس،

پارليامينٽ بمقابلہ آپيشاهي، شهري حقن ۽ ذميدارين، اسپين ۽ فرانس سان انگلنڊ جي لڙاين ۽ اُنهن جي سببن ۽ اُنهن ۾ انگريز قوم ۽ اُن جي قومي سورمن جي وطن دوستيءَ ۽ جان نثاريءَ جي مثالن جي ڄاڻ ملندي ٿي رهي. البت ڪاليج ۾ پير رکڻ کان پوءِ اخبارن ۽ رسالن جي پڙهڻ، انگريزيءَ جي باغي شاعرن- شيلي، ڪيٽس، بائرن وغيره جي اُتاهسڪ نظمن جي مطالعي، سماجي اهميت جي انگريزي ڊرامن، لارڊ مارلي جي "On Compromise" جهڙن سياسي تعليم جي فڪر انگيز ڪتابن جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جا موقعا مليا. 1938ع ۾ بي. اي. ڪرڻ کان پوءِ سرڪاري نوڪريءَ بدران پنهنجي مادر علميءَ، سنڌ مدرسي، ۾ استاد ٿيس، ۽ اُتي استادن جي لئبريريءَ مان خاص طرح وليم ڊريپر جو ڪتاب، ٻن جلدن ۾ "History of the Intellectual Development of Europe" ۽ جين جئڪس روسو جي آپ بيتي "Confessions"، ڇهن جلدن ۾ پڙهيم. ٻن سالن کان پوءِ بي. ٽي. ڪرڻ لاءِ بمبئيءَ ويڻ ٿيو، ۽ اُتي ڪاليج لئبريريءَ مان ٿامس ڪارلائل جو "The French Revolution"، ائبٽ جو "Napoleon Bonaparte"، جادوناٿ سرڪار جو "Aurangzeb Almgir" (چئن جلدن ۾) پڙهيم. تن ڏينهين يورپ ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي چڪي هئي، ۽ اُن بابت ايم. اين. راءِ جا لکيل مضمون، خاص طور سندن انگريزي هفتہ وار "Independent India" ۾ پڙهيم ۽ اِئين سندن قائم ڪيل ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي سوچ ۽ پروگرام سان روشناس ٿيس. 1941ع ۾ واپس سنڌ ۾ اُن پارٽيءَ جي ڪراچي تنظيم ۽ سندن تازي جاري ٿيل پندرهن روزه "Karachi Calling" سان وابستہ ٿيس، ۽ اُن سلسلي ۾ ايم. اين. راءِ جا تقريباً سڀ ڪتاب، جيئن "Historical Role of Islam"، "From Savagery to Civilization"، Scientific Politics ۽ ٻيا پڙهيم. سياست جي اُن تعلق سان سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جي ڪارگذاريءَ ۽ سنڌ جي سياست تي سوچڻ ۽ اُن کي سمجهڻ لڳس. ٿنڪرس لئبريريءَ جا ڪتاب پڙهڻ شروع ڪياسين. اُنهن ئي ڏينهن ۾ دادا چيتمل پرسرام جي ڏس تي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي ڪائونٽر تان ائني بيسنٽ جي جوان عمريءَ جي ليڪچرن تي مشتمل "History of the Great French Revolution- From the Standpoint of the People" ۽ ڪامريڊ برڪيت

عليءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل، پرنس ڪروپاتڪن جو ڪتابڙو "نوجوانن ڏانهن"، ۽ پيا به ڪيئي اِن نوع جا ۽ ڪميونسٽ مئنيفيسٽو سميت 1917ع جي سوويت انقلاب جا ننڍا وڏا ڪتاب هٿ آيم، جيڪي مون من جي وڏي هڪ ترنگ ۽ جولان ۾ پڙهيا ۽ وري وري پڙهيا- جن ۾ ٻن ڪتابن، هينري جارج جي "Progress and Poverty" ۽ ڪروپاتڪن جي ٻئي ڪتاب "Mutual Aid" جو مون تي خاص اثر ٿيو. طبيعت جي انهيءَ ڪيفيت ۾ هوس، جو 1945ع ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ هيءَ خبر وڄ جي چمڪات جيئن پکڙجي ويئي، ۽ منهنجي ڪنن به ٻڌي ۽ ماڻهن جي چهرن تي سَرهائيءَ جي صورت ۾ منهنجي اکين به ڏٺي، ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ وڏيءَ سرڪاري نوڪريءَ کي ٺڏو هڻي، ڇڏي ڏنو آهي، ۽ هارين جي سک سلامتيءَ ۽ اُنهن جي عزت ۽ آجائيءَ لاءِ اُنهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳو آهي! ترت ئي پوءِ، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو پيو شعر جو ڪتاب "آزاديءِ قوم" (مارچ 1947ع) پڌرو ٿيو، ۽ سنڌ ۾ اُن جو هر هنڌ ذڪر ٿيڻ لڳو. پنجن مصرعن جي 171 بندن تي مشتمل اُهو طويل نظم مون به پڙهيو، ۽ اُن جي هر صفحي تي ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ ٻين سمجهاڻين ۽ حوالن جي موجود هوندي به، مون کي ياد آهي ته اُن جي هر بند جي آخري مصرح ۾ "آزاديءِ قوم" جي رديف جو بامعنيٰ استعمال اڪثر هنڌن تي وري وري پڙهڻ ۽ غور ڪرڻ کان پوءِ ئي مون کي سمجهه ۾ اچي ٿي سگهيو، پر جيستائين اُهو سمجهه ۾ نٿي آيم، تيستائين مان اُن بند کي وري وري پڙهندو ٿي رهيس- ايترو سچي اُن نظم منهنجي من کي جهٽي پاڻ وٽ سوگهو ڪري ڇڏيو هو.

جون 1947ع ۾ مون سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ڏانهن کليل خط لکيو- انگريزيءَ ۾ ۽ سنڌيءَ ۾- جو اخبارن ۾ ڇپيو، ۽ اُهو پترن ۽ ڪتابچن جي صورت ۾ عام ورهايو به ويو؛ ۽ اُهي 26 جون تي پاڻ ڪٺي اسيمبليءَ جي دروازي تي بيهي، هڪ هڪ ميمبر کي هٿ ۾ ڏنم، ڇو ته اُن ڏينهن هو پاڪستان آئين ساز اسيمبليءَ سان سنڌ جي شموليت جو فيصلو ڪري رهيا هئا. اسيمبليءَ جا مسلم ليگي ميمبر سڀ سيد، مير، پير ۽ وڏيرا هئا، ۽ وڏيءَ ڏانڊل سان اڪثريت ۾ چونڊجي آيا هئا- هڪ به اُنهن ۾ عام ماڻهن

مان نہ هو- جن لاءِ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ، اڳتي هلي، ون- يونٽ جي حوالي سان، پنهنجي هڪ انقلابي نظم، "اي سنڌي وڏيرا، ڪجھہ انسان ٿيءُ!" 1967ع ۾ چيو هو:

"وڏيرا وطن پنهنجو هارائي ويٺا؛
"مٽيءَ سنڌ پنهنجيءَ کي مارائي ويٺا؛
"حقن پانهنجن کي ڪهارائي ويٺا؛
ٻچن مائرن کي رئارائي ويٺا؛
"تڏهن ٻي آ دعويٰ: 'پهلوان آهيون!'
"اجان ٻي چون ٿا تہ 'انسان آهيون' "

اُن منهنجي خط ۾ اُنهن کان طلب ڪيل هئي تہ سنڌ لاءِ اُنهيءَ شموليت جي فائدي ۾ پنهنجي فيصلي سان گڏوگڏ، پاڪستان جي آئين ۾، ٻين شرطن ۽ ضمانتن سان گڏ، هو مارچ 1940ع واري پاڪستان ريزوليشن ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي آئين ۾ خصوصي طور بيان ڪيل اغراض و مقاصد مطابق، سنڌي قوم لاءِ، پاڪستان جي هڪ شريڪ قوم طور، Autonomy (خود حڪومت) ۽ Sovereignity (ڪل اختياريت) جي درجي ۽ حيثيت جو واضح لفظن ۾ شرط رکن! اُن کان اڳ منهنجو انگريزي ڪتاب "Save Sind, Save the Continent- From Feudal Lords, Capitalists and their Communalisms" (سنڌ بچايو، براعظم بچايو- جاگيردارن، سرمايہ دارن ۽ اُنهن جي فرقہ پرستين کان!") بہ شايع ٿي چڪو هو، جنهن جيءَ سزا طور آءٌ پنهنجي مادر علميءَ جي ملازمت کان علحده ڪيو ويو هوس.

(4)

اُنهن ئي ڏينهن ۾ پوءِ آءٌ ڪامريڊ حيدر بخش سان پهريون ڀيرو روبرو ملڻ جو سوچيو، ۽ ڪين اڳوات اطلاع موڪلي، حيدرآباد جي (هاٿوڪي) "حيدر چوڪ" وٽ سندن گهر تي (جيڪو تڏهن بہ "حيدر گهر" سڏبو هو) وڃي حاضر ٿيس. پاڻ مون سان وڏي جذبي سان مليا. منهنجي خوش قسمتي هئي، جو اُن موقعي تي پاڻ منهنجي پوءِ بنهہ جگري يار بٽيل، ميان محمد عثمان ڏيپلائيءَ کي بہ گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت ڏيئي گهرايو

هٺائون. ۽ پوءِ اسان تنهي ڪافي گهڻي دير ويهي، ۽ دليون کولي، ڪچهري ڪئي. پنهنجي ڇهنجي مطالعي جون ڳالهيون ڪيونسين، اصولن ۽ عقيدن جو ذڪر نڪتو، ۽ آل انڊيا سياست جي چڪر ۾ پنهنجا سنڌي سياستڪارَ ۽ سياستدانَ جنهن ڪمال صفائيءَ سان رُڌ ڪُڌائي، رڳو پنهنجي ذاتي آنا ۽ طبقاتي مفادن جي پنيان المبست تي، پاڻ کي ۽ پنهنجي وطن ۽ قوم کي اوڙاهه ۾ اُڇلي رهيا هئا بلڪ اُڇلي چڪا هئا، اُن لاءِ پاڻ تي، اُنهن تي ۽ دنيا جهان ۽ اُن جي سچيءَ 'ڪارسازيءَ' ۽ 'ڪارفرمائيءَ' تي پنهنجي خاص ڪاريگريءَ ۽ قدرتَ جي دعويدارن تي خوب چوهه چنڊياسين. انهيءَ طرح، انساني عقلَ ۽ آسماني عقلَ، ۽ بنهي جي پهچَ ۽ معتبريءَ جي ڪچ- تورَ به ڪئيسين، ۽ سچيءَ اُن ڏڪئيءَ صورتحال (The sorry state entire) جي سمجهڻ ۽ اُن جي ڪنهن قدر پورائيءَ بلڪ تلافيءَ لاءِ جو ڪجهه ٿي ٿي سگهيو، اُن تي آچاريو ويچاريوسين. اُن موقعي تي، ڪامريڊ حيدر بخش کان مون کي هڪڙي ڪنهن گمنام ڏاهي جي هڪ املهه ڳالهه به ملي، جيڪا مون سدائينءَ لاءِ پنهنجي ڳنڍ ٻڌي ڇڏي:

"The serenity to accept the things
I cannot change;
"The courage to change the things
I can; and
"The wisdom to know the difference."

يعني: "اُهو صبرُ جيڪو قبول ڪري شيون، جن کي بدلائي نٿو سگهان؛
اُها هِمّت جنهن سان بدلايان شيون، جن کي بدلائي ٿو سگهان؛ ۽
اُها ڏاهپ جيڪا اِنهن ٻن ڳالهين جو فرق مون کي سمجهائي!"

ڪامريڊ حيدر بخش سان پوءِ مون ڊاڪٽر آئي بيسنت جي"Public Spirity" واري ليڪچر جي ڳالهه ڪئي، ۽ منهنجي خوشيءَ جي حد نه رهي، جڏهن پاڻ ٻڌايائون ته اُهو ڪتاپچو سندن پڙهيل هو، بلڪ سنڌ قومي شعور جي اوائلي دور ۾ خاص طرح، مٿن اُن جي خيالن جو تمام گهڻو اثر رهيو هو! اُن کان پوءِ، پاڻ مون کان خاص ٻن انگريزيءَ ڪتابن- ٿامس پين جي "Age of Reason" ۽ اينگرسال جي Essays- بابت پڇيائون: ڇا، اُهي مون پڙهيا هئا! ٿامس پين جي سوانح ۽ فڪر متعلق اُنهن ڏينهن جي ٻئي

مشهور انگريزي ڪتابن جي سلسلي "The Living Thoughts Library" جو ڪتاب "Tom Paine" منهنجو پڙهيل هو، جنهن ۾ پين جي ٽن مشهور ڪتابن "Common Sense"، "Rights of Man" ۽ "Age of Reason" بابت گهڻو ڪجهه لکيل هو؛ پر "Essays of Engersall" منهنجو پڙهيل نه هو. ڪامريڊ حيدر بخش، اهو ٻڌي، فوراً اُٿيو، ۽ پنهنجي ذاتي لئبريريءَ مان اُهو ڪتاب ڪڍي آيو ۽ مون کي ڏنائين، اُن جي پڙهڻ جو خاص تاڪيد ڪيائين، ۽ خوش خوش، پاڻان ٻڌايائين ته اُن ڪتاب جي پڙهڻ جو پهريون ڏس ڪيس ڊاڪٽر دائودپوٽي ڏنو هو. منهنجي ۽ ڪامريڊ حيدر بخش ۽ ڏيپلائيءَ جي وچ ۾، اُن ڏينهن واريءَ اُن پهرينءَ گڏجاڻيءَ جي ياد، روحاني ڳانڍاپي طور، پوءِ اسان ٽنهي جي دلين ۾ هميشه موجود رهي، ۽ مون وٽ ته اُها سدا بهار ياد اڄ به اُنهيءَ طرح ئي محفوظ آهي– ۽ جيستائين اُها مون وٽ اُئين آهي تيستائين سچ ته ٻين منهنجن يارن سان گڏ اُهي ٻيئي يارَ به مون کان ڪڏهن الڳ نه آهن.

(5)

30 ۽ 31 مئي 1948ع تي، رتي ديري جي ڪُل سنڌ هاري ڪانفرنس ۾، آءٌ به سائين جي. ايم. سيد سان گڏجي، شريڪ ٿيس، جتي ڪامريڊ حيدر بخش پهريون ڀيرو سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو. اُن ڪانفرنس ۾ سائينءَ جي. ايم. سيد جي چوڻ تي مون ٽي ٺهراءَ انگريزيءَ ۾ لکيا، ۽ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيم، جيڪي ڪامريڊ حيدر بخش کي به بيحد وڻيا، ۽ سندن صدارت هيٺ اُهي ٺهراءَ پوءِ ڪانفرنس ۾ پاس ٿيا، جي پريس کي موڪليا ويا، پر ڪٿي به ڪنهن اخبار ۾ اُهي ڇپجي نه سگهيا– پاڪستان ۾ شروع کان ئي، خاص طور سنڌي عوام جي قومي مفاد جي سلسليَ ۾، پريس بندي‌ءَ جو اهو حال هو. سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ هنن ٺهرائن جي تاريخي اهميت جو احساس رکندي ۽ اُنهن جي ڪامريڊ حيدر بخش سان اُن موقعي جي نسبت سبب، اُنهن جو سنڌي متن هتي پيش ڪرڻ بيجا نه ٿيندو.

ٺهراءُ پهريون:

سنڌ متعلق (On Sind)

"سنڌ جي هارين جي هيءَ ڪانفرنس هن پختہ راءِ جي آهي ته جيڪڏهن پاڪستان کي مستحڪم ۽ مضبوط بنائڻو آهي ته اُهو فقط پاڪستان ۾ شامل

تيل سمورن صوبن جي رضامندي ۽ رضاڪارانه تعاون سان ٿيّ ٿي سگهي ٿو. آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور واري ٺهراءَ جي بنياد تي ئي پاڪستان حاصل ڪيو ويو آهي. اُن ٺهراءَ ۾ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ سمورن صوبن لاءِ 'خود حڪومت ۽ ڪُل- اختياريت' جا حق تسليم ڪيل آهن، ۽ اِئين پاڪستان هڪ وڏيڪ قومن جي اجتماع جي صورت ۾ ٿيڻ تصور ڪيو ويو هو، ۽ اُن ئي بنياد تي هاڻي سندس تنظيم ۽ تعمير ڪري سگهجي ٿي ۽ ڪرڻ گهرجي.

پاڪستان ۾ رهندڙ سنڌي، پنجابي، بنگالي، بلوچستاني ۽ سرحدي ماڻهو، باوجود اِنهيءَ جي ته هو سڀيئي مسلمان آهن، بين الاقوامي سياست جي سمورن تسليم ڪيل قانونن ۽ اصولن پٽاندر پنهنجو پنهنجو مستقل قومي وجود رکن ٿا، ڇاڪاڻ ته منجهائن هر هڪ کي پنهنجو مخصوص وطن، پنهنجي مخصوص زبان ۽ ادب، تاريخ ۽ تهذيب و تمدن، ۽ پنهنجا مخصوص سياسي، سماجي ۽ اقتصادي مسئلا، پسندگيون ۽ مفاد آهن. اِنهيءَ ڪري منجهائن هر هڪ وٽ پنهنجي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ فيصلي ڪرڻ جو حق محفوظ آهي، ۽ هو اِها دعويٰ پوري حق ۽ انصاف جي بنياد تي ڪري سگهن ٿا ته اُنهن جي اِها حيثيت پاڪستان جي وفاقي رياست جي آئين ۾ ڪنهن به رک رکاءَ کان سواءِ ۽ پوريءَ وضاحت سان تسليم ڪئي وڃي.

"مٿي بيان ڪيل حقائق جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي هارين جي هيءَ ڪانفرنس اعلان ٿي ڪري ته سنڌ جا ماڻهو، خاص قوميت جي مالڪ هجڻ جي حيثيت سان، اِهو نه منجندڙ ۽ ناقابل ترديد حق رکن ٿا ته:

(الف) هو هر قسم جي ٻاهرينءَ سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي ٻالادستيءَ کان پنهنجي آزاديءَ جي ماڻڻ ۽ اُن کي محفوظ رکڻ جو اعليٰ مقصد سامهون رکن ۽ اُن لاءِ جدوجهد ڪن؛

(ب) هو هر اهڙي اقدام کي رد ڪن ۽ اُن جو مقابلو ڪن، جيڪو سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح هنن جي وطن جي علائقائي يا اقتصادي يڪجهتيءَ کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيو وڃي يا ڪنيو وڃي؛ ۽

(ج) هو پاڪستان ۾ هر شامل قومي اِڪائيءَ سان مرڪز ۾

نمائندگيءَ جي معاملي ۾ برابريءَ جي درجي، ۽ پنهنجي قومي زندگيءَ جي اندروني ۽ گهرو دائري جي حدن اندر پنهنجي ڪل- اختياريت ۽ خود حڪومت جي ماڻ جي دعويٰ ڪن ۽ اُن لاءِ جدوجهد ڪن."

ٽهراءُ ٻيو:
هندو زميندارن جي ڇڏيل زمينن بابت

(Lands abandoned by Hindu Zamindars)

"سنڌ ڄي هارين جي هيءَ ڪانفرنس، اِهو ڄاڻندي ته حڪومت پاڪستان جي سامهون سيني مسئلن تي ترجيح مشرقي پنجاب مان نڪتل، قسمت جي ماريل لکين پناهگيرن کي آباد ڪرڻ ۽ اُجهي ڏيڻ جي آهي، ۽ پڻ اِئين مڃيندي ته اُن مسئلي جو واحد حل هيءُ آهي ته پاڪستان جي مغربي پنجاب ۽ ٻين صوبن ۾ سڄي زرعي زمين کي قومي ملڪيت ۾ ورتو وڃي، حڪومت طرفان سنڌ ۾ اُن مسئلي جي سلسلي ۾ جيڪي بلڪل اُبتا طريقا ۽ ذريعا اختيار ڪيا ۽ ظلمي اندازسان عمل ۾ آندا پيا وڃن، تن تي پنهنجي وڏي صدمي، بيحد ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪري ٿي، ڇو ته اُنهن ئي ذريعن ۽ طريقن جي نتيجي ۾ سنڌ جا اصلوڪا هاري زمين تان بيدخل ۽ پنهنجي ئي وطن ۾ پناهگيرُ ۽ خانه بدوش ٿيڻجي رهيا آهن ۽ بڻايا پيا وڃن.

"پنجاب جا جاگيرداري مفاد اڄ هڪ گنڀير چئلينج جي مُنهن مقابل آهن: سنڌن پاروتو ۽ سڙيل سڄو زميداري نظام اڄ مشرقي پنجاب کان نڪتل اُنهن لکين بي گهر ۽ بي زمين پناهگيرن جي دٻاءُ هيٺ آهي. پنجاب جا هي جاگيرداري مفادَ اڄ پوريءَ اِنهيءَ ڪوشش ۾ آهن ته هو اِن معاملي ۾ پنهنجي ذميداريءَ جو سڄو بارُ سنڌ جي ڪُلهن تي اُڇلي وجهن ۽ اِئين سنڌي هارين جي قيمت تي اُتان جي زميندارشاهي پنهنجي سڄي اِن بحران کي حل ڪرڻ گهري ٿي.

"سنڌي هارين جي هيءَ ڪانفرنس، هِن موقعي تي هڪ نهايت خطرناڪ غلط فهميءَ کي دُور ڪرڻ چاهي ٿي، جيڪا هوتئن پنجاب جي جاگيردار حڪمرانن جي متئين اجوڳ مقصد جي حمايت ۾ استعمال ڪئي

پئي وڃي. اها غلط فهمي هڪ بنهه ڪوڙي ۽ پُر فريب دليل تي ٻڌل آهي ته پناهگيرن کي سنڌ ۾ هندو زميندارن جي ڇڏيل زرعي زمينن تي آباد ڪيو پيو وڃي ۽ ڪري سگهي ٿو؛ جڏهن ته حقيقت هيءَ آهي ته اهڙيون سڀ زمينون سنڌ ۾ اچي ٿي ۽ شروع کان وٺي سنڌي مسلمان هارين جي پوکيءَ هيٺ آهن، ۽ انهيءَ طرح پناهگيرن کي اُنهن زمينن تي آباد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اُتان جا اُهي سنڌي مسلمان هاري ٿي زوريءَ بي دخل ۽ خانمان برباد ڪيا پيا وڃن- ٿرپارڪر ضلعي جي جڪراٽي ڳوٺ جو سانحو اهڙي پڌري پٽ ظلم جو هڪ ثبوت آهي.

"هيءَ ڪانفرنس انهيءَ ڪري متعلقه اختياريءَ وارن کي صورتحال جي حقيقت کان آگاهه ڪري ٿي ۽ اُن جي پوشيده ڀيانڪ نتيجن کان خبردار رکڻ گهري ٿي جيڪي سنڌ ۾ پناهگيرن جي آبادڪاريءَ جي انهيءَ طريقي ڪار جو لازمي حصو آهن، ۽ واسطيدار صوبائي ۽ پڻ مرڪزي حڪومتن کان گهُر ٿي ڪري ته اهڙيون زمينون پڪي تي سنڌي مسلمان هارين وٽ ٿي رهڻ ڏنيون وڃن ۽ ڪانئن ليز جي قيمت جي ڏهه في صدي رقم فوراً ۽ بقايا فصلن جي ڪٽڻ مهل وصول ڪئي وڃي."

ٺهراءُ ٽيون:

سياسي صورتحال

(Present Political Situation)

"سنڌ جي هارين جي هيءَ ڪانفرنس سنڌ ۾ پيدا ٿيل نهايت اڻجوڳ ۽ غلط سياسي صورتحال تي پنهنجي شديد ڳڻتيءَ جو اظهار ڪري ٿي، جيڪا مرڪزي حڪومت جي اڻ ويچاريل ۽ ڪوتاهه بين تازن فيصلن ۽ اقدامن جو نتيجو آهي: مثلاً سنڌ کان ڪراچيءَ جي علحدگيءَ جو اُرهه زوراڻون قدم، سنڌي هارين جي سندن هارپ هيٺ زمينن ۽ گهرن-گهاٽن مان بيدخلي ۽ اُنهن جي جاءِ تي زوريءَ پناهگيرن جي آبادڪاري، ۽ اُن مقصد لاءِ حڪومت سنڌ کان پناهگيرن جي آبادڪاريءَ جو محڪمو ٿي کسي ڇڏڻ، وغيره؛ ۽ متعلقه اختيار ۽ اقتدار جي صاحبن کان مطالبو ٿي ڪري ته هو پنهنجا اهي قدم روڪين، ۽ اِن باري ۾ سنڌ جي ماڻهن جي متفقه طور اظهاريل خواهشن،

اُمنگن ۽ سندن بنيادي مفادن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ انهن ڳالهين ۽ مسئلن ۾ ائين اُنهن جي هتڪ ۽ نظراندازي ڪرڻ کان بازاچن. پاڪستان جي مرڪزي اختيار جا اِهي فيصلا ۽ اقدام قومن جي اخلاقي ۽ سيني عادلاڻه ۽ منصفاڻه اصولن جي خلاف ورزيءَ جا واضح مثال آهن، جن مان اِئين ظاهر ٿو ٿئي تہ اِن سلسلي ۾ سنڌ جي ماڻهن لاءِ ٻيو ڪو رستو ڇڏيو نٿو وڃي، سواءِ هڪ جي تہ هو مرڪزي حڪومت کي ڌارين حڪومت سمجهي، پنهنجن قومي حقن جي ميڄتا ۽ حفاظت جي طلب ڪن ۽ اُنهن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪن.

”سنڌ جي هارين جي هن ڪانفرنس جو انهيءَ ڪري پختو رايو آهي تہ پاڪستان ۾ قوميتن جو مسئلو ۽ اُن مان وقت بوقت اُٿندڙ ٽڪراءَ جا اسباب، غلط فهميون ۽ اختلاف، مارچ 1940ع جي پاڪستان نهراءُ جي بنياد تي، صلاح مشوري سان ۽ پُرامن طور فقط اُنهيءَ راڄ نيتيءَ ۽ حڪمت عمليءَ سان حل ٿي سگهندا ۽ ٿيڻ گهرجن، جنهن تي عمل ڪندي سوويت يونين پنهنجي قوميتن جي اهڙي ٿي بلڪ اِن کان وڌيڪ مشڪل مسئلن کي حل ڪري سگهي آهي.“

(6)

اُنهن ٿي ڏينهن ۾ مون کي ميونسپل هاءِ اسڪول، ٺٽي، جي هيڊ ماستري ملي، ۽ ترت ئي پوءِ جڏهن اُهو اسڪول سنڌ گورنمينٽ جي تحويل ۾ آيو، تہ منهنجي بدلي حيدرآباد ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ استاد طور ٿي، جتي ڪامريڊ حيدر بخش سان گڏجڻ جا مون کي لڳاتار موقعا ملندا رهيا. هونئن تہ سائن 1947ع جي پهرينءَ گڏجاڻيءَ کان پوءِ، ڪيئي سندن يادگيريون، ذاتي توڙي قومي نوع جون، منهنجي دل ۾ محفوظ آهن، پر خاص ڪن هڪ ٻن جو ذڪر ڪرڻ هتي واجب ٿو سمجهان. ڪامريڊ سان منهنجا ايترا تہ ويجها ناتا هئا، جو هڪ ڀيري، 1949ع جي آخر ۾ شايد، پنهنجي وڏي پٽ غلام مصطفيٰ خان کي صبح سوير مون وٽ وٺي آيا– تڏهن آءٌ حيدرآباد جي ٽنڊي ولي محمد ۾ ڪاليج جي هاسٽل نمبر 6 جو هائوس ماستر هوس– ۽ پاسيرو نيئي چيائون تہ، ”مصطفيٰ جي دل ڪجهہ اُٿيل لڳي ٿي، توسان دل ريڊل اٿس، هڪ ٻہ ڏينهن پاڻ سان رهائينس تہ مَن ڪجهہ

سانت ۾ اچيس." ڪامريڊ جي غلام مصطفيٰ خان سان ڏاڍي دل هوندي هئي- هو تڏهن بي. اي. لاءِ پڙهندو هو، شعر و شاعريءَ سان شوق هوندو هوس، ۽ ڪامريڊ سان سياسي ڳالهين ۾ به واڳيل رهندو هو. سو، ڏينهُن اچا لڙيو ئي مس ۽ پکيون سانجهيون ئي نه لتيون ته ڪامريڊ موٽي آيو! اُن وچ ۾ غلام مصطفيٰ خان کي مون وٽ ننڊ ڪٽي ويئي هئي، ۽ ڪامريڊ هُن کي اٿين آرامي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ ڪچهريءَ ۾ مون سان ويهي رهيو، دير دير تائين اوپارين لهوارين ۾ لڳي وياسين، تان جو رات جو ماني کاڌيسين، ۽ پوءِ پياري مصطفيٰ جي به اک کلي، ۽ بيئي پيءُ پٽ گڏجي، کلي، خوش ٿي پنهنجي گهر ويا. اُن موقعي تي بين ڳالهين سان گڏ ڪامريڊ جي ڪتاب "زميندارشاهي عرف ڪمدار جا ڪارناما" جي رٿا طئي ٿي، ۽ پاڻ مون ڪان اُن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪنهن تحرير ڪين ڏيڻ جو پڪو واعدو به ورتائون. سندن اُهو، سنڌي ادب ۾ پنهنجي نوع جو پهريون ڪتاب، پوءِ 1953ع ۾ شايع ٿيو، ۽ اُن ۾ منهنجو لکيل، پنجن منظرن وارو، مختصر ناٽڪ "هاري ۽ تعليم" جي عنوان سان پاڻ شامل ڪيائون.

غالباً 1951ع ۾ سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيشن پنهنجي صدر- ڪامريڊ جان محمد جماليءَ جي اڳواڻيءَ ۾، سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي آڏو پنهنجا ڪافي پراڻا ۽ مضبوط مطالبا رکندي، عام هڙتال جو اعلان ڪيو. ڪامريڊ جمالي تن ڏينهن ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد جي پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ نائب ماسٽر هو. هُن سان، پيشي جي ناتي، ٽريننگ ڪاليج ۾ ساٿي هجڻ جي ناتي، ادب توڙي سياست جي ڳالهين ۾ ڪافي ڪجهه هم خياليءَ جي ناتي، منهنجي 'گهٽي ويجهڙائپ هئي. هُن کي سنڌ جي استادن جي اُن جدوجهد جي رٿا ۽ حڪمت عمليءَ ۾ شروع کان ۽ سچو وقت ڪامريڊ حيدر بخش جو ساٿ حاصل هو. اِن عرصي ۾، ٽريننگ ڪاليج مان منهنجي بدلي سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ طور ڪراچيءَ ٿي چڪي هئي، جتي مون کي سيد هاشم رضا، سيڪريٽري تعليم، حڪومت سنڌ، جي ماتحت ڪم ڪرڻو ٿي پيو. سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر توڙي منهنجا سرڪاري بالادست، هاشم رضا صاحب سميت، منهنجي ڪم مان

پوريءَ ريت خوش هئا. اُن وقت تائين اسين بورڊ جي پرنٽنگ پريس ۽ بورڊ جو هڪ بڪ اسٽال حيدرآباد ۾ قائم ڪري چڪا هئاسين. بورڊ جا ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿي ويا هئا. بورڊ جون تصنيف و تاليف ۽ ترجمي جون رٿائون نهي راس ٿي چڪيون هيون ۽ تعميل لاءِ تيار هيون. آءٌ پنهنجي آڏو سچو اُهو ڪم ائين وڌندي ڏسي گد گد ٿي رهيو هوس ۽ اُن کي فوري پنهنجي زندگيءَ جو ڪارجَ خاص (Mission) ٿي سمجهيم. ٽيسٽائين پرائمري ٽيچرس جي اسٽرائيڪ جي مسئلي جي ڪنهن طرح حل ٿي وڃڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ، سيد هاشم رضا صاحب، جنهن جي وڏن سرڪاري عملدارن مان ناموس اِها به هئي ته هو ترقي پسنديءَ ۽ روشن خياليءَ ڏانهن مائل هو، مون کي اوچتو هڪ ڏينهن پنهنجي آفيس ۾ گهرايو، ۽ ڪجهه رسمي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ پڇيائين، "مسٽر جويا، اوهين ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان ڪيئن واسطي ۾ آهيو؟" مان ڪجهه دهلجي ويس، پر دل جهلي، مون ڪين جواب ڏنو ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ کي مون پنهنجو بزرگ ۽ دوست سمجهيو ٿي؛ ساڻن منهنجي ڪا تنظيمي وابستگي نه هئي؛ سياست ۾ منهنجي دلچسپي فقط تعليمي ڳالهين تائين محدود هئي. هاشم رضا صاحب منهنجي ڳالهه ٻڌي، مون کي چيو، "مون کي اوهان جي ڳالهه تي اعتباز آهي. اوهان هڪَ مَنا تي ڪم ڪيو." هيءَ گفتگو زباني هئي ۽ زباني ئي رهي، ۽ مون پهرين سائين جي. ايم. سيد کي اُن کان واقف ڪيو- ڇو ته ساڻن منهنجي ذاتي نيازمنديءَ کان علاوه پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جا باني ميمبر ۽ اُن وقت بلڪل ئي روح روان هئا، ۽ منهنجي لاءِ بورڊ جي ڪم جي سلسلي ۾ وڏو پرجهلو هئا؛ ۽ پوءِ اُهو احوال ڪامريڊ حيدر بخش سان به ڪيم؛ ۽ ٻنهي انهن منهنجن محترم بزرگن سڄيءَ اُن ڳالهه ۾ منهنجي مؤقف جي تائيد ڪئي.

(7)

ڪامريڊ حيدر بخش ۽ منهنجي وچ ۾ پهرينءَ ملاقات کان وٺي هيءُ به ڪو آڻ- ٻوليل ۽ آڻ- لکيل وچن ٿي ويو هو ته جيڪا ڪا اسان جي لکت ڇپبي (يا ٽائيپ ٿيندي) سا هڪٻئي کي پهچائيندا سين. اِئين آءٌ ڪراچيءَ ۾

هوندو هوس يا حيدرآباد ۾، جيڪب آباد ۾ يا لاهور ۾، ڪوهاٽ ۾، خيرپور يا ڪٿي به، ته ڪامريڊ جا ڪتابچا، پترا، وضاحتون، بيانَ ۽ خط وغيره، جيئن به هو ڇپرا ڪندو هو، اُنهن جُون ڪاپيون مون کي ڪانئس ضرور پيون ملنديون هيون. اِئين آءٌ ڪوهاٽ ۾ هوس ته هڪ ڏينهن ڪامريڊ جي ٻن ٽائيپ ٿيل خطن جون ڪاپيون مون کي اچي پهتيون: اُهي مون وٽ اڄ به موجود آهن. ڏهين مئي، 1967ع تي ڪامريڊ جي ٻن تازه رچيل نظمن ”حيوان انسان“ ۽ ”سلامِ سنڌ“ جي خلاف ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ حيدرآباد، ڪامريڊ تي امن عامَ جي آرڊيننس 1960ع هيٺ ذاتي طور ڏهن هزارن جي ضمانت نامي ۽ وڌيڪ اُن لاءِ ٻن ضامنن کان ڏهن ڏهن هزارن جي الڳ الڳ ضمانت نامن داخل ڪرڻ جو آرڊر تعميل ڪيو هو، ۽ 23 مئي تي حڪومت ويسٽ پاڪستان جي هوم سيڪريٽريءَ، لاهور مان ڪامريڊ تي اُن سلسلي ۾ ويسٽ پاڪستان آرڊيننس 1963ع هيٺ ڪو فائينل نوٽيس به ڪڍيو هو. ڪامريڊ جا اُهي به خط جيڪي هڪٻئي پنيان پاڻ هوم سيڪريٽريءَ ڏانهن جواباً موڪليا هئائون، تن ۾، ٻين ڳالهين سان گڏ، پنهنجن اُنهن ٻن نظمن جون خالص ادبي ۽ علمي سمجهاڻيون ڏنيون هئائون. اُهي ٻيئي خط انگريزيءَ ۾ هئا، ۽ سڌا سرڪار- حيدرآباد جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ۽ لاهور جي هوم سيڪريٽريءَ- ڏانهن ويل هئا، ۽ اُتان جي مُرده دلين جي سردخانن ۾ مشڪل هو ته اُنهن ٿورڙي به ڪا ڪوساڻ پيدا ڪئي هجي، ۽ اُتان کان ٻاهر جي دنيا ۾ به نئو چئي سگهجي ته سواءِ ڪن ٿورن جي اُهي ڪن ڏٺا هجن. اِنهيءَ ڪري- اڄ جڏهن اُنهن کي لکئي ورهيه گذري ويا آهن، ۽ جنهن درد ڀريل دل ۽ اُن جي تڙپ ۽ ڏک ڏک سان اُهي لکيا ويا هئا اسان جا ٻوڙا ڪَنَ اُها ٻڌي نٿا سگهن- سنڌيءَ ۾ اُنهن جو ترجمو، منهنجي خيال ۾، سنڌي ادبي ۽ علمي دنيا کي ڪافي ڪجهه ڏوڏيندو ۽ اُن لاءِ سبق آموز ثابت ٿيندو. هنن خطن جو ترجمو هتي ڏيڻ اِن ڪري به ضروري آهي، جو جنهن جاگيرداري هيج ۽ حيوانيت ۽ مذهبي تاريڪ خياليءَ ۽ دقيانوسيت گڏجي، سنڌ ۽ سنڌي قوم تي تاريخ جو هيءُ پيرن ڪٺيل عفريتي طور طاري ڪيو آهي، جنهن جي پردي- کولَ ۽ مقابلي لاءِ ئي ڪامريڊ جو هيءُ سڄو شعر-

شروع کان آخر تائين– رچيل آهي ۽ سچو سندس فڪر ۽ سچو سندس جدوجهد مخصوص ٿيل آهي، اُن سندس شعر ۽ اُن جي پيغام ۽ سچي سندس مقصد حيات تي موٽ ۾ هِن عفريتي دور ۾ اُن جي داعين ۽ حامين جيڪا به تنقيد ۽ تنقيص ڪئي آهي، ۽ جيڪي به حملا ڪيا آهن ۽ زخم رسايا آهن، تن سڀني جو جواب ڪامريڊ جي پنهنجي قلم سان سندس هِنن ٻن خطن ۾ اسين ڏسي ۽ پڙهي سگهون ٿا.

پهريون خط:

حيدرآباد سنڌ– 22 مئي 1967ع

امنَ عامَ جي حفاظت لاءِ آرڊيننس 1960 هيٺ نڪتل آرڊر بابت

".............

....

"**ابتدا طور:** شاعريءَ جي فن جون پنهنجون حدبنديون آهن، تنهن سان گڏ اُن جا نيارُ ۽ اوچا اُمنگ ۽ تصوُر به آهن. مثلاً، اُن ۾ لفظ رهائي ڇڏجن ٿا، ته جيئن ٻڌندڙُ يا پڙهندڙُ پنهنجي خيال مان انهن جو پورائو ڪري؛ اُن ۾ تاثر ۽ تاڪيدَ لاءِ استعاري ۽ وڌاءَ کان ڪم ورتجي ٿو؛ اُن ۾ لفظن کي نيون معنائون ملن ٿيون ۽ اِن ڪري اُنهن جا تعبير ڪرڻا پون ٿا. شاعري سِڌي، خشڪ ۽ تُز نثر کان مختلف ٿئي ٿي، جيتوڻيڪ ڪو نثر به پنهنجي عڪس پذيريءَ ۽ سحر بيانيءَ سبب شعري بلندين تائين پهچي وڃي ٿو. جيڪڏهن شاعريءَ کي رواجي، عدم تصورائي معيارن سان ماپي سگهجي ها، ته گهڻا اعليٰ شاعر تڏهوڪو سوريءَ چڙهي وڃن ها، ۽ هيءَ دنيا ثقافتي ۽ جمالياتي طور سُڃي سڪڻي ۽ بيڪار بڻجي وڃي ها. پر خوشقسمتيءَ سان اِن ڳالهه ۾ انسانن جو فيصلو مختلف رهيو آهي؛ شاعرَ انسانيت جو شانُ سمجهيا ويا آهن، بلڪ لائق پرستش شمار ٿيندا رهيا آهن.

"ڏسجي ٿو ته هيءُ [خط جي حوالي ۾ ڄاڻايل] 'آرڊر' ۽ اُن جي ثبوت ۾ 'دليلن' جو لکندڙ شاعرن جي ٻوليءَ کان پورو باخبر نه آهن؛ هو شاعريءَ ۽ نثر جو فرق به نٿو ڄاڻي! حقيقت هيءَ آهي، جنهن ڏانهن ڌيان نه ڏنو ويو آهي، ته 'حيوان انسان' ۽ 'سلامِ سنڌ' به نظم آهن– برابر جدا جدا ڇپيل، پر

پمفليٽَ (Pamphlets) نہ آهن، رڳو پترا (Leaflets) آهن، هرهڪ رڳو هڪ پيرو پيٽي ٿيل ڪاغذ تي: ’آردر‘ ۾ اُنهن جي سلسلي ۾ لفظ 'Phrase' ڪم آيل آهي، جيڪو نثر لاءِ لکبو آهي، 'Stanzas' نہ، جيئن ٿي شعر جي حالت ۾ صحيح ڳالهہ آهي.

”**گذارش:**“(الف) پهرئين نظم ’حيوان انسان‘ ۾ مون سورهن مختصر بندن ۾ انسان جي تاريخ، هُن جي ارتقا، جيوَت جي ادنيٰ صورت مان اُبري باشعور انسان جي درجي تائين هُن جي رسائيءَ جي سچي منظر، جو جائزو ورتو آهي، ۽ هُن جي اُن ’اِعراج‘ [مٿي اُڀرڻ جي عمل] کي ضمانت چيو اٿم [بند 8، شعر 3 ۾] اِن ڳالهہ جي تہ هو اڃان بہ مٿي اُڀرندو، تان جو فوق الانسان جو رتبو وڃي ماڻيندو! اِها ڳالهہ چوندي، مون تاريخ جي دردمند ۽ دياوان شخصن کي ساراهيو ۽ ڪنورن ۽ ظالمن کي ننديو آهي؛ جتي گهڻن شاعرن گلن ۽ بلبلين ۽ شخصي محبتن ۽ حسن پرستين جي ڳالهہ ڪئي آهي، اُتي مون اعليٰ فنڪارن، سائنسدانن، عظيم جدت ڪارن ۽ جدوجهد ۾ مصروف انسان ذات جي محسنن جا ڳُڻ ڳايا آهن.

”**مارشل لا حڪومتون:** اِئين عمومي نموني ۾، مون مارشل لا جي نظامن لاءِ پنهنجي ناپسنديءَ جو اظهار بہ ڪيو آهي، جيڪي، اسان جي اِها بدنصيبي آهي، اسان لاءِ جڻ روزمره جا دستور بڻجي پيا آهن. انسان جو ضمير هن ’قانون‘ کان بغاوت ٿو ڪري، جو قانون ڪونهي. خود اِن جا مبلغ ۽ پڪا حامي بہ اُن کي رڳو عارضي اقدام طور جائز چوڻ جي هامي پري ٿا سگهن. ڇا، خود صدر ايوب 7 آڪٽوبر 1958ع تي اعلان نہ ڪيو هو تہ جيترو جلد ٿي سگهيو اوترو جلد مارشل لا لاٿو ويندو؟ ۽ پوءِ هُن اُهو واعدو پورو نہ ڪيو ڇا؟

”مون مارشل لا کي ننديو آهي، خاص طور جڏهن اُهو ملڪ جي دستوري ۽ دائمي قانون جي صورت وٺي بيهي ٿو. پاڪستان ۾ خاص اِها اِج صورت بہ ڪانهي، جو اُن صورت ڏانهن يا اهڙي ڪنهن خاص شخص لاءِ ٿي چيل سمجهي سگهجي.

”مون رڳو مارشل لا جي خصوصيتن جو عمومي اظهار طور ذڪر ڪيو

آهي. مون چيو آهي تہ فوجي ڊڪٽيٽر ملڪ (دراصل 'گهر') جي دفاعي ذميدارين جي پوري ڪرڻ بدران سڄي ملڪ جو قبضو وٺي ويهي ٿو رهي. وڏيڪ مون چيو آهي تہ مارشل لا جي دوران دليل کي زور دٻائي ۽ نپوڙي ٿو ڇڏي. مون چيو آهي تہ مارشل لا ۾ زبانون ڪڙجي وڃن ٿيون. مان پانيان ٿو تہ ٿورا ئي ڪي ماڻهو هوندا، جيڪي منهنجي اِنهن ڳالهين سان اختلاف ڪندا، ڇو تہ اِهو ئي اصل ۾ سچ جو هڪ انصاف پريو تفسير آهي.

"مون کي افسوس آهي تہ منهنجن نظمن کي پوريءَ طرح سمجهيو نہ ويو آهي، ۽ اِنهن جا لفظ غلط ترجمو ڪيا ويا آهن، بلڪ بگاڙيا ويا آهن، جيئن آءٌ اِن ڳالهہ ڏانهن هيٺ ڌيان ڇڪائيندس. سچ تہ مون تي ڪنهن قدم کڻڻ جي فيصلي کان اڳ ڪنهن قابل مترجم جون خدمتون ورتيون وڃن ها تہ بهتر ٿئي ها.

(ب) "سلام سنڌ": 'شڪارُ' (بندانون)

'هي ڇا جي لئہ شڪار اِهہ، جهنگ ۾ بزار آ؛
'ڇو عيش برقرار آهہ، ڏيهہ ۾ ڏڪار آ!
'غريب سنڌ جي مٿان هي بارُ بارُ بارُ آ؛
'هي رشوتن، نوازشن، غلامين جو چارُ آ!
'هي لَهُو لَعب جرمَ جي وسيع وارداِت آ!
'اي سنڌ، تو مٿاِن سدا سلام آ صلات آ!'

آءٌ پنهنجي طبيعت کان مجبورُ هڪ صلح- پسند ماڻهو آهيان، منهنجو ايمانُ آهي تہ انساني زندگيءَ جو آخري مقصد ۽ آدرش جنگ نہ پر دائمي امن هجڻ کپي. اِهو سچ آهي تہ ڪي ماڻهو اِن جي ابتڙ سوچ رکن ٿا، ۽ مارڻ واريءَ پنهنجي حيواني جبلت کي خوش ڪرڻ لاءِ 'شڪار' کي پسند ڪن ٿا. اهڙا ماڻهو پلي اهڙن پنهنجن 'مشغلن' (Games) ۾ پاڻُ وندرائين، پر اُنهن ۾ ايترو ماڻهپو هئڻ کپي تہ سنڌ ڪنورتا تي ڪو تنقيد جا بہ لفظ چوي يا لکي تہ هو اُهي برداشت ڪن.

"اسان وٽ حڪومت جي آڌار تي هلندڙ 'حيوانن' تي ظلم جي روڪ لاءِ سوسائٽيون بہ آهن. جيڪڏهن حيوانن کي مارڻ ظلم نہ آهي تہ پوءِ ظلم ڇا آهي؟

”هتي مون شراب نوشيءَ، رشوت ستانيءَ ۽ عيش ڪوشيءَ کي به ننديو آهي. پاڪستان ۾ انهن کي ننڍڙ اجا ڪو ڏوهه ڪونهي- مثلاً بند 9 ۾:

’غريبُ هي ديارُ آ، غليظ هت شڪار آ؛
’مدارُ ملڪ جو مڙئي گداگري اُڌار آ؛
’ٿيو چنبي سامراج ۾ شڪاري اڄ شڪار آ!
’شڪار سان ’شراب آ ڳنڍ ته شر شرار آ:
’هيءَ صاف صاف بات آ، بيان واقعات آ!
’اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!‘

پهرينءَ مصرع جو ترجمو [اوهان جي ’آرڊر‘ ۾]: 'This poor land has become filthy prey' غلط آهي، مصرع جو مطلب آهي: ’هيءَ ملڪ غريب آهي، هتي شڪار جو شغل غليظ ڪم آهي.‘

”اسان سڀني پاڪستانين کي پنهنجي گهرجن ۽ هڙ ۾ پيسن يعني پنهنجن وسيلن کي نظر ۾ رکندي، سڀني محاذن تي انتهائي ڪفايت کان ڪم وٺڻ گهرجي. ’شڪارن‘ تي هزارها روپين جي خرچ کي نه نه ته به بيجا زيان ته ضرور چئي سگهبو!

”اجايا خرچ اسان جي اقتصادي قوت کي ڌڪ هڻن ٿا ۽ اسان کي مجبور ڪن ٿا ته ڌارين سامراجين کان امدادن ۽ قرضن جا خيرات گهُرون، جيڪي هو پنهنجن سياسي مفادن جي سڌ ڪرڻ کان سواءِ اسان کي هرگز ڪونه ٿا ڏين. اِهي خيال اسان جي صدرِ پاڪستان جي واتان به هر هر ٻُڌجي رهيا آهن. اِن سلسلي ۾ قوم کي پنهنجين ذميدارين جي ياد ڏيارڻ لاءِ مون تي ڏوهن مڙهڻ بدران مون کي لائق آفرين ٿي ڳڻڻ گهرجي.

”هاڻي آءٌ ڏهين بند جو (جنهن کي غلطيءَ کان ’آرڊر‘ ۾ 9 عدد ڏنو ويو آهي) هتي [مرڳو ئي] اردو ترجمو ڏيان ٿو:

’شڪارُ عيش بند هو، ڪلامِ حق بلند هو؛
’علوم ڪا، فنون ڪا، شعاع هو سُگند هو؛
’حسين ڪاروبار سي هر ايڪ ارجمند هو؛
’مزور هاري پائي حق جهدُ محن سي قند هو!
عمل قدمِ حيات اور عيش مين ممات هَي!
’اي سنڌ تجهه پہ جاودان سلام هَي صلات هَي!‘

منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي ته هنن مصرعن ۾ اعتراض جي يا ملڪ دشمنيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، جنهن تي مون کي سزائن کائڻ يا ڏنڊن ڀرڻ جا دڙڪا ملن!

"[هونئن به] ون- يونٽ نظام سياسي يا انتظامي سرشتي جي دنيا ۾ ڪو آخري حرف ڪونهي. اُن جي جمهوري مخالفت کي ڪو قانوني ڏوهه به ڪونه چيو ويو آهي. هيءُ نظام اعتراض جوڳن طريقن سان قائم ڪيو ويو هو، ۽ آئيني ذريعن سان بهرحال، ختم ڪري سگهجي ٿو. پاڪستان جي اسلامي ريپبلڪ جي هاڻوڪي اسلامي آئين ۾ پڻ، ڏاهپ کان ڪم وٺندي، اِن [سلسلي عمل] جي گنجائش رکي ويئي آهي.

"گذريل ڏهن سالن ۾ ون- يونٽ جي ڪارڪردگيءَ مان ثابت آهي ته هن نظام ۾ اسان سنڌي ماڻهن ڪيترو ڪجهه سَنو آهي! اسان جي زمين جون ڀلون اسان کان شمالي علائقن وارن ڀائرن کان وڏيون وصول ٿين ٿيون، جيتوڻيڪ اسان جي زمين مان اسان کي پيدائش گهٽ ٿئي ٿي. وڏين نوڪرين ۾ اسان جو جيترو حصو هئڻ کپي اُن کان تمام گهڻو گهٽ آهي، ۽ سرڪاري ۽ نيم سرڪاري خودمختيار ادارن ۾ اسين ته نالي ماتر به ڪي مشڪل ٿا ڏسجون. گذريل 15 سالن کان، ڪنهن نه ڪنهن بهاني، اسان جا آفيسر پڪا ڪونه ٿا ٿين، ۽ پوئتي کان پوئتي ڌڪجندا ٿا وڃن. اسان جي سنڌي ٻولي سرڪاري طور تسليم نٿي ٿئي، اُن کي دٻايو ۽ هيسايو ٿو وڃي؛ 'سنڌ' جو نالو نقشن مان ڪڍيو ويو آهي. سنڌ جون زمينون، جن تي بي زمين سنڌي هارين کي پهريون حق آهي، وڏا واڪا ڏيندڙن ٻاهرين کي نيلام ڪيون پيون وڃن.

"اِئين چوڻ ته ڏاڍي وڻندڙ ڳالهه آهي ته، 'اسين سڀ پاڪستاني آهيون، اسين سڀ مسلمان آهيون، اسين سڀ ڀائر آهيون؛ سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن جي نالن ۾ اسين ڇو سوچيون؟' پر هِن بي ترس، حسابي ۽ تاجر سماجي ۾ اُها سچي ۽ اصلي ڀائپي ڪٿي آهي؟

"ڇا، سنڌين سان روا رکيل سڄي اِها مٿي بيان ڪيل هلت ڀائپيءَ جي هلت سڏي سگهجي ٿي؟ ڇا، اِئين بهتر نه آهي ته ڏنو وڃي ۽ سمجهيو وڃي ته

’صوبہ پرستيءَ‘ جون اصل پاڙون ڪٿي آهن ۽ ڪهڙيون آهن؟

”جيڪي ڏکوئيا، سي ضرور دانهن ڪندا. صحيح ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ ڏک جا سبب هٽايا وڃن، اِئين نہ تہ دانهيندڙ کي دٻايو ۽ مرڪوئي واردات تان غائب ڪيو وڃي.

”’آرڊر‘ ۾ جيڪي شعر ڏنا ويا آهن، اُهي لکي مون رڳو سنڌين جي آواز ۽ اُنهن جي جذبن جو اظهار ڪيو آهي. منهنجي اِن نظم جي 11، 12 ۽ 13 بند کي اِن پس منظر ۾ پڙهڻ گهرجي.

”اِنهن شعرن ۾ مون درخواستون وڌيون آهن، منٿون ڪيون آهن– ڪٿي ڪٿي استعاري ۽ وڏيڪ لفظن ۾– اُن ظلم ۽ اُن گهٽ ۽ ٻوسٽ جي ڪارستانين خلاف جيڪي مختلف نمونن سان اسان تي روا رکيون پيون وڃن– انهيءَ اميد سان تہ ذاهپ ۽ ذميداريءَ جي روش ورتي ويندي، ۽ اسان جي دانهن جي اسان کي معقول موٽ ملندي، ۽ اِئين اسان جون پريشانيون ختم ٿينديون ۽ اسان جا مسئلا حل ٿيندا! اِهي شعر (پنهنجي ڪچي ڦڪي اردو ترجمي سان) آءُ هيٺ وري اوهان جي مطالعي لاءِ ڏيان ٿو:

[ڪامريڊ پنهنجي هن جوابي خط ۾ پوءِ اُهي ٽي بند اردو ترجمي سميت، ڏنا آهن–

”بند– 11، چو سنڌ سان آ دشمني، قديم پاڪ نام سان!...

”بند– 12، اي بي صبر ستمگرا! اسان سان جنگ بند ڪر؛ ...

۽ ”بند– 13، اُٿو اُٿو اي سنڌيو! ڪُلهن مٿي ڪفن ڪيو! ..

جيڪي سنڌن نظم ’سلام سنڌ‘ ۾ سندن شعري ڪليات ”جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!“ جي صفحي 151-147 تي ڏسي سگهجن ٿا. م.ا. ج]

”هنن شعرن مان ڏسي سگهجي ٿو تہ اِنهن ۾ هڪ منت آهي، هڪ اپيل آهي تہ ’سنڌ‘ جو مقدس نالو نہ مٽايو! سنڌي ماڻهن جي خلاف وڙهڻ بند ڪريو! 12 بند جي ٻئي شعر ’سڏائي ڀاءُ ڀاءُ تي تير تفنگ بند ڪر!‘ جي سرڪاري معنيٰ ۾ ’چمڙا پوش ڪيل ڀاءُ‘ (Brother in disguise) جو اصطلاح غلط آهي. سچي شعر جو صحيح مفهوم آهي: ’پاڻ کي ڀاءُ سڏائي، ڀون پنهنجي ڪهاڙي ۽ بندوق ڀاءُ تي اُپي نہ ڪر!‘ منهنجي سچي اِن بند جو روح

ئي هيءُ آهي ته، 'پائرو! پنهنجن پائرن تي ڪنور نه بڻجو! پائرو! اسان کي پنهنجي ظلم جي مشق جو نشانو نه بڻايو! اسان سان انصاف ڪريو!'

"ڪٿي به مون تشدّد يا اڳرائيءَ ۽ وڳوڙ جي تبليغ نه ڪئي آهي. جيڪڏهن مون ڪا تبليغ ڪئي آهي ته قربانيءَ جي، پاڻ مِٽائڻ جي. صلح پسند هئڻ ڪري ۽ حيوانن جي دنيا لاءِ به نرم دل رکندي، پنهنجن انساني پائرن خلاف– ساڻن پوءِ ڪيترا به منهنجا اختلاف هجن– تشدّد ۽ مارڪٽ جي تبليغ ڪرڻ منهنجي طبيعت جي ئي خلاف ڳالهه آهي. آءٌ برابر بهتريءَ لاءِ تبديلي گهران ٿو، پر آئيني طريقن سان، يعني پارلياماني عمل ۽ اقدامن جي سلسلن سان.

"اظهار جيءَ آزادي هڪڙو بنيادي انساني حق آهي، ۽ جيڪڏهن ڪا به حڪومت ماڻهن کي اُن جي استحصال کان روڪي ٿي ته نه رڳو فردن کي نقصان رسي ٿو پر سڄي سماج جو اُن ۾ هاڃو ٿئي ٿو. پنهنجن مخالفن ڏانهن ۽ سندن ديانتدار راءِ لاءِ سهپ جو جذبو– اِنساني سماج ۾ ماڻهن جو هڪڙو بيو اخلاقي حق ۽ پڻ فرض اِهو آهي. منهنجا نظم فوجداري توڙي شهري ڏوهن جي درجي ۾ اچي نٿا سگهن، ۽ نه اُهي عام جي سلامتيءَ، عام جي مفاد يا امن عام جي خلاف ورزيءَ جي دفعي ۾ شمار ٿي سگهن ٿا، [جيئن 'آرڊر' ۾ اُنهن لاءِ چيل آهي]،

"2- مون کي باغيانه ڪاروايون ڪرڻ جي ڪا نيت ڪانهي ۽ نه ڪنهن فسادي قسم جي ڪتابچن ڪڍڻ جي رٿا اٿم، جيئن اوهان پنهنجي 'آرڊر' ۾ مضبوط انديشو ظاهر ڪيو آهي.

"3- هتي منهنجي خلاف اوهان وٽ پهچندڙ 'معتبر ذريعن کان مخفي اطلاعن' جو به ڪو سوال ڪونهي. منهنجون لکيتون ڇپيل دستاويز آهن ۽ اُهي بلڪل کليل ۽ واضح شعر جي صورت ۾ رچيل آهن.

"**ضمانت ناما** (Bonds): 'آرڊر' ۾ مون کي چيو ويو آهي ته ڏهن هزار روپين جو ضمانت نامو آءٌ پاڻ ۽ ٻين ٻن شخصن جا الڳ الڳ اهڙا ڏهن ڏهن هزارن جا ضمانت ناما آئنده لاءِ پنهنجي چڱيءَ چال واسطي داخل ڪرايان. مون کي افسوس آهي، جو آءٌ اِن 'آرڊر' جي پيروي نٿو ڪري سگهان– جنهن

جو سڌو سادو سبب اِهو بہ آهي تہ اِهي رقمون مهيا ڪرڻ منهنجي وس ۾ نہ آهن، ۽ ڊپ اٿم تہ ڪنهن سي. آءِ. ڊي پوليس جمعدار جي 'مخفي رپورٽ' تي مون کان ۽ منهنجي دوستن کان بي ڊرِيافتا سچا سارا ٽيهہ هزار روپيا ڏنڊ طور وصول ٿي ويندا. اِهو 'آرڊر' آپيشاهيءَ جو آرڊر آهي ۽ غير منصفاڻو آهي، ۽ هِن وضاحت نامي ۾ پيش ڪيل سببن ۽ دليلن جي روشنيءَ ۾ اِن کي واپس ورتو وڃي.

"**حرف آخر:** آءٌ 66 سالن جي عمر جو آهيان. هِن عمر ۾ منهنجو مکيہ ڪم هِن علائقي جي هارين کي اُٿاري پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جو آهي. آءٌ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو صدر آهيان. هارين جا مسئلا گهڻا آهن. سنڌ جو 1950ع وارو هارپ جي حقن جو قانون، هارين جي بيدخليءَ ۽ بٽئيءَ ۾ سندن جائز حصي جي سلسلي ۾، اسان وٽ هڪ بيجان اکر بڻجي چڪو آهي. اِن بابت منهنجو لکيل ۽ تازو شايع ڪيل پترو * اوهان جي پڙهڻ لاءِ هِن گڏ پيش ڪريان ٿو، جنهن ۾ مون زميندارن ۽ عملدارن کي اپيل ڪئي آهي تہ هو هارين کي پنهنجا حق ڏين ۽ ساڻن انصاف سان هلن.

جيڪڏهن سرڪار واقعي هارين جي ڏکوئيندڙ حالت کي سڌارڻ جي خواهش رکي ٿي تہ سرڪار کي، منهنجي اِنهن فرض ڪيل غلطين جي باوجود، مون سان تعاون جو هٿ وڌائڻ گهرجي. آءٌ بہ هڪ انسان آهيان، انسان کان، خطائن جي گهر هئڻ سبب، خطائون ٿي سگهن ٿيون، ۽ اُن ناتي تحقيق آءٌ بہ خطائون ڪري سگهان ٿو.

"– حيدر بخش جتوئي، حيدرآباد سنڌ، 22 مئي 1967ع."

ٻيو خط:

(حيدرآباد سنڌ 25- مئي 1967ع)

ويسٽ پاڪستان پريس ۽ پبليڪيشن آرڊيننس 1963ع هيٺ نوٽيس بابت

"......................

"مون 10 مئي 1967ع جي 'آرڊر' جي جواب ۾ 22 مئي 1967ع تي هڪ وضاحت نامو پيش ڪيو آهي. اُن جي اضافي طور آءٌ هتي فقط منهنجي نظم

* "Hari's Petition of Rights"

’سلامِ سنڌ‘ جي رهيل اعتراض ورتل ٻن آخري بندن بابت ڀنهنجي سمجهاڻي پيش ڪريان ٿو. بند– 15:

’جهان ۾ ڪيئي ظالمن جا قيد ڪوٽ اُڏي ويا!
’سپاهي هئا ڪِ شير هئا، دلير گهوٽ اُڏي ويا!
’هو حق پرست جي هٿارون ڪائي چوٽ اُڏي ويا!
’سهي سگهيا نہ بت شڪن جي هڪ مَروٽ، اُڏي ويا!
’جلايو جت بہ سومنات، لات آ منات آ!
’اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!‘

”فقط ظالم ۽ بت پرست ئي هنن شعرن تي اعتراض ڪري ٿا سگهن، ’لات‘ ۽ ’منات‘ جا بت پيغمبر اسلام صلي الله عليہ وسلم ناس ڪيا هئا، ۽ ’سومنات‘ جا بت محمود غزنويءَ!

”بند 16-: هيءُ منهنجي نظم جو پويون بند آهي، جنهن ۾ منهنجو تخلص آيل آهي. اِن ۾ شاعرانہ تعليٰءَ جا دستوري لفظ بہ آيل آهن، جيڪي نظرانداز ڪرڻ جهڙا آهن. هن بند ۾ اهم خيال هيءُ آهي:

’جو سنڌ لئہ عذاب آهہ، ناس سو نظام ٿئي!‘

اِها حتمي نہ پر شرطيہ بد دعا آهي– اُنهن لاءِ جيڪي واقعي سنڌ لاءِ عذاب آهن يا سنڌ کي عذاب ڏين ٿا.

”اسين سنڌي ماڻهو ون– يونٽ نظام جي هٿان عذابن ۾ آهيون يا نہ– اِهو برابر هڪ داخلي امر آهي.

”اِئين ٿو ڏسجي تہ جيڪي ون– يونٽ جي نظام کي هر قيمت تي قائم رکڻ گهرن ٿا، اُهي ’سنڌ‘ جو رڳو نالو ٻڌڻ بہ نٿا گهرن. سنڌن آڏو اُن جو رڳو اُچارڻ بہ اُنهن لاءِ خودبخود هڪ باغيانو قدم آهي! افسوس، سنڌ ۽ سنڌين جي تقدير اِها ۽ اِتي اچي بيٺي آهي! سنڌي ماڻهن، سنڌ جي ويچاري محمد علي جناح سميت، پاڪستان لاءِ ڪم ڪيو– هڪ آزاد رياست لاءِ. ڇا، اِهو انصاف آهي تہ اُتي سنڌي ماڻهو– اُنهن جا محب وطن جوان ۽ شاعرَ– بس جيلن ۾ ڳرندا ۽ مرندا ئي رهن!

”آخر ۾، ڇاڪاڻ تہ دليلَ هتي شمار ۾ نٿا اچن، آءٌ ڀنهنجي هيءَ مزيد وضاحت بت شڪن محمود جي درٻار جي شاعر، جهوني فردوسيءَ، جي

شعر سان ختم ڪريان ٿو:

’آيا شاهہ محمود ڪشور ڪُشا،
ڪ اَز ڪس نہ ترسي بترس از خدا!‘
[اي بادشاهہ محمود، دنيا جا فتح ڪندڙ!
جي ڪنهن کان نٿو ڊڄين، تہ خدا کان تہ ڊڄ!]“
– حيدر بخش جتوئي، حيدرآباد سنڌ، 25 مئي 1967ع)

”’حيوان انسان‘ ۽ ’سلامِ سنڌ‘ جي پنهنجي ’انساني خطا‘ لاءِ ضمانت نامن جي هِن ڪوڙڪي سان اِئين ڀي باڪ مقابل ٿيڻ کان تقريباً ٻارنهن مهينا پوءِ، مئي 1968ع ۾ ڪامريڊ حيدر بخش کي راڄ ڏوهيءَ جي ٻين الزامن سان گڏ پنهنجي لازوال نظم ’جيئي سنڌ!‘ – خاص اُن جي هيٺئين بند- جي ڏوهہ ۾ ٻي دريافتا 9 مهينا مَڇ ۽ ڪراچي جيلن جا ڪاٽا پيا:

’جيئي هند ۽ جيئي سنڌ، جيئي جيءُ مِنو هر هنڌ!
’پيار بهارُ ٿئي عام ۽ جام! جيئي سنڌ! جِيئي سنڌ!‘

(8)

تڏهن آءٌ اچا ڪوهاٽ ۾ هوس. پر مَڇ جيل مان بہ ڪامريڊ جي هڪڙي اَمُل نشاني مون کي اُتي پهتي– 23 بندن جو طويل نظم بعنوان ’ون– يونٽي پنجاب مرده باد!‘ جنهن جي اِن عنوان هيٺان اُتي ئي ڪامريڊ فوراً هي نوٽ لکيو هو: ’هيءَ نظم اُنهن پنجابين متعلق آهي، جي ون– يونٽ جا باني ۽ حامي آهن!‘ هيءُ نظم ڪامريڊ جي ڪُليات ۾ شامل نہ آهي– مَڇ مان اُن جون وڏيڪ ڪاپيون شايد ٻاهر نہ اچي سگهيون هيون ۽ ڪُليات جي ترتيب وقت هيءُ نظم مرتب کي دستياب ٿي نہ سگهيو! اُن جا پنج بند لائق پڙهندڙن جي فيضانِ طبع لاءِ بهرحال هتي پيش آهن– جن مان پڻ ڪامريڊ جي روشن ذهن ۽ منصفانہ مزاج ۽ حق پسند طبيعت جي جاڻ ملي ٿي، جنهن کي مَڇ جيل جهڙي صبر آزما صورتحال ۾ بہ پنهنجي هٿان وڃڻ نہ ڏنائون:

ستمگر سامراجي سازشي پنجابَ مرده باد!
غريبان مارَ ۽ مڪارَ ۽ ڪذابَ مرده باد!
هي دشمن عام جا ۽ نام جا نواب مرده باد!
هي مرده باد، مرده باد، ياحباب مرده باد!

ٿيا زخمي هنن جي چابڪن کان رهنما پنهنجا!
هنن جي وحشي چنبن کان ٿيا ڪيئي فنا پنهنجا!
هنن جي ڪارنامن داستان ڪارا ڪيا پنهنجا!
هي ڪارا قلب جا ۽ ظاهري مهتاب مرده باد!

هتان ئي آئي ون– يونٽ جي آفت ۽ زبردستي!
مِٽائڻ ٿا ستگمر سنڌ سونهاريءَ سندي هستي!
وَسائڻ ٿا گهُرن اچ پنهنجو گهر ۽ باغ ۽ بَستي!
هي ون– يونٽ جا باني، حامي ۽ اسبابَ مرده باد!

ڀُلائي وينا ڀُلا شاهه، وارث شاهه، فريدڻ کي!
مٿو آواز جن جو ٿو وٺي انسان کي، وڻ کي!
قلندر کي، سڪندر کي، پورس کي، برهمڻ کي!
هي انساني اَخوّت جا عَدو وَ احباب مرده باد!

هي هڪ پيغام آ پنجاب ڏي هڪ نعرهء حيدر!
”ٿيو انسان، رهو خوش ڀائرن کي ڪيو خوشتر!
”مُبدّل ٿي وڃي هي شعر، برپا عيد ٿئي گهر گهر!
”بلوچستان زنده باد ۽ پنجاب زنده باد!
”سدائين سنڌ زنده باد، پاڪ آداب زنده باد!

اِن 9 مهينن جي ٻي دريافتي بند کان ترت ئي پوءِ آگسٽ 1969ع ۾ ڪامريڊ حيدر بخش کي سائين جي. ايم. سيد جي ڪراچيءَ واري گهر مان، بنگله ٻُڌوءَ شيخ مجيب الرحمان، ۽ ٻين پاڪستان جي صفِ اول جي سياسي اڳواڻن جي ميڙيءَ مجلس مان سڏي، گرفتار ڪري، وٺي ويا– ڏوهه؟ رڳو هيءُ تہ ڪامريڊ کي تازو جيل مان آزاد ٿيڻ تي، جيئن سنڌ ۾ هر هنڌ تيئن نواب شاهه جي شهر واسين مانُ ڏنو ۽ ’جيئي سنڌ‘ جا نعرا هنيا! ڪوهاٽ مان وٽڪيشن تي تڏهن آءٌ سنڌ ۾ آيل هوس، ۽ ڪامريڊ جي گرفتاريءَ جي موقعي تي اُتي موجود هوس. اُهو هاڻ– نيوزينڊز منظرُ– سنڌ جي هن عظيم ۽

محترم سپوت جو پوليس حراست ۾ ائين بيوس جهلجي وڃڻ وارو– ڏسي، پنهنجي قومي هيٺاٺيءَ تي مان روئي وينو هوس. اُن کان پوءِ ڪامريڊ محترم پنهنجي جسد خاڪيءَ ۾ اسان وٽ باقي ڪي ڏهاڪو مهينا ئي رهيو هو– مئي 1970ع ۾ ڪين اسان کي خيرباد چئي، اسان کان ۽ پنهنجي پياريءَ سنڌ جيجل کان هميشه لاءِ موڪلائي ويٺو هو! منهنجو هڪ بزرگ دوست– حسام الدين راشدي، جيڪو ابتدا ۾ ته ڪامريڊ حيدر بخش جو مخالف رهيو هو، پر پوءِ هن جو مداح بلڪ عقيدتمند بڻجي ويل هو، ائين ممون کي روئندي ڏسي، اُتان ٻاهران ئي پنهنجي گهر ’بيت الضيا‘ عامل ڪالوني نمبر 2 ۾ وٺي ويو هوم، ۽ ڪافي دير تائين آءٌ وٽس وينو رهيو هوس، ۽ اسان ٻنهي جي واتان ڪابه ڳالهه اُکلي نه سگهي هئي.

(9)

ڪامريڊ حيدر بخش جي شعري ڪُليات ۾ سندن سڄو شعر آيل ٿو معلوم ٿئي– سواءِ ڪن هڪ ٻن نظمن يا رباعين جي، مثلاً خاص طور، ”ون– يونٽي پنجابي مرده باد!“ واري نظم جي. ڪامريڊ شاعر هو، سگهارو نثر نويس هو. لاجواب ڳالهائيندڙ هو، پر سڀ کان وڌ هو هڪ اَڻ– ٿڪ عملي ماڻهو هو. خاص طرح ائين ڀانئجي ٿو ته شاعريءَ لاءِ وٽن گهٽي فرصت ڪانه هئي، ۽ نه اُن لاءِ عام طرح جي اشاعت جو ڪين گهڻو خيال به هو، مثلاً اخبارن، رسالن يا راڳ رَس ذريعي؛ ۽ اُن جا ڪيئي سبب– خاص طرح سياسي ۽ سماجي فضا جو ناموافق هجڻو به– ٿي سگهيا ٿي. ٻر هڪڙو وڏو ۽ اهم سبب سندن شعر جو ’پيغامي‘ يا ’تبليغي‘ (Didicatic) هجڻ ۽ سُرودي (Lyrical) نه هجڻ به هو، ۽ اُن جي، يعني شعر جي، ڪين بمقابله نثر جي، خاص ضرورت به محسوس ڪانه ٿي ٿي. اِن طرح ڏسڻ سان، ڪامريڊ جي سڄي شعري تخليق ٽن الڳ الڳ دورن ۾ ورهائجي سگهي ٿي؛ پهريون دور سندن ڪاليجي زندگيءَ ۽ فوراً اُن کان پوءِ جو، جنهن ۾ پاڻ 1930ع تائين ”تحفهء سنڌ“ جا نظم ۽ رباعيون، پنهنجي مشهور فڪري ڪاوش– ”شڪوه“ جي طويل نظم سميت، اسان کي ڏنائون؛ ٻيو دور 1945ع ۾ ملازمت کي سندن خيرباد چوڻ کان وٺي ڏهن سالن کن جي مدت وارو جنهن

۾ پاڻ "آزاديءَ قوم" جو طويل نظم (1947ع) ۽ "هاريءَ جو زمانو" (1948ع)، "سنڌ جا ساهه ۽ سردار ۽ دلبر هاري!" (1948ع) "ائٽم بام" (1953ع) ۽ "سنڌ پياري" (1954ع) نظم تخليق ڪيائون؛ تيون سندن شاعريءَ جو دور سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي "مهراڻ جي نئين سر اجراء (1955ع) کان پوءِ شروع ٿيل ۽ سندن وفات جي سال 1970ع تائين تقريباً 15 سالن جي مدت وارو، جيئي سگهجي ٿو، ۽ اُن سان، سندن ڪاليجي زندگيءَ کان تقريباً ٽيهارو سال پوءِ، شايد پهريون ڀيرو ڀيهر سندن ڪنهن شعري تخليق جي اشاعت- هن ڀيري، سندن هڪ غزل "تي ڀلي اها ٿي قسمت، نه سهي وصال ٿئي ها..."، سان مهراڻ" - 1، 1959ع ۾ ٿي. اُن کان پوءِ سندن ٻيو غزل "نصيب منهنجي تي هر ڪنهن کي ڇو نه ارمان ٿئي" وري به "مهراڻ" ۾ ئي شايع ٿيو. تقريباً اُنهن ئي ڏينهن ۾ پاڻ ٽي وڌيڪ غزل- "تو مرد مرد ٿئي ڪجهه تفنگ تير سهي..."، "اسان حق جي بات چوندا رهياسين..."، ۽ "اي بادشاهه عالم! سجدو نماز ڇا لئه..." رچيائين، جن مان پويان به رسالي "ڪونج" ۾ ڇپيا. اُن کان پوءِ جيڪي نظم پاڻ تخليق ڪيائون- 1967ع ۾، "سلام سنڌ"، "اي سنڌي وڏيرا ڪجهه انسان ٿي!"، "حيوان انسان"، "جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!"، "بلوچستان زنده باد!" ۽ "اي مٺي جيجل! اي سنهاري سنڌ"، 1968ع ۾ "تون هردم منهنجي دل ۾ مصطفيٰ ماءُ!" ۽ "پاڪستان زنده باد!" ۽ 1970ع ۾ "هوش محمد"، "پيام امن"، ۽ سڀ کان آخر ۾، ون- يونٽ جي خاتمي جي اعلان تي خوشيءَ ۾ "اِجها عيد آئي" - اُهي تقريباً سڀ پاڻ الڳ الڳ پنن جي صورت ۾ هڪ ٻئي پٺيان ڇپائي ورهايا ڪيائون.

(10)

مون ساڻن پهرين جڏهن هڪ ملاقات ۾ "مهراڻ" لاءِ سندن ڪنهن شعري تخليق جي ڳالهه ڪئي، ته پاڻ هڪ گهڙيءَ لاءِ حيرت ڏيکاريائون، ۽ پوءِ ڏاڍي گنڀير ۽ ڏکياري لهجي ۾ شڪايت ڪيائون ته سنڌي اديبن ۽ نقادن ("جيڪي ڪي پاڻ وٽ هئا يا آهن") ۽ سنڌي پڙهندڙن سندن شعر سان انصاف نه ڪيو هو. مون کين جواب ڏنو ته، "ڪامريڊ! پنهنجي شعر ڏانهن

اوهين پاڻ بہ تہ روادار نہ رهيا آهيو!" پنهنجي هڪ خاص چمڪ اکين ۾ آڻيندي ۽ پُر بهار هڪ ننڍڙو ٽهڪ ڏيندي، چيائون، "تون ئي ٻڌاءِ، مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟" - "شعر کي اوهان پنهنجي مقصد سان پائبند ڪري رکيو آهي. پنهنجي دل سان پائبند ڪيوس ئي نہ!" - "تہ ڇا منهنجي دل منهنجي مقصد سان پائبند ڪانهي؟" - "مقصد سان آهي، پر شعر سان ناهي! ڪجهہ اُن سان بہ پيچ رکوس!" ڪجهہ مُونجهہ ۾ اچي چيائون، "اها دل ٻِل جي ڳالهہ پراڻي آهي، اَجائي آهي - چوڻ ۾ پُرڪشش، پر اصل ۾ غلط! پر 'مهراڻ' لاءِ اوهان کي شعر ڏيندس!" اِهي هئا چارئي پول اسان جي ڳالهين جا. جيڪي آءٌ سمجهان ٿو تہ ڪامريڊ جا وري بہ اُهي ڳرا ۽ فلسفيانہ رهيا! اُنهن جي خاص حسن ۽ عظمت جي ڪشش ۽ تاثر اُنهن جي خاص پڙهڻ ۽ سمجهڻ سان آهي. بهرحال ادب جي تحريڪ ۾، اُن وقت، جيڪو اُبار ۽ زور هو، اُن جو اهو ڪرشمو ٿو پانئجي، جو ڪامريڊ پنهنجي اِنقلابي مقصد لاءِ، خاص طور اُن پوئين دور ۾، پنهنجي معمول کان ڪجهہ زياده، پنهنجي شعر کي ڪم آندو - پر پوءِ بہ جي ڏسبو تہ، اُن سڄي دور (70-1955ع) ۾ رڳو مقدار جي خيال کان بہ سندن شعر سندن نثر جي سَوَيِنَ ۽ پَتِيءَ ۾ مَس اَيندو. اِنهيءَ ڪري سنڌي قوم جي تاريخ ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جي ڪردار جي، سندن ادبي تخليقات مان، جانچنا ۽ ڪَٿ ڪرڻي آهي، تہ اُن لاءِ سندن نثر کي وڏيڪ اهميت ملندي.

سندن سڄيءَ شاعريءَ کي ٻيءَ هڪ طرح ٻن وڏن دفعن ۾ بہ رکي سگهجي ٿو، هڪ ۾ سندن مشڪل اصطلاح ۾ رچيل، فلسفيانہ نوع جو شعر - جيئن سندن غزل، رباعيون، ۽ "شڪوه"، ۽ "آزاديءِ قوم" جي عنوانن وارا طويل نظم؛ ۽ ٻئي دفعي ۾ سندن سليس، سدا سادا، وطن دوست ۽ انقلابي نوع جا نظم، جن مان گهڻا پاڻ پنهنجي شاعريءَ جي ٽئين دور ۾ رچيائون.

ڪامريڊ حيدر بخش جي شعري ڪُليات جي نئين سر مطالعي لاءِ جڏهن اُنهن کي هِن ڇپيل صورت ۾ هڪ ئي جاءِ تي پڙهڻ وينس، تہ اُنهن کي ڏسي ۽ پڙهي مون کي خوشي بہ ڏاڍي ٿي، پر بعضي جاين تي اُنهن جي پڙهڻ ۽

سمجهڻ ۾، معمول کان ڪجهه زياده ڏکيائي به محسوس ڪيم- سبب؟ هڪڙو هيءُ ته اسين پنهنجي ٻوليءَ جي ڇپائيءَ (توڙي لکائيءَ) ۾ حروف علت (Vowels) اڪثر ڪم ڪونه ٿا آڻيون: سواءِ الف، واءُ ۽ يي (ا، و ۽ ي) جي، ٻيا حروف علت، مثلاً زبر، زير، پيش وغيره، جيڪي به اسان جي ٻوليءَ جي الف- بي جو حصو آهن، اسان لاءِ ڄڻ وجود يا افاديت ئي نٿا رکن. ٻيهڪ جون نشانيون (مثلاً ، ؛ : . - ! ؟ وغيره) جيڪي جيتوڻيڪ انگريزيءَ تان اسان جون ورتل آهن، پر اڄ اسان جي ’الف- بي‘ جو حصو آهن، پوريءَ طرح اهي به اسين ڪم نٿا آڻيون. شعري توڙي نثري مضمون کي ڪاغذ تي آڻڻ لاءِ گهربل ترتيب ۾ رٿا جون ٻيون به ڪيئي تقاضائون هجن ٿيون، جن جو به اسين گهٽ خيال ڪونه ٿا رکون. دراصل، تحرير جي انهن سيني امدادي نشانين ۽ اهتمامن ذريعي اسان لاءِ پنهنجي ٻوليءَ جي ئي لکيل يا ڇپيل مواد جي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ اُن جو پورو لطف ماڻڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. مثلاً، ’مهراڻ‘ (1955) ۾، پورن 25 سالن کان پوءِ، سنڌيءَ جي لافاني شعر جي هڪ مثال طور ڇپيل ڪامريڊ حيدر بخش جو نظم ’درياهه شاهه‘ ڪين ڏيکاريو ويو، ته ڏسي ۽ پڙهي، اُن جي نکريل ۽ سُوڌيل ترتيب ۽ ڇپائيءَ تي بيحد خوش ٿيا، ۽ چوڻ لڳا: ’لکي ٿو، هيءُ مان اڄ پهريون ڀيرو ٿو پڙهان!‘ ته ڪامريڊ جي هيءُ ڪليات، جيئن اها هيئن ڇپيل آهي، پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ لائق پڙهندڙن کي به برابر ڪٿي مشڪل لڳندي- جنهن لاءِ ڪن نظمن ۾ شاعر جي ڪم آندل ٻولي به ذميدار آهي. پر ڪُليات جي اُنهن فلسفيانه دقيق حصن جو به هر نظم ۽ هڙ نظم جو هر بند جيئن پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجي، تيئن جي پڙهيو ۽ سمجهيو وڃي ته مون کي يقين آهي ته جيئن مون اُنهن کي پڙهي، محسوس ڪيو تيئن اسان جا لائق پڙهندڙ به محسوس ڪندا ۽ پورو اُنهن جو لطف ماڻيندا- اصل اِئين ڄڻ ڪنهن جي مَن جي بند دري کلي پوي، ڄڻ ڪنهن جون پوريل اکيون پٽجي پون ۽ سامهون وسيع منظر ڏسي هن جي دل بهار بهار ٿي پوي! سچ پچ ته نبار خيال ۽ اعليٰ تصور ماڻهوءَ جي ذهن کي ائين ئي کولين ٿا، اِئين ئي اُن کي روشن ڪن ٿا، ۽ ائين ئي اُمنگ ڀريل هُن جي من کي آزاد ۽ بيخوف اوچن آدرشن جي آسمانن ڏانهن اُڏائي نيئن ٿا.

(11)

زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ ڪامريڊ بيماريءَ جي بستري تي هو، سندس وفات 21 مئي 1970ع تي ٿي، فقط ٻه مهينا اڳ ڪانئن پڇيو ويو تہ، 'اوهين پنهنجي شاعريءَ جُي ڪهڙن شهپارن کي وڌ ۾ وڌ پسند ڪريو ٿا؟' جواب ۾ چيائون: 'شڪوه، آزاديءَ قوم، حيوان انسان، پيامِ امُن ۽ ٻيون ڪي رباعيون.' اُنهن سان اسين سندن پڙهندڙ سندن ٻيون تخليقون، پنهنجي فائدي جون ۽ پنهنجي پسند جون، شامل ڪري سگهون ٿا. ايترو تہ موٽ ۾ اسان ماڻ هر سمجهدار تي پنهنجن بزرگن جي ڇڏيلُ ورثي کي، پنهنجي ئي ڇڱائيءَ لاءِ، جانچڻ پرکڻ ۽ پنهنجو ڪرڻ فرض ٿئي ٿو!

اُنهيءَ ئي موقعي تي جڏهن ڪانئن پڇيو ويو تہ، 'سنڌين لاءِ، هارين لاءِ، دوستن لاءِ، اسان سيني لاءِ' سندن ڪهڙو پيغام هو، تہ وراڻيائون: "منهنجو پيغام [اوهان سيني لاءِ، جيڪي منهنجا آهيو ۽ مون کي پنهنجو سمجهو ٿا] اُهو ئي آهي، جو ڪجهہ مان پاڻ ڪري رهيو آهيان!" ائين چئي، پوءِ انگريزيءَ جا چار لفظ اُچاريائون: Courage, Discipline, Vigilence, Hard-working– يعني خطرن کي للڪاريو! نظم ۽ ضبط پيدا ڪريو! سدا سجاڳ رهو! لڳاتار جاکوڙ ڪريو! انگريزيءَ جي اُنهن چئن لفظن جي اُچارڻ کان پوءِ پاڻ چيائون: 'آزاديءِ قوم' ۾ جو مون چيو آهي، سو ياد رکو!" ائين چئي، اُن نظم جو پاڻ هينيون بند پڙهيائون:

> **"سنڌي فرزندَ، اُٿي زورِ نَظر پيدا ڪر!**
> **"جو وجهي ٿرٿلو، دنيا ۾ اثر پيدا ڪر!**
> **"نئون چراغ، نئون خورشيد و قمر پيدا ڪر!**
> **"نئون گلزارُ ۽ هُبڪارَ ۽ ڪَرّ پيدا ڪر!**
> **"جو اُنهيءَ سان ئي همراز آ آزاديءِ قوم!"**

سندن وفات کان پوءِ، سندن تڏي تي، سندن تعزيتي ڪتاب ۾، جيڪي ٻہ اکر پنهنجي تاثر جا، پنهنجي عقيدت جا، مون لکيا، اُهي ساڳيا، آخر ۾، هتي، اوهان دوستن کان اجازت وٺندي، وري پڙهي ٻڌائڻ گهران ٿو– جو تہ چڱن لاءِ ۽ چڱن جي چڱاين لاءِ مڃتا جا اکر هر هر ۽ هر هنڌ چوڻ پاڻ

ڪي چڱو ڪرڻو آهي ۽ پنهنجو ٿي شانُ وڌائڻو آهي:

"زندگيءَ جي سچي اهميت ۽ سچي عظمت اُن جي مقصد سان آهي. جيترو اوچو ۽ اعليٰ مقصد زندگيءَ جو قائم ٿئي ٿو، اوتري ئي اوچي ۽ اعليٰ اُها زندگي سڏجي ٿي. اسان جو محترم پيارو بزرگ ۽ دوست، ڪامريڊ حيدر بخش زندگيءَ جي اعليٰ ڪان اعليٰ مقصد ڪي پاڻ لاءِ قائم ڪري ويو. اُن لاءِ پنهنجو سمورو جيئڻ ۽ مرڻ وقف ڪري ڇڏڻ جو سبق اسان لاءِ ڇڏي ويو.

"سنڌ ۽ سنڌ جون سموريون آئنده پيڙهيون ڪامريڊ جي اِنهيءَ بي مثل آدرشي ڪردار ڪي پنهنجي لاءِ مشعل راهہ طور سامهون رکي، انفرادي توڙي اجتماعي طور دنيا جي اڳيان پنهنجي لاءِ اعليٰ مقام پيدا ڪري سگهن ٿيون.

"جيتري به اسان جو هيءَ بي غرض ۽ نماڻو ڪامريڊ اسان لاءِ پنهنجون سموريون طاقتون ۽ صلاحيتون خرچ ڪندو رهيو، ۽ اسان ڪان وڇڙي وڃڻ ڪان پوءِ به هو اسان جو ذهني ۽ عملي طور لافاني ۽ بي مثل رهبر آهي.

"زندگيءَ جي جيڪا به معنيٰ ۽ مطلب ۽ اُن جي جيڪا به اهميت ۽ نيڪي آءٌ سکي ۽ سڃاڻي سگهيو آهيان، اُها مون ڪامريڊ حيدر بخش جي زندگيءَ ۾ ڏٺي. آءٌ هميشہ سنڌن پوئلڳ ۽ پرستار ٿي رهيس، شال اڳتي به آءٌ سندس نقش قدم تي هلندو رهيان!"

"سَنيريو جيان ڳالهيون پريمَ تنهنجون،
کهڙا ڳُڻ ڳڻيان، تورن مَتو ناهہ ڪو." (شاهہ)

– محمد ابراهيم جويو

---

24 آڪٽوبر 1988ع تي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي شعري ڪُليات– **"جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!" جي مهورت جي موقعي تي پڙهيل تقرير. هن تقرير جو متن انهيءَ ساڳئي عنوان سان "سنڌ فرينڊز سرڪل" حيدرآباد طرفان سن 1989ع ۾ ڇپيو.**

سنڌ هاري ڪاميٽي ڪائونسل جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن جو حيدر محفل، حيدرؒ
چوڪ، حيدرآباد سامهون نڪتل گڏيل فوٽو.

هڪ آدرشي انسان

”باباءِ سنڌ“ – حيدر بخش جتوئي ’حيدر‘ جي عظيم ۽ آدرشي شخصيت انهن تاريخي ۽ آدرشي انسانن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي، جن کي ”تاريخ ساز“ چيو ويو آهي. ’حيدر‘ جي انقلابي ۽ آدرشي شخصيت پنهنجي علمي ۽ عملي جدوجهد جي خيال کان، منهنجي نظريه ۽ تحقيق موجب– ”دودي ۽ درياء خان“ جي هم پايه شخصيت آهي.

– ’دودو‘ بادشاهه هو، ۽ ’درياء خان‘ وزيراعظم ۽ سالارِ جنگ هو. وٽن وسيلن ۽ ذريعن جي ڪابه اڻاٺ ڪانه هئي. انهن جي مقابلي ۾ ’حيدر‘ زماني جي ضرورتن جي خيال کان، توڙي ظاهري وسيلن ۽ ذريعن جي لحاظ کان آزاد به هو مستغني به هو. ”درياء خان ۽ دودي“ جي عظمت انهن جي مجاهدانه ڪردار ۾ مضمر آهي، جو ڪردار لشڪرن ۽ فوجن، سامان ۽ دولت جي موجودگيءَ ۾ ادا ڪيو ويو، پر ’حيدر‘ جو ڪردار ظاهري طور تي نه لشڪرن ۽ فوجن جو محتاج رهيو ۽ نه ساز ۽ سامان جو گهرجائو رهيو. ’حيدر‘ نه دولت ۽ سرمائي جو محتاج رهيو ۽ نه انقلاب پسندساٿين جو محتاج رهيو. ’حيدر‘ پوري زندگي ”دل ۽ دماغ، قلم ۽ علم“ جي هٿيارن سان جهاد ڪندي گذاري ڇڏي. لشڪر ۽ هٿيار، ساز ۽ سامان، دولت ۽ ذريعا فقط چار هئا: ”دل، دماغ، قلم ۽ علم.“

– انساني تاريخ ۾ تمام ٿورا تاريخ ساز انسان نظر اچن ٿا، جي تنها نموني ۾ تاريخ ساز معيار ۽ اقدار جا حامل رهيا. ’حيدر‘ به اهڙن تاريخ ساز انسنان ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

– جديد نفسيات جي ڄاڻن، ڪن عظيم شخصيتن کي غير معمولي صلاحيت، عمل ۽ ڪردار، اخلاق ۽ آدرش جي خيال کان ”عبقري“ ۽ ”جينيئس“ قرار ڏنو آهي. اُهي پنهنجي دؤر کان گويا صديون اڳ ٿا پيدا ٿين. انهن جو ”ڪردار ۽ پيغام“ حال کان صدي کن پوءِ واري دؤر لاءِ انقلابي ۽

آدرشي نصب العين ڪري قبول ڪيو وڃي ٿو. ’حيدر‘ جي ”جينيئس“ شخصيت ۾، عبقريت جا لازوال آدرش ۽ نقوش ملن ٿا.

– ”حيدر“، علم جديد ۽ قديم جو پنهنجي معاصر دوستن کان وڌو عالم ڪري مڃيو ويو آهي. ’حيدر‘ شاعرانه دل ۽ دماغ وارو حساس ۽ سياڻو انسان هو. ’حيدر‘ تحرير ۽ تقرير جي ميدان ۾ شعلہ خيز ۽ باطل سوز ”بيان“ جو مالڪ هو. ’حيدر‘ اخلاقي حيثيت سان، بلند ڪردار شخصيت جو آئينہ دار هو، سندس فقط هڪ ”روپ“ هو، هو ابن الوقت اڳواڻن ۽ قومي خدمت گذارن جي دعوائن واري ”بهروپ“ کان گهڻو بلند هو، هو سياسي ليڊر نہ هو، پر هڪ قسم جو ”مصلح ۽ رفارمر“ هو، ان ڪري سندس حق گوئيءَ ۽ حق پسنديءَ ۾ ڪوبہ فريب ۽ ريب نہ هو. ’حيدر‘ لاطمع هو ۽ مرد قلندر هو. ڪيس ذاتي شهرت ۽ مقبوليت، ذاتي تعريف ۽ توصيف، ذاتي وڏ ماڻهپائيءَ ۽ ذاتي وجاهت، صدارت ۽ امارت کان نفرت هئي.

– ’حيدر‘ درويش صفت هو، سندس اخلاقي اوصاف صوفين ۽ درويشن، تارڪن ۽ زاهدن وارا هئا، سندس لٽو ڪپڙو بہ سادو، اٿڻ ويهڻ بہ سادو، ماڻهن سان ملڻ جو ڍنگ بہ سادو، سفر ۾ بہ سادو، تہ حضر ۾ بہ سادو. اها سادگي، سندس ”فطري اخلاص“ مان پيدا ٿي هئي. جديد نفسيات جي ماهرن جي راءِ موجب– ان قسم جو انسان، پنهنجي طبعي جبلت موجب، پنهنجي زمانہ ساز دؤر ۽ ان دؤر جي منافقانہ وضع داريءَ جي خلاف ”حقيقت پسند ۽ صالحيت پسند، صداقت پسند ۽ اخلاق پسند“ ٿئي ٿو. ’حيدر‘ ۾ نہ ٺٺ ٺانگر ڏنوسون ۽ نہ آڪڙ شاڪڙ ڏٺيسين. ’حيدر‘ ۾ نہ نفاق ڏنوسون ۽ نہ ريب فريب ڏنوسون. ’حيدر‘ جا بہ ڳالهہ ڪئي، سا سورنهن آنا سچي، پوءِ اها ڪڙي ڇو نہ هجي!

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نہ وڻي!

تختہ دار تي بہ حق چيائين، جيلن ۾ بہ حق چيائين. مارشل لا جي دؤر ۾ بہ سچ چيائين، ۽ ڪورٽن ۾ بہ سچ ٻڌايائين. مرڻدي دم تائين سچ چيائين. سنڌ جي هن عظيم سورهيہ سورمي جو بيان توڙي تحرير، عمل توڙي ڪردار، سڀ ’سچ‘ جي مرڪز تي قائم رهيا.

’حيدر‘ جي شخصيت جي تشڪيل ۽ تعمير ۾ اهڙا اخلاقي عنصر ڪيئن پيدا ٿيا؟ اهو هڪ جدا بحث آهي. اگر مختصر طور چئجي ته پوءِ رڳو ائين چئي سگهندس ته، ’حيدر‘ ان درويشانه مسلڪ واري خاندان جي سلسلي جي پيداوار آهي، جنهن مسلڪ ۽ مذهب کي فلسفه حيات، توڙي ’فلسفه تصوف‘ ۾ وڏي حيثيت حاصل آهي. ’حيدر‘ جو فقيراڻو خاندان، سنڌ جي ڪلهوڙن حاڪمن جي سهروردي طريقي سان وابسته رهيو آهي. ڪلهوڙا حاڪم فقير به هئا ۽ حاڪم به هئا ۽ فڪر ۽ ذڪر، سوز ۽ سماع جا صاحب هئا. لطيف خوب فرمايو آهي:

ڏينهان ڏورن ڏٿ سين، راتيون ڪن رهاڻ،
عمر تنين ڪاڻ، منهنجو روح رڙيون ڪري.

– فقر ۽ اخلاق، ذهر ۽ ترڪ دنيا، خلق جي خدمت ۽ انسان سان محبت، تصوف جو اهو عالمگير اثر آهي، جنهن کي نفسيات جا ماهر به مڃين ٿا. حيدر ”توارث“ جي راهه کان اهڙا، ”اوصاف ۽ آثار“ موجود هئا، جن ڪيس دولت جي فريب ۽ وجاهت جي ڪشش ۾ قابو نه ڪيو. ’حيدر‘ من جي دنيا ۾ مست رهيو. ٻيو ته ’حيدر‘ جي اوائلي زندگي، ”مولانا روم“ جي ”الهامي جذبات“ ۽ ”فلسفيانه واردات“ سان تشڪيل پذير ٿي. رومي فقط ”مغز ۽ ڳر“ جو قائل آهي، هو مذهب جي ٻاهرين رسمي ”کل تي مغز“ کي ترجيح ٿو ڏئي. ان طرح رومي، مذهب ۽ انهن جي ”معمولات ۽ رسومات“ کي فقط ”وسيلو ۽ ذريعو“ قرار ٿو ڏئي، جي ڪنهن ”خاص مقصد“ ۽ ”خاص آدرش“ لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن. ’حيدر‘ – مولانا روميءَ جي ان نظريه جو زنده مثال هو. جديد علم به پڙهيائين، ڪميونزم ۽ سوشلزم جو مطالعو ڪيائين، پر ”مذهبيت ۽ لامذهبيت“ جي دائرن ۾ رهندي، روميءَ جي چوڻ موجب، هميشه ”مغز ۽ حقيقت“ جو ڳولائو رهيو ۽ رسم ۽ کل کان ڏور رهيو.

– ’حيدر‘ جي ’عبقريت‘ وارن اوصافن ۾ سندس ”بهادرانه شخصيت“ کي وڏي اهميت حاصل آهي. ”حق ۽ صداقت“ کي تحرير ۾ آڻڻ ۽ زبان سان پيش ڪرڻ کي ڪردار ۽ فلسفه حيات جي عملي دنيا ۾ ”دعويٰ“ چئبو آهي، ان زباني ۽ بياني ”دعويٰ“ جي ”تائيد ۽ تصديق“ جي دنيا اجا اڳيرو آهي. رڳو

زبان سان ڪلمہ گوئي بہ مسلمانيءَ جو ڪمال ناهي. لطيف چيو آهي:

ان پر نہ ايمان، جئن ڪلمہ گوَ ڪونئين،
دعا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذرو آهئين.

سو بهادرانہ حيثيت، رڳو زباني دعويٰ، ڪتابن جي تصنيف تاليف پڙهڻ ۽ ڳالهين ڪرڻ ۽ ٻُڌڻ سان پيدا نہ ٿي ٿئي. ڪتابن جي پڙهڻ سان تہ رڳو عقل ٿو وڌي، جو ”عمل ۽ شجاعت“ جو ازلي ۽ ابدي دشمن آهي. عقل، هميشہ ”حيلہ ساز ۽ بهانہ ساز“ ٿو رهي، ڪڏهن بہ عقل واري بزدليءَ کان ٻاهر پير نہ رکيو آهي، پر ان جي مقابلي ۾ ”عشق“ هر محاذ تي ”باطل شڪن ۽ باطل سوز“ ٿو رهي. دماغ جي رهنمائي، سود و زيان ۽ نفع نقصان جي دائري اندر محدود ٿو رهي، پر عشق جي امانت ۽ امامت. لطيف سائينءَ جي ارشاد مُوجب:

هڻ ڀالا وڙهہ ياڪرين، آڏيَ ڍال مَ ڍار،
مٿي تيغ ترار، مار تہ متارو ٿئين.

جي مصداق، ڀالن هڻڻ سان، ياڪرين وڙهڻ سان، ترار جي مٿان ترار وهائڻ سان،وابستہ آهي.

عشق ناهيِ راند، جيڪي ڪيڏن ڳيرو،
سسي نيزي ڀاند، اڇل تہ اڏ ٿئي.

سو عقل آهي حيلہ جوئي ۽ عشق آهي تختہ دار کي سينگارڻ. ’حيدر‘ هميشہ عشق جي دنيا ۾ رهي، باطل کي للڪاريو ۽ سوريءَ کي سينگاريو. چي:

سوري آ سينگار، عاشقن جو!

– ’حيدر‘ هميشہ شاهہ شهيد، جهوڪ ڏٺيءَ جي هن شعر:

سر بر قدم يار، فدا شد، چہ بجا شد،
اين بار گران بود، ادا شد، چہ بجا شد.

تي عمل ڪيو. ان ايتري ۽ عظيم قربانيءَ لاءِ قوم کان ڪوبہ انعام نہ گهريائين. هڪ ڀيري چند دوستن جي موجودگيءَ ۾ سندس عظيم

شخصيت لاءِ مختلف قسم جا لقب چونڊجي رهيا هئا. ان وقت "مهراڻ" رسالي جو تازو پرچو مون کين موڪليو هو، ان تي لکيو هوم. "باباءِ سنڌ"- حيدر بخش جتوئي جي خدمت ۾"- فرمايائين، "مولانا گرامي جو تبرڪ طور چيل لقب "باباءِ سنڌ" ئي ڪافي آهي." بس اهو آهي سندس قربانين جو صلو ۽ انعام!

- سو عرض پئي ڪيم، ته 'حيدر' هر محاذ تي عشق کي امام بنايو، سندس بهادرانه بصيرت هر ميدان تي عشق کي اڳواڻ بڻايو ۽ ڪنهن به ابن الوقتيءَ جو شڪار نه ٿيو.

- 'حيدر' سائنس ۽ اقتصاديات جي مطالعي کان پوءِ به "حيله تراش ۽ بهانه ساز" نه رهيو، پر بيباڪ ۽ بي پرواهه رهيو. سائنس ۽ اقتصاديات ويتر سندس جنون ۽ عشق کي وڌايو.

اها عشق واري بهادري ۽ بصيرت- روميءَ جي مطالعي مان ظهور پذير ٿي، جا آخر تائين قائم ۽ دائم رهي. دنيا ڏسي ورتو ته 'حيدر' پنهنجي نصب العين ۽ جدوجهد کي پايه تڪميل تي پهچڻ واري سلسلي ۾ هڪ قابل تعريف "سنگ ميل" بڻجي، "ڪاروانِ حيات" کان جدا ٿي ويو! بيشڪ 'حيدر' حب الوطنيءَ ۽ انسان دوستيءَ جي هڪ عظيم علامت بڻجي چڪو آهي. جيسين سنڌ جيئري آهي، تيسين 'باباءِ سنڌ' به زنده آهي- "جيئي سنڌ" "جيئي باباءِ سنڌ!"

- ليک: غلام محمد گرامي

سنڌ هاري ڪاميٽي حيدرآباد طرفان سن 1973ع ۾ ڇپايل سووينئر "باباءِ سنڌ جي سنڌ لاءِ جدوجهد جو تاريخي ۽ معلوماتي جائزو" تان ورتل.

"حيدر" جي شاعريءَ جو فڪر ۽ پيغام

حيدر بخش جتوئي جي شخصيت، سنڌ جي ماڻهن آڏو هڪ محب وطن شاعر ۽ هڪ دلير سياسي اڳواڻ جي حيثيت ۾ اُڀري. ٻنهي صورتن ۾ سندس شخصيت جي انفراديت پيئي بڪي. "حيدر" هڪ شاعر، ۽ "جتوئي" هڪ سياستدان– ٻنهي جا نظريا انوکا ۽ نرالا. ٻنهي جي شخصيت محبت ڪندڙن لاءِ قربانين ڏيڻ لاءِ هر دم تيار! جي 'شاعر' حيدر، "تحفهء سنڌ" ڏاڍڙيل عوام جي حمايت ۾ شڪو ڪندي ڪتاب ضبط ڪرائي ٿو ته، 'سياسي' حيدر بخش جتوئي، هاري پارٽيءَ جي صدر جي حيثيت ۾ گرفتار به ٿئي ٿو. هن جي زندگي، شاعر توڙي سياسي رهبر جي حيثيت ۾، سنڌ ۽ سنڌ جي غريب ۽ محنت ڪش مظلومن لاءِ وقف آهي. هر جلسن ۾ وڃي سنڌ جي سِڪ جي چٽنگ ماڻهن جي دلين ۾ دُکائي ٿو، ته مشاعرن ۾ "يلي آئين، جي آئين، درياهه شاهه" پڙهي، ماڻهن جي دلين ۾ وطن پرستيءَ جي مقدس جذبي جون چولون اُتاريو ڇڏي.

اصل وطن بکو ڏيرو ضلعو لاڙڪاڻو اٿس، هاڻ مستقل طور حيدرآباد ۾ رهي ٿو. سندس ابتدائي بود و باش ڪراچيءَ ۾ ٿي، جتي شعر چوڻ شروع ڪيائين .شعر جي شروعات ته سندس ڳوٺ ۾ ٿي ٿي، پر پڪو ۽ پختو شعر ڪراچيءَ ۾ چوڻ لڳو. ڪراچي شهر جي مجلسي ماحول ۾ جيڪي احباب مليس، سي خوش قسمتيءَ سان اڄ به آسمانِ ادب جا چمڪندڙ ستارا آهن. رات ۽ ڏينهن جو وڏو حصو، علمي ۽ شعري ادب جي باريڪ نُڪتن کي حل ڪرڻ ۾ گذرندو هونِ. علامه دائود پوٽي، سيد ميران محمد شاهه ۽ ٻين اهڙن عالمن ۽ باڪمال شخصيتن جو اهو دوُر اڄ به ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ شال موتي اڃي!

حيدر جتوئي، سن 1900ع ۾ پيدا ٿيو؛ ابتدائي تعليم پنهنجي پياري ڳوٺ بکو ديري ۾ حاصل ڪيائين، جتي جي حالتن کيس گهڻو متاثر ڪيو. هن جي ابتدائي شعرن ۾ ڏسبو ته ماحول جو رنگ گهڻو نظر ايندو. چوندا آهن

تہ 'هر هڪ انسان تي ماحول جو اثر پوندو آهي.' – انهيءَ نظريي جي ماتحت، "حيدر" کي قريب قريب ڇئن قسمن جي ماحول سان واسطو پيو آهي.
لاڙڪاڻي ضلعي جي نمايان وصف اتي جي زرعي ۽ آبي برتري آهي. وڏي کان وڏا زميندار ۽ ننڍي ۾ ننڍا هاري اتي اوهان کي نظر ايندا. "حيدر" جڏهن هوش سنڀاليو، تہ آس پاس رڳو سرسبز ۽ جهوليندڙ ٻنيون ۽ پوکون ڏٺائين، دل کي مست ڪندڙ پاڻيءَ جي روانيءَ هن ننڍڙي لڪل شاعر کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪيو: مگر رنگارنگي فضا جي پردي پٺيان غريب ۽ بيڪس هارين جي مظلوم حالت، هن جي ڪچڙيءَ دل مان سڀ خوشيون ڪافور ڪري ڇڏيون: اهو ننڍپڻ جو ذهني عڪس، وڏيءَ عمر تائين بہ سندس دل ۽ دماغ تي قائم رهندو آيو آهي، ۽ سالن گذرڻ کان پوءِ بہ تازو پيو ڏسجي. هو انساني زندگيءَ جا بہ متضاد پهلو ڏسي، ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي پيو. ان کان پوءِ هو ڪراچيءَ ۾ شهري تهذيب جي روشنيءَ ۾ اچي رهيو. شهرن جا جديد ترقيءَ جا منظر ڏسي، ڪير بہ ائين نہ سمجهندو تہ سنڌ جي لنڊرئين ماحول ۾ ڪا اهڙي پيانڪ بيمزگي هوندي. يقيناً، ڪوبہ انسان اهڙيءَ حالت ۾ سنڌ جا دل ڏکوئيندڙ نظارا گهڻو وقت ياد نہ ڪري سگهندو آهي. اهڙي وقت بہ "حيدر" کان پنهنجي سنڌ ۽ سنڌ جا نظارا، ڳوٺ ۽ وطن، دل تان نہ لٿا. مثلاً، ڪراچيءَ ۾ ويهي قنبر کي ياد ڪري توءَ اتي جي ٻهن، سڳداسي چانورن، پاڻيءَ ۽ پيڻ جي تعريف ۾ مست ٿي وڃي ٿو.

سڳداسي سنڌي سنهڙا، چانديءَ مثل ٿا چلڪن،
هبڪار ۾ مُطر، ڪن ٿا تمام 'قنبر'،
منڙيون پيڻ جون ڏوڏيون، ٻهہ بيشمار آهن،
ڪائن وڏا ننڍا ٿا، سڀ عام جام 'قنبر'.

ماڻهن جي ساراهہ هيئن ٿو ڪري:

کهڙا نمڪ- پريا هن، قنبر جا آدمي سڀ،
پاڻي نمڪ- پريو ٿا، پيئن مدام قنبر،
پائن سفيد ڪپڙا، چهرا هميشہ چَهرا،
کهڙو ڪَلر جو آهي، تاثير تام 'قنبر'!

ڪراچيءَ ۾ تعليم حاصل ڪندي "حيدر" کي مطالعي جو ڪافي موقعو مليو، جنهن ۾ هن ادبيات سان گڏ سياسي ڪتاب به نظر مان ڪڍيا. تنهن کان سواءِ، ان وقت ڪراچي به متحده هندوستان جي ٻين وڏن شهرن وانگر سياسي مرڪز هو ۽ سياست جا چڱا چڱا ماهر ۽ علمي ڪم ڪندڙ اتي موجود ۽ ايندڙ ويندڙ هئا. انهن کي سمجهڻ ۽ انهن جي خيال تي غور ڪرڻ جو وجهه به "حيدر" کي ڪراچيءَ ۾ مليو.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ شاعر کي شروع ۾ مجازي عشق ئي اڳتي وڌائيندو آهي، ۽ سندس دل جا جذبا ۽ اُمنگ پيدا ڪندو آهي؛ مگر "حيدر" جي شروعاتي شاعريءَ کان ئي ڏسبو تہ سندس ڪلام ۾ سوز ۽ عشق نالي ماتر بہ موجود نہ آهي: دستِ ناز، تير مزگان، برقي جمال، وغيره جهڙن لفظن جي بجاءِ، هاري، هر، ڏاتو ۽ ڪوڏر جهڙا لفظ نظر ايندا. معشوق سان بيوفائيءَ جي شڪايت ڪرڻ جي بجاءِ، قومي پائرن جي ڏک سبب خدا سان شڪوو ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح، سندس ڪلام ۾ فراق ۽ عشق جي برخلاف مُلڪي ۽ قومي سوز نظر اچي ٿو- اها سندس امتيازي خوبي آهي. سندس جيڪو پهريون نظم "درياهہ شاهہ" آهي، تنهن ۾ سنڌو درياهہ سان قومي حب ۽ محبت جو جذبو بيحد پرُزور آهي.

ڀلي آئين، جي آئين، درياهہ شاهہ!
تي 'راوي' اچي تنهنجي ديدار تي،
۽ 'ستلج' ۽ 'جهلم' نمسڪار تي؛
ٿين مست ٿيون تنهنجي للڪار تي،
ڪرن تنهنجي قدمن جي اڌار تي؛
ٿين توتي قربان، فنا پنهنجي ڪن جان،
ڏين پاڻ پنهنجو، لهن وصل تنهنجو.
جو ميلو سمايل فنا اندر آهہ-
ڀلي آئين، جي آئين، درياهہ شاهہ!

تي سانوڻ ۾ توکي بهاري ٿئي،
بهاريءَ ۾ خوش خَلق ساري ٿئي؛
تي 'ساري' سان ڌرتي به ڪاري ٿئي،
تي هرڪا زمين پوک واري ٿئي:
ٻنيوڻ ريج ڪائن، سگهو اڻ اُپائين،
پرن واهه ريلا، ڪري جهنگ ٻيلا؛
ٿئي جهنگ جهر پاڻي تو چار ماهه-
پلي آئين، جي آئين، درياهه شاهه!

1927ع ۾ بي. اي. امتياز سان پاس ڪري، "حيدر" سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو، ۽ مختيارڪار جي حيثيت ۾ ملازمت ڪندو رهيو. روينيو کاتي ۾ قصو آهي ئي هارين ۽ زميندارن جو، ڏلن ۽ ڀوڪن جو؛ "حيدر" جي دل ۾ ننڍي هوندي ئي اهي نظارا گهر ڪري ويا هئا، وَيتر سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ تبادلي ۽ مسافري ڪرڻ سان وڏيڪ حالتن کان روشناس ٿيو، ۽ زندگيءَ جا ابتدائي جذبا ۽ گذريل نقشا وري دل تي تري آيس. دورانِ ملازمت ۾ به شعر و شاعريءَ جو شوق بدستور جاري هوس. جدا جدا هنڌن تي سچي چيل ڪلام کي گڏ ڪري 1930ع ڌاري "تحفه سنڌ" جي نالي سان شايع ڪرايائين. ان وقت "حيدر" بدين ۾ مختيارڪار هو. ان ڪتاب تي ڪيترن عالمن ۽ بلند پايي جي شاعرن سخت اعتراض اُٿاريا. اهو ساڳيو زمانو هو، جڏهن 'شڪوه' لکڻ سبب علامه اقبال تي هندوستان جي عالمن اعتراض اٿاريا هئا؛ سال به قريب قريب ساڳيا هئا. پاڻنجي تو ته خود "حيدر" کي ان مخالفت جو اڳي ئي احساس هو، جو ته ڪتاب جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو:

"مان هي ٿورا شعر پنهنجن دوستن جي اڳيان پيش ٿو ڪريان، ليڪن پانيان ٿو ته هي شعر گهڻن کي پسند نه ايندا، بلڪ ڪي دوست به منهنجا دشمن ٿي پوڻ ته عجب نه آهي- مگر اهي سڀ محبت ۽ جستجوي حق جو نتيجو آهن."

محبت ۽ حق جي جستجو جي نتيجي ۾ لکيل انهيءَ ڪتاب جو هر شعر صحيح قسم جي جذبات تي مشتمل ۽ اعتدال جي اندر آهي: سواءِ 'شڪوه'

ڇپي ڪن شعرن جي، سموري ڪتاب ۾ ڪو هڪڙو شعر به اهڙو نه آهي، جنهن ۾ جذبات جو ڪو ايڏو شديد اظهار ڪيو ويو هجي، جنهن کي اعتراض ۽ اختلاف جوڳو ٺهرائي سگهجي.

1934ع ڌاري، علامه عمر بن محمد دائودپوٽي "سرها گل" جي نالي سان شعرن ۽ ڪافين جو هڪ انتخاب شايع ڪرايو هو، ان ۾ حيدر بخش جو احوال لکندي علامه صاحب فرمائي ٿو:

–" سندس فطري لاڙو شعر ۽ تفڪر ڏي آهي، ۽ نظم پختو ۽ سنجيده لکي ٿو. تازو پنهنجي شعر جو ڪجهه حصو 'تحفه سنڌ' جي نالي هيٺ ڇپائي، مخالفت جو طوفان اٿاريائين."

"حيدر"، 'شڪوه' جي مخالفت ڏسي 'جواب شڪوه' لکڻ جو ارادو ڏيکاريو؛ ازان سواءِ، بقيه ڪلام به شايع ڪرائڻ جو خيال هوس، پر مخالفت ۽ ٻين وجوهات سبب شعر نه ڇپايائين، بلڪ خاموشيءَ سان ۽ پنهنجي وس آهر فن ۽ ملڪ جي خدمت ڪندو رهيو. انهيءَ دوران، بين الاقوامي حالتن ۾ ۽ خود سنڌ ۾ ڪيترا انقلاب آيا ۽ چڱي اٿل پٿل ٿي. سنڌ جا شاعر، يا خاموش هئا يا روزگار جي مسئلن ۾ قائل هئا. حيدر بخش ان وقت مطالعي ۾ محو هو، ۽ هو عالمگير حالتن ۽ سياست جو گهريءَ نظر سان اڀياس پڻ ڪندو رهيو. انهيءَ وچ ۾ "حيدر" ترقي ڪري، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ جتي سندس ننڍپڻ گذريو هو، ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي آيو؛ مگر سندس آزاد طبيعت کي حقيقي سڪون بلڪل نصيب نه ٿيو. جنگ عظيم جي پيدا ڪيل حالتن ملڪ جي هر هڪ طبقي کي اڌ– مئو ڪري ڇڏيو هو. غير ملڪي حڪومت عوام جو رت پي انهن کي پيڙي ڇڏيو هو، ۽ انهيءَ جو وڏو اثر هارين تي پئجي رهيو هو؛ ٻين سان گڏ خود سنڌ ڀائر– زميندار ڪين صدقي جي ٻڪري سمجهي مُڏي ڇريءَ سان ذبح ڪري رهيا هئا. "حيدر" جي شاعرانه ۽ انقلاب– پسند طبيعت اها روئداد ڪٿي ٿي برداشت ڪري سگهي؟ حالتن کيس ايڏو ته ڏک پهچايو، جو شعر ۾ پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳو!

حيف "حيدر" هي ڪلام آهہ، مگر آهي ڇا؟
پاڪ آزادي مٿان اهڙي نظر آهي ڇا؟
تون تہ آزاد طبيعت هئين، پر آهي ڇا؟
هي غلاميءَ ۾ غلاميءَ جو اثر آهي ڇا؟ –
جنهن ڪرائي نظر انداز آ آزاديءِ قوم!

شعر ههڙي ڪان تہ هئي توکي خموشي بهتر،
تنهنجي بَڪ بَڪ جي گلا، ٿي هلي گهر گهر، در در؛
هاڻ ڪجهہ طرزِ سخن ڦير ۽ آڻ اهڙو اثر،
جو مُدبر بہ چون مست ٿي "حيدرا!" "حيدرا!" –
– نظم هي ٺاهہ، هي اعجاز آ آزاديءِ قوم!

ٻئي طرف، وڏيرا شاهي ۽ ڪاموراشاهيءَ طرفان سنڌ جي هارين مٿان لڳاتار ظلمن ۽ عقوبتن ڪي ڏسندي، سندس انسان– دوست فطرت ۽ آزاد ذهن جڻ تڙپي اُٿيا ۽ هاڻي هو ڪنهن عملي جدوجهد جون صورتون سوچڻ لڳو. جڏهن بہ ڪنهن بيدار دل ۽ صحيح دماغ رکڻ واري انسان کي پنهنجي آسپاس تي سوچڻ جو ويچار ٿئي ٿو، تہ ان جي ردعمل ۽ نتيجي ۾ هو ضرور اها ئي راهہ اختيار ڪري ٿو، جيڪا انسان جي اصل عظمت ڏانهن رهنمائي ڪري ٿي، ۽ ان کي ذلت ۽ زبونيءَ، ظلم ۽ ڏاڍ کان پاڻ ڇڏائڻ جا حوصلا بخشي ٿي: حيدر بخش اهو ئي سوچيو ۽ ائين ئي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

بالآخر هو 1943ع ۾، انگريزي حڪومت جي نوڪريءَ مان استعفيٰ ڏيئي، اڳو پوءِ ملڪي خدمت ۾ لڳي ويو، ۽ "سنڌ هاري ڪاميٽيءَ" ۾ شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. دوستن سمجهايس، پنهنجن منع ڪيس تہ انهيءَ مان ڪجهہ ڪين ورندئي، پر هن ڪونہ مڃيو، پنهنجيءَ ڌُن ۾ مست رهيو. اڪثر هٿ تنگ رهڻ لڳس، ۽ بعضي تہ لنگهڻ بہ ڪڍڻا پيس. ڀَٽ سَٽ ڪري شعرن جو طويل مخمس "آزاديءِ قوم" لکي شايع ڪرايائين، جنهن ۾ پاڻ قوم– پرست جي حيثيت ۾ غلاميءَ تي خوب چوهہ چنڊيا اٿس. لفظ لفظ ۾ هڪ جوش ۽ سختي آهي– اهو هن ڪري تہ زماني جو تلخ تجربو

تيس. صوبي سنڌ جي تاريخ ۾ اهو طويل نظم، قومي نقطہ نگاهہ کان پنهنجي قسم جو واحد نظم آهي، جنهن جهڙو هن کان اڳ ڪنهن بہ نہ چيو آهي. البت، دقيق ۽ ڪثرت سان عربي ۽ فارسي الفاظ جاءِ بجاءِ ڪتب آندا اٿس، جنهن ڪري پڙهڻ ۾ سو ڪافي تڪليف ٿئي ٿي.

”حيدر“ کي ادبيات ۽ سياست جو ڪافي ۽ وسيع مطالعو هو، ويتر هاڻ واندو ٿي عملي طرح سياست ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. انهيءَ سال هاري ڪاميٽيءَ جو صدر ٿيو، ۽ ”هاري حقدار“ نالي هفتيوار اخبار جاري ڪيائين، جنهن جو ايڊيٽر بہ پاڻ ٿيو. سندس زندگيءَ ۾ جيئن بناوت ۽ وڏائي ڪونهي، تيئن شعر ۾ بہ خلوص کان ڪم ورتل آهي. هرڪا ڳالهہ صاف صاف بيان ڪرڻ جي عادت اٿس. 1956ع ۾ ”سنڌي ادبي سنگت“ حيدرآباد پاران، ’بيسنت هال‘ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمت الله عليہ جي ورسي ملهائي ويئي؛ صدارت محترم عبدالله چنا ڪري رهيو هو؛ حيدرآباد جا سڀ اديب ۽ شاعر اُتي موجود هئا، ۽ دستور موجب سڀني ’شاهہ‘ جي ڪلام جون خوبيون ٻڌائيندي ان جي شخصيت سان عقيدت جو اظهار ڪيو: جڏهن حيدر بخش جو وارو آيو، تہ هن ڳالهائيندڙ حضرات جو هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪايو تہ، ”شاهہ صاحب جي شاعري ختم نہ سمجهو، بلڪ ان کان پوءِ بہ بلند پايي جا شاعر ٿيا آهن، ۽ اهو هينئر بہ ناممڪن نہ آهي، جو ڪو اهڙو ئي وڏو شاعر پيدا ٿئي.“ ان تي ڪن وڏن اديبن اعتراض ڪيو، ۽ ”حيدر“ کي تقرير اڌ ۾ بند ڪري ويهڻو پيو.

”حيدر“ جڏهن پهرين پهرين شاعر جي حيثيت سان ادب جي محفل ۾ آيو، تہ هو بلڪل نئون ۽ نرالو پئي لڳو- اهڙو نئون، اهڙو نرالو، جيئن ڪنهن وڏي ساري اونداهي ميدان ۾ اڪيلو ٻيٺل روشنيءَ جو منارو؛ چوڌاري گلن ۽ بلبلن جا صدين کان سٽيل ڪٽيل موضوع، قافين ۽ رديفن جي چستيءَ جا چرچا؛ نہ ادب ۾ اندر جي اُٿل، نہ وري ڪا جذبن جي اپٽار؛ اهڙي پئي لڳو ڄڻ ادب انسانن جي زندگيءَ کان رُسي ويو آهي. ”حيدر“ رُٺل ادب کي پرچائي، اُن کي انسانن جي محفل ۾ وٺي آيو؛ ادب ۽ انسانيت جو هڪ ٻئي سان تعارف ڪرايو. بيشڪ، سنڌي ادب کي موجوده ماحول بخشڻ ۾ حيدر بخش جي

حيثيت نهايت اهم ۽ نهايت بلند آهي.

ساڳيءَ طرح، سياسي دنيا ۾ به هن جو وجود اوپرو پئي لڳو. سندس خيال نه اڳ بُدل ۽ نه سندس تصور جي دنيا ڪنهن جي ڏٺل؛ نه ڪنهن ڪيس سمجهيو، نه سڃاتو. سنڌ جي سياست، جيڪا 'وزارت جي جُوا!' هئي، سان اچي ڏني. هن کي گرفتار ڪيائون، دربدر ڪيائون، ليڪن هن جي دل ۾ جيڪا هارين جي همدرديءَ ۽ سڄاڳيءَ جي چٽنگ دکيل هئي، ان سان ويو انسانن جون دليون جرڪائيندو، ڏيئي مان ڏيئا ٻاريندو؛ تان جو اڄ هن جي تحريڪ، هاري پارٽي، سنڌ جي سٽايلن جي اڪيلي همدرد جماعت آهي.

جڏهن 1947ع ۾ ملڪ آزاد ٿيو، ته "حيدر" ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪ نظم چيائين، جنهن ۾ هن طرح پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪيو اٿس:

سوز ۾ جان سڙي خاڪ ٿي، ڇا ڇا نڪتا-
"حيدر" اکين مان سنڌءِ باهہ جا شعلا نڪتا!
ذري ذري مان اُهي خاڪ مان واڪا نڪتا:
'ديس جا جيڪي به دشمن هئا، نڪتا نڪتا!'
ڪر اچي ملڪ هي ممتاز- آ، آزاديءَ قوم!

هاڻي "حيدر" جي زندگيءَ جو هي چوٿون دؤر شروع ٿيو. اهو چوٿون دؤر نه رڳو هن جي زندگيءَ جو آهي، پر خود سنڌس شاعريءَ جو به آهي؛ ڇاڪاڻ ته سندس زندگيءَ جي وڏي مدعا ۽ تمنا زندگيءَ ۾ ئي پوري ٿي، ۽ ملڪ آزاد ٿيو. هن وقت سندس خيال ۽ جذبا هاڻي فقط هڪ مقصد کي مڪمل ڪرڻ ۾ لڳل آهن- ۽ اهو مقصد آهي "سنڌي هارين ۾ اصلاح آڻڻ". هن وقت هو پنهنجي انهيءَ مقصد لاءِ قلمي ۽ عملي طور پاڻ پتوڙي رهيو آهي. ان مقصد سان، تازو هڪ گيتن جو مجموعو "هاري گيت" مرتب ڪيو اٿس، جنهن ۾ سندس مشهور نظم "هاريءَ جو زمانو" پڻ شامل آهي. هن ۾ هاريءَ سان جنهن محبت ۽ سوز سان مخاطب ٿيو آهي، اهو "حيدر" جو ئي حصو آهي. پڙهندڙ کي سنڌي هاريءَ جي مڪمل تصوير اکين اڳيان ترڻ اچي، ۽ دل ۾ هڪ ڏک ۽ همدرديءَ جو جذبو بيدار ٿيو وڃي. هاريءَ کي "سنڌ جو سردار"

سڏيندي، چوي ٿو:

سنڌ جا ساهه ۽ سردار ۽ دلبر هاري،
قوم جا هار ۽ سينگار ۽ زيور هاري،
تنهنجي احسان جي هيٺ آهه بشر هر، هاري،
ٿيا زمانو ۽ زمين تنهنجا ثناگر،هاري،
قوم ساري ٿي هيئنر ڳائي ترانو تنهنجو،
اُٿ اي هاري، اجهو آيو آ زمانو تنهنجو!

هاريءَ جي محنت کي ساراهيندي وڏيڪ چوي ٿو:

تنهنجي محنت ٿي ڪري ڪڻڪ ۽ جوئر پيدا،
ڌوڙ مٽيءَ منجهان موتي ۽ جواهر پيدا،
باغ باغات گلستان مُعطر پيدا:
آهي ڇا ڇا نه ڪيو ڏاتي ۽ ڪوڏر پيدا؟
هي جهان آهه ڪرامت ۽ فسانو تنهنجو،
اٿ اي هاري، اجهو آيو آ زمانو تنهنجو!

آخر ۾ هاريءَ کي دعا ڪري ٿو، ۽ سنڌ جي قديم روايت وانگر پنهنجي مادرِوطن کي به دعا کان خالي نٿو ڇڏي.

هاري! تنهنجو هي نظام اشرف ۽ آباد رهي،
جو به بيڪار آ بدڪار آ، برباد رهي،
جو مزدور آ، هاري آ، سدا شاد رهي،
ديس سرسبز رهي، زنده ۽ آزاد رهي!
سوين "حيدر" جيان ڳائڻ جئن گانو تنهنجو-
ڏس اي هاري، اجهو آيو آ زمانو تنهنجو!

"حيدر" زندگيءَ جي چوٽين دؤر ۾ خوشيون به ڏٺيون، ته مصيبتون به سَٺيون. اختلاف راءِ رکڻ سبب به دفعا ڪيس بنا دريافت جيل ۾ قيد پڻ ڪيائون. پر هي مجاهد مڙس جيل جي سختين کان به سخت ۽ محڪم نڪتو. هڪ دفعي، "هاري حقدار" آفيس ۾ ٻاهر چٽڪار ڪرايو ڪرسيون ۽ ڪتون وجهايو ويٺو هو: آسپاس پٽڪن ۽ ميرن ڪپڙن سان هاري ويٺا هئا،

جن سان اهڙي ته نموني پاڻيچاري جون ڳالهيون پئي ڪيائين، جو مون سان گڏجي آيل دوست کي جڏهن اها خبر پيئي ته حيدر صاحب اڄ جيل مان ڇٽي آيو آهي ۽ اڄ ساڻس گڏجڻ آيو آهيان، ته هو سخت حيران ٿي مون کي چوڻ لڳو، ”هن کي ته ڇڻ ڪو واقعو ئي پيش ڪونه آيو آهي!“ حالانڪ ”حيدر“ جيل ۾ هو ته پويان سندس پٽ سخت عليل ٿي پيو هو، ۽ اخبارن ۾ سندس رهائيءَ جي تقاضا ڪئي پئي ويئي- پر ”حيدر“ جي منهن تي ملولائيءَ جو ڪو معمولي اهڃاڻ به هجي، سو بنهه نه!

”حيدر“ جي ڪلام جو ڪجهه نمونو وٺڻ لاءِ آءٌ سندس جاءِ تي هڪ دفعو ويس، ته مون کي پنهنجي ذاتي ڪتب خاني ۾ وٺي ويو ۽ اهو هٿ-لکيل بياض مون کي ڏنائين، جنهن ۾ شاگرديءَ جي زماني کان وٺي اڄ جو ڪلام پنهنجن هٿ- اکرن ۾ قلمبند ٿيل اٿس. گهڻو ذخيرو انگريزي ڪتابن جو هو، جن ۾ به گهڻو تعداد فلسفي ۽ سياست جو هو. هن عمر ۾ به ڇهه ڇهه ڪلاڪ مسلسل مطالعي ۾ مصروف رهندو آهي. شال هي سنڌ جو سورهيه سپوت اجا گهڻي ڇمار ماڻي، ۽ ان طرح سنڌ جو پنهنجي شخصيت تي فخر قائم رهي!

نموني طور، ”حيدر“ جي ڪلام مان ڪي چيزون پيش ڪريان ٿو.

همه او است:

هر شيءِ ۾ حسن تنهنجو، يا رب نظر اچي ٿو،
انڌين اکين جي آڏو، پردو مگر اچي ٿو؛
گلشن ۾ حسن تنهنجو، بلبل کي تنهنجي سودا،
جنهن جي زبان مان دم دم لعل ۽ گهر اچي ٿو.

فاني زمانو:

هر ڪنهن کي هلو آهي هي فاني وطن ڇڏي،
پيارا عزيز دوست ۽ گلشن چمن ڇڏي؛
هن تخته زمين کي هزارين وڃن ڇڏي،
هرڪو وڃائي وارو وڃي انجمن ڇڏي؛
جڏهن ٿو روح پاڪ معطر بدن ڇڏي،
دنيا ۾ تنهن کي ڪونه گهڙي هڪڙي ڪن ڇڏي.

رباعي

الله جو رستو وڏي مشڪل ۾ ڏٺم،
مسجد ۾، تڪاڻي ۾، نہ ديول ۾ ڏٺم؛
هت بحث ۽ منطق جو نہ ڪجھ آهہ ضرور،
مولا ڪي ڏٺم جي تہ سچيءَ دل ۾ ڏٺم.
*

– ليکڪ: ابن الياس سومرو

* تماهي "مهراڻ" حيدرآباد، سنڌ، "سوانح حيات نمبر" 1957ع

"باباءِ سنڌ" جي سنڌ لاءِ جدوجهد

سنڌ ۾ اسي سيڪڙو آبادي هارين جي رهي ٿي، جيڪي رات ڏينهن، سرديءَ گرميءَ ۾ زمين جو سينو چيري، پاڻ کي بکيو ۽ ننگو رکي به ٻين لاءِ، رات ڏينهن محنت ۽ مزدوري ڪري کين زنده رکن ٿا. اهڙن ماروئڙن کي سنڌ جي زميندار، جاگيردار، نواب، پير، مير ۽ سردار هميشہ پنهنجو غلام ڪري ڇڏيو هو. اهڙي صورتحال ڏسي، جناب جي. ايم. سيد، جناب عبدالقادر ايم. خان، جناب ڄيٺمل پرسرام، جناب جمشيد مهتا، جناب قادر بخش نظاماڻي، جناب نور محمد پليجي ۽ ٻين مخلص رهنمائن سال 1930ع ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو بنياد وڌو، ۽ اُن وقت جي حالات مطابق آهستي آهستي جماعت جو گاڏو هلايو. ان بعد جيئن جيئن ورڪرن جو تعداد وڌندو ويو، تيئن ڪم جي رفتار بہ اڳتي وڌڻ شروع ڪيو.

ڪامريڊ عبدالقادر ايم. خان، جيڪو "سنڌ هاري ڪاميٽيءَ" جو مکيہ اڳواڻ هو، انهيءَ مون کي ٻڌايو تہ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، جنهن وقت سرڪاري ملازم هو، تڏهن پنهنجي پگهار مان اسان جي مالي امداد ڪندو رهندو هو. پاڻ چوندو هو تہ مان نوڪري ڇڏي، هاري ڪاميٽيءَ ۾ اچي ڪم ڪندس.

"باباءِ سنڌ" آخر سال 1945ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽريءَ جي عهدي تان استعفيٰ ڏيئي، باقاعدگيءَ سان "سنڌ هاري ڪاميٽيءَ" جو ميمبر ٿيو. ڪيس شروع ۾ "سنڌ هاري ڪاميٽيءَ" جو جنرل سيڪريٽري ڪيو ويو ۽ پوءِ پڇاڙيءَ تائين سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو صدر ٿي رهيو.

"باباءِ سنڌ" جي هاري ڪاميٽيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ جماعت انقلابي رخ اختيار ڪيو، ۽ هارين جي حقن کان سواءِ سنڌ جي هر مسئلي لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏني؛ جنهن جو نتيجو اهو نڪتو، جو "سنڌ هاري ڪاميٽيءَ" وڏو مقام حاصل ڪري ورتو.

مان پنهنجي هن مختصر مضمون ۾ چاهيان ٿو، تہ "باباءِ سنڌ" ۽ سندس هاري ڪارڪنن- هارين ۽ سنڌ جي حقن لاءِ جيڪا جدوجهد ڪئي آهي، تڪليفون ۽ مصيبتون سَنيون آهن، انهيءَ جو مختصر خاڪو پيش ڪريان. جيئن اهل سنڌ وارا ڏسن، تہ "باباءِ سنڌ" ۽ سندس هاري ڪارڪنن، سرمائيدارن ۽ زميندارن جي دؤرِ حڪومت ۾ همت ۽ حوصلي سان اُن وقت جي جابر ۽ ظالم حڪومتن سان پنهنجي جائز حقن حاصل ڪرڻ خاطر ڪهڙي جدوجهد ڪئي آهي.

هارين لاءِ جدوجهد

سنڌ جي مسڪين هاريءَ تي صدين کان زميندارن، جاگيردارن جو جيڪو بي پناه دٻاءُ هو، انهيءَ کي ختم ڪرڻ، خوف ۽ هراس جو خاتمو آڻڻ ۽ هارين کي پنهنجي جائز حقن کان واقف ڪرڻ لاءِ ""باباءِ سنڌ"" ۽ سندس هاري ڪارڪنن، سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي هارين سان ڪچهريون شروع ڪري ڏنيون. ڳوٺن ۽ شهرن ۾ هاري جلسن ۽ جلوسن جو سلسلو وڏي پيماني تي شروع ڪري ڏنو ۽ گهر گهر "هاري حقدار"، "زميندار- برٻادي" ۽ "جيڪو کيڙي- سو کائي" جو نعرو عام ڪري ڇڏيو.

1950ع کان اڳ ۾ هارين لاءِ ڪوبہ اهڙو قائدو قانون موجود نہ هو، جنهن تحت هاري عدالت مان انصاف حاصل ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪو قانون بہ هو، تہ اُهو زميندار جو ڏنڊو هو. جيئن چاهي، تيئن هاري تي استعمال ڪري.

"باباءِ سنڌ" هارين جي لاءِ قانون پاس ڪرائڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪئي. قانون جو مسودو (سنڌ ٽيننسي ايڪٽ) تيار ڪري حڪومت سنڌ جي حوالي ڪيو. مگر حڪومت ۽ اسيمبليءَ اندر سڀ جا سڀ وزير ۽ ميمبر- زميندار، جاگيردار، مير ۽ پير هئا، جن انهيءَ پيش ڪيل ايڪٽ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو.

اپريل 1950ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿي رهيو هو. اُن وقت سنڌ جو وڏو وزير مسٽر يوسف هارون هو. ڇاڪاڻ تہ هو زميندار نہ هو، تنهن ڪري هن هارين سان همدردي ڏيکاري. "باباءِ سنڌ" سنڌ جي هارين ۽

هاري ڪارڪنن کي 3 اپريل 1950ع تي هڪدم ڪراچيءَ پهچي وڃڻ جو حڪم ڏنو. سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان هزارن جي تعداد ۾ هاري ۽ هاري ڪارڪن ڪراچيءَ پهچي ويا ۽ پروگرام مطابق سنڌ اسيمبليءَ جو جيڪو اجلاس بندر روڊ واري بلڊنگ ۾ ٿي رهيو هو، انهيءَ بلڊنگ جو گهيراءُ ڪيو ۽ محمد ايوب کهڙي جو جنازو تيار ڪري عمارت کي چوڌاري پيٽي ڦيرايو. هارين اسيمبليءَ بلڊنگ کي اهڙو مضبوط گهيراءُ ڪيو، جو ڪنهن به وزير خواه ميمبر جو نڪرڻ مشڪل ٿي پيو.

”هاري حقدار“ جي نعرن اسيمبليءَ جي ڪارروائي هلائڻ ناممڪن بنائي ڇڏي. حڪومت طرفان فوج ۽ پوليس گهرائي ويئي، مگر هاري رهنمائن ۽ هارين تي ڪوبه اثر نه ٿيو. آخر حڪومت ”باباءِ سنڌ“ ۽ ٻين ڪارڪنن سان اسيمبليءَ ۾ ڳالهيون ڪيون ۽ ”سنڌ ٽيننسي ايڪٽ“ پاس ڪيو. حالانڪ انهيءَ ايڪٽ ۾ هارين جو ڪو وڏو بچاءُ نه ڪيو ويو هو، مگر ايڪٽ ۾ هارين جي حقن جي تحفظ لاءِ به گهٽائي قانون موجود آهن. انهيءَ کان سواءِ سنڌ لاءِ ٻي جيڪا به جدوجهد ڪئي ويئي آهي، اُها مختصر هن ريت آهي:

ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ

پاڪستان جي اُن وقت جي حاڪمن- ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪري، پاڪستان جي گادي بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ آخر ڪراچي- سنڌ کان جدا ڪئي ويئي. مگر سنڌ مان ڪنهن به انهيءَ خلاف آواز نه اٿاريو. ”باباءِ سنڌ“ انهيءَ مسئلي تي احتجاج ڪيو. 31 مئي 1948ع تي رتوديري ضلع لاڙڪاڻي ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو اسپيشل اجلاس سڏايو، جنهن ۾ هيٺيان تاريخي ٺهراءُ بحال ڪري، حڪومت پاڪستان کي موڪليا ويا.

ٺهراءُ پهريون

سنڌ جا باشندا هاڻي هن يقين تي پهتا آهن، ته ڪراچيءَ جي سوال لاءِ صرف ٻه رستا آهن. يا ته ڪراچي، سنڌ کي واپس ملي، يا ته پاڪستان پنهنجي دارالحڪومت ڪنهن ٻئي پاسي کڻي وڃي.

ٺهراءُ ٻيون

هيءُ اجلاس زوردار لفظن ۾ هن راءِ جو آهي، ته جيڪڏهن حڪومت پاڪستان کي مضبوط ۽ پڪي حڪومت بنائڻي آهي ته ان لاءِ رستو فقط اهو آهي، ته هر هڪ علائقي کي رضامنديءَ ۽ نيڪ نيتيءَ ۽ تعاون جي بنيادن تي ڳنڍيو وڃي. پاڪستان حڪومت، جا آل انڊيا مسلم ليگ جي سن 1940ع واري لاهور جي قرارداد جي بنياد تي حاصل ڪئي ويئي هئي، ۽ جنهن موجب هن علائقي کي خودمختياريءَ ۽ حڪومت جو حق آهي، اُن موجب پاڪستان هڪ فيڊرل بنياد تي هلي سگهي ٿو.

سنڌي، پنجابي، بنگالي، بلوچ، پٺاڻ- اِهي بين الاقوامي قانون ۽ سياست موجب خاص قوميتون آهن. هر هڪ کي پنهنجو وطن، زبان، ادب، تاريخ، تمدن ۽ روايات آهن، ۽ هرهڪ کي علحده سياسي، معاشي، اقتصادي مسئلا، خواهشون ۽ جذبات آهن. هر هڪ علائقي کي حق آهي، ته اُن جو "حق خود اراديت" آئين پاڪستان ۾ شامل ڪيو وڃي.

ٺهراءُ ٽيون

هيءُ اجلاس تقاضا ٿو ڪري ته جلد ۾ جلد، هر عاقل ۽ بالغ مرد ۽ عورت کي ووٽ جي حق جي بنياد تي، پاڪستان لاءِ هڪ جمهوري آئين تيار ڪيو وڃي؛ جنهن موجب 18 سالن جي بالغ کي ووٽ جو حق هجي ۽ تمام حڪومت ۽ قائدي سازيءَ جي واڳ عوام جي هٿ ۾ رهي.

"باباءِ سنڌ" 13 ڊسمبر 1953ع تي ٽنڊي جام ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي ساليانی اجلاس ۾، پاڪستان اسيمبليءَ طرفان پاس ڪيل آئين خلاف احتجاج ڪيو ۽ هيٺيون ٺهراءُ پاس ڪيو ويو.

ٺهراءُ

هيءُ اجلاس موجوده غير نمائنده دستور ساز اسيمبليءَ جي پاس ڪيل آئين کي متفقه طور رد ڪري ٿو، ۽ اهو آئين ڪڏهن به سنڌين ۽ پاڪستانين لاءِ قابل قبول نه آهي.

اسلامي لفظن جي پردي ۾ اهڙو دستوري خاڪو ٺاهيو ويو آهي جو ڊڪٽيٽرشاهيءَ ۽ عوام دشمنيءَ سان پريو پيو آهي، جنهن جو مقصد فقط اهو

اهي تہ موجوده حڪمران، جن هن کي وجود ۾ اندو اهي، اهي هميشہ انهيءَ اقتدار تي قائم هجن. سنڌ ۽ پاڪستان جو عوام انهيءَ آئين کي هرگز قبول نہ ڪندو.

ون يونٽ خلاف جدوجهد

سنڌ ۽ ٻين صوبن جي علاقائي خودمختياريءَ کي ختم ڪري هڪ يونٽ بنائڻ واريءَ سازش کان "باباءِ سنڌ" ٻروقت خبردار رهيو. سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي ڪيترن اجلاسن ۾ انهيءَ سازش خلاف ٺهراءَ پاس ڪرايا. گورنر جنرل غلام محمد جڏهن ڏنڊي جي زور تي "ون يونٽ"جو بل پاس ڪرايو، تنهن وقت کان وٺي "باباءِ سنڌ" آرام سان نہ ويٺو. سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو اجلاس سڏائي اهو تاريخي اعلان ڪيو تہ، "جيستائين ون يونٽ جو خاتمو نہ ايندو، تيستائين آرام نہ ڪبو." هڪ طرف هاري ڪارڪنن کي حڪم ڏنائون تہ ون يونٽ خلاف سنڌ ۾ جلسن ۽ جلوسن جو سلسلو جاري رکيو وڃي، ۽ ٻئي طرف پمفليٽ لکي دنيا وارن کي ڏيکاريو وڃي تہ سنڌ سان هيءُ ناحق ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ "باباءِ سنڌ" ون يونٽ خلاف ڪيترائي انگريزيءَ ۾ پمفليٽ لکيا، جنهن ڪري ڪيس ڪيترائي ٻيرا جيل ۾ بند ڪيو ويو. ٻئي پاسي جڏهن ون يونٽ خلاف نعرو هڻڻ ڏوهہ سمجهيو ويندو هو، اهڙي ڪٺن وقت ۾ سنڌ جي هاري ڪارڪنن ڳوٺ ڳوٺ ۾ جلسا جلوس ڪڍي ون يونٽ خلاف آواز بلند ڪيو. آخرڪار "باباءِ سنڌ"، پنهنجي حياتيءَ ۾ ون يونٽ جو خاتمو ڏٺو ۽ پوءِ اسان کان موڪلايو.

ون يونٽ جي سلسلي ۾، سنڌي هاري ڪاميٽيءَ طرفان "باباءِ سنڌ" جي صدارت هيٺ 11 نومبر 1954ع تي حيدرآباد ۾ ٿيل اجلاس ۾ هيٺيان ٺهراءُ پاس ڪيا ويا:

ٺهراءُ پهريون

هيءَ اجلاس هن راءِ جو آهي تہ سنڌ، بلوچستان ۽ فرنٽيئر علائقن کي ويسٽ پاڪستان جي هڪ يونٽ ۾ ناهڻ جو تحرڪ پنجاب جي سرمائيدارن ۽ عملدارن طرفان هلايل آهي، تہ جيئن ننڍن صوبن جي وسائل، زمين، تجارت

۽ نوڪرين تي قبضو ڪيو ويجي.

هيءَ تحريڪ بلڪل ناجائز ۽ نامناسب آهي، جنهن ذريعي پنجاب جي عوام ۽ سنڌ جي عوام ۾ نفرت ۽ عام طرح پاڪستان ۾ اندروني خانہ جنگي جو باعث ٿيندو، جنهن مان خطرناڪ نتيجا لازمي آهن.

سنڌ هزارين سالن ڪان هڪ خاص تهذيب، زبان ۽ روايتن جي مالڪ آهي. اُن ڪي پاڪستان ۽ اسلام جي نالي ۾ متائڻ ناممڪن ۽ ظالمانہ ڪارروائي ٿيندي. اهڙي ناپاڪ تحريڪ ڪي سنڌ جو عوام ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندو. هيءَ اجلاس مسٽر غلام محمد، گورنر جنرل کي اپيل ٿو ڪري تہ هن معاملي کي وڏيڪ ڇڪتاڻ کان سواءِ ختم ڪري، پاڪستان تي مهرباني ڪري.

نهراءِ ٻيو

هن ڪائونسل جو اجلاس سنڌ اسيمبليءَ جي اُنهن ميمبرن تي ناراضگيءَ جو اظهار ٿو ڪري، جو اُنهن بندوق جي چانوَ ۾ پوليس ۽ ملٽري کان هيسجي ڪيو آهي. اهو ڪيل فيصلو عوام جو فيصلو نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ اسيمبليءَ جي ووٽرن جڏهن انهن ميمبرن کي ووٽ ڏنا هئا، تڏهن انهن جي اڳيان ون يونٽ جو سوال ئي ڪونہ هو. تنهن کان سواءِ اهو فيصلو 1940ع جي لاهور واري تاريخي نهراءَ جي قطعي خلاف آهي.

"باباءِ سنڌ" - پاڪستان کان پوءِ سنڌ جي عوام مٿان جيڪي بہ ظلم، زيردستيون ۽ بےانصافيون ٿينديون رهيون، انهن خلاف قلم کنيو. ڪافي محنت ۽ خرچ ڪري، سنڌ جي سيني مسئلن تي انگريزي ۾ پمفليٽ لکيا جن اُن وقت جيِ حڪومت اندر هڪ قسم جو وڏو ترٿلو مچائي ڇڏيو. دوست توڙي دشمن سڀ داد ڏيڻ لڳا. مان هتي انهن سيني پمفليٽن جو اختصار پيش ڪريان ٿو:

(1) "پاڪستان ۾ جمهوريت يا آمريت؟" - جلد پهريون

(Democracy or Dictatorship in Pakistan, Vol-1)

(تاريخ اشاعت، ڪراچي، 7 آگسٽ 1955ع، صفحا 21)

مٿئين نالي وارو پمفليٽ "باباءِ سنڌ" اُن وقت قلمبند ڪيو، جنهن

وقت پاڪستان سخت سياسي مونجهاري ۾ مبتلا هو. جمهوريت کي ڪچلڻ لاءِ آمرانہ قوتون زور آزما هيون ۽ عام ماڻهن جي جائز حقن جي پوئواري ڪرڻ وارو ڪو ورلي هو.

انهيءَ پمفليٽ ۾ جمهوريت ۽ آمريت جي چڱائين ۽ اوڻاين بابت تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. هن پمفليٽ لکڻ جو وڏو سبب اهو هو، تہ ان وقت عوام کي پيش ايندڙ مشڪلاتن ۽ جمهوريت کي ڪامياب ٿيڻ کان روڪيندڙ طاقتن جو مقابلو ڪيو وڃي. انهيءَ پمفليٽ ۾ جمهوريت ۽ آمريت جا سڀ پهلو ظاهر ڪري ڏيکاريل آهن ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکاريل آهي تہ جمهوريت جي ڪري ملڪ ۾ ترقي ۽ خوشحالي اچي سگهي ٿي. ان پمفليٽ ۾ اولهہ پاڪستان جي سڀني صوبن کي زوريءَ ملائي "ون يونٽ" بنائڻ واري منصوبي جو تفصيلي ذڪر ڪيل آهي. پمفليٽ جي آخر ۾ انهيءَ گڏيل بيان جو متن پڻ ڏنو ويو آهي، جيڪو 28 جولاءِ 1955ع تي محترم شيخ عبدالمجيد سنڌي، "باباءِ سنڌ" حيدر بخش جتوئي ۽ محمد محمود (عوامي ليگ) جي صحيحن سان جاري ڪيو ويو هو، جنهن ۾ اُن وقت جي سنڌ جي وڏي وزير- محمد ايوب کهڙي جي ڪرتوتن جو تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي.

(2) "پاڪستان ۾ جمهوريت يا آمريت؟" - جلد ٻيو

(Democracy or Dictatorship in Pakistan, Vol-II)

(تاريخ اشاعت: ڪراچي 22 آگسٽ 1955ع، صفحا 24)

"باباءِ سنڌ" - اهو مٿيون پمفليٽ سنڌ مٿان ون يونٽ جي عذاب مڙهڻ جي خلاف، اعلانِ جهاد طور لکيو. ان پمفليٽ ۾ ون يونٽ بل جو تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي. گورنر جنرل غلام محمد طرفان 24 آڪٽوبر 1954ع تي آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ واري قدم جو تجزيو پڻ ورتو ويو آهي. پمفليٽ ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ سنڌ هر لحاظ کان پنهنجي پيرن تي بيهي سگهڻ جي لائق آهي. انهيءَ جي ايراضي ۽ آبادي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن کان وڌيڪ آهي. پمفليٽ جي آخر ۾ ون يونٽ مان سنڌ ۽ ٻين صوبن کي پهچندڙ نقصانن

جو تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي ۽ اُن وقت جيّ آمرانہ حڪمرانن ڪي چيو ويو آهي، تہ انصاف ۽ جمهوريت خاطر ون يونٽ جهڙي غلط منصوبي ڪي عمل هيٺ نہ آڻيو.

(3) "پاڪستان ۾ جمهوريت يا آمريت؟" جلد ٽيون

(Democracy or Dictatorship in Pakistan, Vol-III)

(تاريخ اشاعت: ڪراچي، 10 سيپٽمبر 1955ع، صفحا 28)

مٿئين نالي واري پمفليٽ ۾ "باباءِ سنڌ" – ون يونٽ واري بل تي ميان ممتاز محمد دولتانہ طرفان پيش ڪيل تقريرن ۽ دلائل جو نقطہ بہ نقطہ جواب ڏنو آهي ۽ مسٽر دولتانہ جيّ لغو دليلن ڪي نهايت منصفانہ طريقي سان غلط ثابت ڪري ڏيکاريو آهي.

انهيءَ پمفليٽ ۾ محمد ايوب کهڙي جي پير علي محمد راشدي جي ون يونٽ جي تائيد ۽ پنيرائي ڪرڻ ڪي سخت اکرن ۾ ننديو ويو آهي ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ويو آهي تہ هو پنهنجي ذاتي مفاد خاطر سنڌ ڪي هر وقت قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن.

(4) "جمهوريت ۽ چيف جسٽس جو انصاف"

(Democracy and Justice of the Chief Justice)

(تاريخ اشاعت: ڪراچي، 25 ڊسمبر 1956ع صفحا 24.)

"باباءِ سنڌ" انهيءَ مٿئين نالي وارو پمفليٽ، پاڪستان فيڊرل ڪورٽ جي چيف جسٽس– مسٽر محمد منير جي انهيءَ تاريخي فيصلي جي خلاف لکيو هو، جنهن مطابق جسٽس منير ان وقت جي گورنر جنرل غلام محمد جي طرفان پاڪستان ۾ جمهوريت جي خاتمي لاءِ مختلف قدم کنيا هئا ۽ جنهن جي پنيرائي جسٽس منير پنهنجي فيصلي ۾ ڪئي هئي

هيءُ اُهو دؤر هو، جڏهن گورنر جنرل غلام محمد پاڪستان کيّ تباهہ ڪرڻ خاطر سڀ ليڪا لنگهي ويو هو. آئين ساز اسيمبليءَ ڪي ٽوڙيو ويو هو. صوبائي ۽ مرڪزي حڪومتون ختم ڪيون ويون هيون. اهڙي غير

قانوني قدم خلاف مولوي تميزالدين، جيڪو آئين ساز اسيمبليءَ جو اسپيڪر هو ۽ هن سنڌ چيف ڪورٽ ۾ رٽ داخل ڪئي هئي، جنهن گورنر جو اهو حڪم رد ڪري ڇڏيو- انهيءَ فيصلي خلاف پاڪستان حڪومت فيڊرل ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي، جنهن جو چيف جسٽس محمد منير هو. ۽ هن سنڌ چيف ڪورٽ جو فيصلو رد ڪري، گورنر جنرل جي حڪم کي بحال رکيو. "باباءِ سنڌ" هن پمفليٽ ۾ لکيو آهي ته جيڪڏهن جمهوريت کي پاڪستان ۾ قائم رکڻو آهي، ته پوءِ جمهوريت جي عوام دشمن قوتن کي ضرور بي نقاب ڪرڻو پوندو. پاڻ لکي ٿو ته چيف جسٽس پاڪستان وڏي ۾ وڏي عدالت جو سربراهه آهي، ان جي فيصلي خلاف ڪابه وڌيڪ اپيل نٿي ٿي سگهي؛ تنهنڪري مان هن پمفليٽ ذريعي پنهنجو مؤقف پاڪستان جي عوامي عدالت اڳيان رکان ٿو، جيڪا آخري وڏي ۾ وڏي طاقتور اپيل جي عدالت آهي.

(5) "ڇا سنڌي ٻولي ڪراچيءَ ۾ قائم رهندي يا نه؟"

(Shall Sindhi Language stay in Karachi or not?)

(تاريخ اشاعت: 9 جنوري 1957ع، صفحا 18)

هن پمفليٽ ۾ "باباءِ سنڌ" - سنڌي ٻوليءَ جو ڪراچيءَ ۾ مستقبل جي باري ۾ لکيو آهي ۽ ثابت ڪيو ويو آهي ته اُن وقت جا حڪمران نه فقط سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۾ ناخوش هئا، پر سنڌن مرضي اها هئي ته سنڌي ٻولي هميشه لاءِ پوئتي پيل هجي.

(6) "سنڌ ۾ زميني ڪٽ جو غير منصفاڻو طريقہ ڪار"

(Injustice Land Assessment Rates in Sindh)

(تاريخ اشاعت: حيدرآباد، 15 جون 1957ع)

مٿئين نالي واري پمفليٽ ۾ "باباءِ سنڌ" - سنڌ جي ضلعن ۾ غير منصفاڻي نموني ۾ ڍلن جي بستگيءَ خلاف لکيو آهي. ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي، ته سنڌ جي ضلعن ۽ ٻين صوبن جي ضلعن جي مقابلي ۾ ڳريون

ڏلون ورتيون وڃن ٿيون، جنهن ڪري سنڌ جي زراعتي معيشت کي گهڻو نقصان پهتو آهي. خاص ڪري ننڍا ڪاٻيدار تباهه ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ رائج ڪيل سلائيڊنگ اسڪيل هيٺ ڍل جي وصوليءَ خلاف تفصيلي انگن اکرن سان بحث ڪيل آهي.

پمفليٽ ۾ صوبه پنجاب جي زمين جي حالت، پيداوار ۽ پاڻيءَ جي گهٽائيءَ ۽ سنڌ جي زمين جي حالت، پيداوار ۽ پاڻيءَ جي ڪوٽ جي ڀيٽ ڪيل آهي ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو ويو آهي، ته سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ، زمين جي حالت گهٽ ۽ پيداوار ٿوري هئڻ باوجود به ڍل ۽ پاڻيءَ جي قيمت پنجاب جي آبادگار کان گهٽ ۽ سنڌ جي آبادگار کان هر قسم جي فصل تي وڌيڪ وصول ڪئي ٿي وڃي.

(7) "سنڌ جون زرعي زمينون ڪنهن کي ملڻ گهرجن؟"

(Lands in Sindh, who should own them.)

(تاريخ اشاعت: 27 جولاءِ 1957ع، صفحا 16)

هن پمفليٽ ۾ "باباءِ سنڌ" – سنڌ ۾ موجوده زرعي زمين جي مالڪيءَ جي مسئلي تي تبصرو ڪيو آهي ۽ لکيو آهي، ته سنڌ جي اصلي باشندن خاص ڪري بي زمين هارين کي سنڌ جي زرعي زمين کان سازش تحت محروم رکيو ويو آهي، ۽ سرڪاري زمينن مان گهڻي ۾ گهڻو فائدو غير سنڌين کي مليو آهي.

(8) "متروڪ ملڪيت جي ورهاست" – جلد پهريون

(Disposal of Evacuee Property; Vol-1)

(تاريخ اشاعت: ڪراچي 21 فيبروري 1958ع، صفحا 16)

مٿئين پمفليٽ ۾ "باباءِ سنڌ"، هندن جي ڇڏيل زرعي زمين جي الاٽمنٽ بابت بحث ڪيو آهي ۽ مهاجرن جو انهيءَ زمين تي ڪهڙو حق آهي، اُن تي پڻ تفصيلي بحث ڪيل آهي. "باباءِ سنڌ" هن پمفليٽ ۾ حڪومت کي اپيل ڪئي آهي، ته هندن جي زمين تي مقامي هارين جو حق آهي، ۽ زمين اُنهن کي ڏني وڃي.

(9) "متروڪ ملڪيت جي ورهاست" - جلد ٻيو

(Disposal of Evacuee Property; Vol-2)

(تاريخ اشاعت: ڪراچي، 27 فيبروري 1958ع، صفحا 8)

اٺن صفحن تي مشتمل هن پمفليٽ ۾ "باباءِ سنڌ" - هندن ڇڏيل زرعي زمينن جا انگ اکر ڏنا آهن ۽ پهريون جلد ڇپجڻ کان پوءِ جيڪي حالتون پيدا ٿيون، انهن جو جائزو ورتل آهي. ۽ هن پمفليٽ ۾ شهري متروڪ ملڪيت جو پڻ تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي ۽ لڏي ويل هندن ۽ لڏي آيل مهاجر زميندارن جي مالڪيءَ وارن حقن تي بحث ڪيو ويو آهي. ۽ اهو لکيو آهي، ته هندن جي ڇڏيل زمين تي مهاجر زميندارن جو ڪوبه قانوني حق نه آهي.

(10) "سنڌ جي ضلعن ۾ زرعي ٽيڪسن جي وصوليءَ واري عمل ۾ ناانصافي"

(Injustice Land-Taxation in Sindh Districts)

(تاريخ اشاعت: ڪراچي، 1960ع، صفحا 34)

سائيڪلو اسٽائيل ٿيل هن پمفليٽ کي، جيڪو ايوب خان جي مارشل لا جي دؤر ۾ سنڌ جي زميندارن ۽ آبادگارن سان ٿيندڙ زيادتين خلاف لکيو ويو هو، ايوب خان جي آمرانه حڪومت ضبط ڪيو، ۽ "باباءِ سنڌ" کي اُن ڪتابچي لکڻ جي پاداش ۾ مارشل لا جي مختلف قوانين هيٺ گرفتار ڪري، اسپيشل مليٽري ڪورٽ ڪوئيٽا ۾ ڪيس هلائي سخت پورهئي سان ٽي سال جيل جي سزا ڏني ويئي. اُن وقت جڏهن ڪنهن شخص کي اها همت ڪانه هئي ته ايوب خان جي مارشل لا خلاف ڪو قدم ته نهيو پر ڪجهه چئي به سگهي؛ اهڙي نازڪ وقت ۾ سنڌ جي زميندارن ۽ آبادگارن جي اهم مسئلن ۽ سنڌ جي سرڪاري زمين بابت حق گوئي ۽ انصاف کان ڪم وٺندي، "باباءِ سنڌ" جيڪي تفصيل پيش ڪيا، تنهن جو آمرانه حڪومت وٽ ڪوبه خاطر خواه جواب ڪونه هو. سواءِ اُن جي ته انهيءَ حڪومت هن مردِ قلندرکي هيسائڻ لاءِ جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو. جيل جي تڪليفن "باباءِ سنڌ" کي پنهنجي ارادي ۾ وڌيڪ مضبوط ڪيو ۽ جيل مان نڪرڻ کان پوءِ پاڻ سنڌ جي حقن جي جدوجهد کي اڳ کان اڳرو ڪري ڇڏيو.

(11) "سنڌ جي ڏاکڻي زون ۾ غير منصفاڻو ٽيڪسن جو نظام" – جلد پهريون ۽ ٻيو

(Higher Land Taxation in Southern Sindh zone, Vol- I & II)

(تاريخ اشاعت: حيدرآباد 3 نومبر ۽ 20 نومبر 1966ع، ڪُل صفحا 48)

مٿين ٻنهي پمفليٽن ۾ "باباءِ سنڌ"، سنڌ جي سمورن ٽيڪسن جو جائزو ورتو آهي. هن پنهنجي پاڙيسري صوبہ پنجاب ۾ وڃي، هر هڪ ضلعي جا انگ اکر وڏيءَ محنت سان هٿ ڪيا ۽ سرڪاري انگن اکرن مان ثابت ڪري ڏيکاريو، تہ سنڌ اندر مختلف زرعي ٽيڪس، پنجاب جي ضلعن کان ٻيڻا ۽ ڪن حالتن ۾ ٽيڻا وصول ڪيا ٿا وڃن. پمفليٽ جي پهرين حصي ۾ سال 1954ع کان 1966ع تائين سنڌ اندر لئنڊ روينيو، واٽر ريٽ ۽ ٻين وصول ٿيندڙ ٽيڪسن جا تفصيل ڏنل آهن. 1958ع ۾ مارشل لا حڪومت ۽ ون يونٽ حڪومت طرفان سنڌ ۾ وري وڌيڪ ٽيڪس وڌايا ويا، تن جو پڻ جائزو ورتل آهي.

هنن ٻنهي پمفليٽن ۾ پنجاب ۽ سنڌ جي سيني ضلعن جي في ايڪڙ پيداوار ۽ لئنڊ روينيو، واٽر ريٽ ۽ ٻين وصول ٿيندڙ سيني ٽيڪسن جو چارٽر (نقشو) ڇپيل آهي.

پمفليٽ جي ٻئي جلد ۾، ان وقت جي ويسٽ پاڪستان اسيمبليءَ ۾ سنڌ جي سيني ميمبرن هن پمفليٽ جي تائيد ۾ صحيحون ڪيون آهن، جنهن جي فوٽو ڪاپي بہ شامل ڪيل آهي.

(12) "گڊو بيراج جي رياستي زرعي زمين جي ورهاست"

(Disposal of Guddu Barrage State Land)

(تاريخ اشاعت: سکر 4 اپريل 1957ع، صفحا 12.)

"باباءِ سنڌ" مٿين پمفليٽ ۾ سنڌ جي هارين جي حالت جو ذڪر ڪيو آهي. سندس قول آهي، تہ ملڪ ۾ اڪثريت هارين جي آهي، زمين جو اصل مالڪ هاري آهي، مگر هن کي هميشہ نظرانداز ڪيو ويو آهي.

هن پمفليٽ ۾ لکيو ويو آهي تہ پيرزاده عبدالستار جڏهن سنڌ جو وزيراعليٰ هو تڏهن هن انجام ڪيو هو، تہ بيراج جي 6- لک ايڪڙ زمين مقامي

هارين کي ڏنيءَ وينديءَ. مگر گورنر جنرل غلام محمد "ون يونٽ" زوريءَ مڙهي، سنڌ جو وزير اعليٰ– مسٽر ايوب خان کهڙي کي ڪري ڇڏيو، جنهن هارين کي زمين ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پمفليٽ ۾ "باباءِ سنڌ" لکيو آهي، ته اهڙيءَ حالت ۾ لاهور سرڪار کان اُميد ڪرڻ ته زمين سنڌ جي هارين کي ملندي، اها ڳالهه بلڪل ناممڪن هئي.

پمفليٽ ۾ ڪيترن ليڊرن جون اسيمبليءَ ۾ ڪيل تقريرن جا حوالا ڏنل آهن، جن ۾ هنن چيو هو ته سنڌ جي سرڪاري زمين تي پهرياڻين حق اُتي جي هارين جو آهي، مگر اڳتي هلي هو سڀ ڦري ويا.

"باباءِ سنڌ"، هن پمفليٽ ۾ گڊو بيراج جي زمين جا انگ اکر پيش ڪيا آهن ۽ اُهي سمورا تفصيل شايع ڪيا آهن، جن کي اُها زمين ڏني ويئي آهي، هن اهو پڻ ڏيکاريو آهي ته بيراج جي زمين مان چاليهه سيڪڙو کان به گهٽ زمين مقامي بي زمين هارين کي ڏنل آهي، جڏهن ته بي زمين سول ۽ فوجي عملدارن ۽ قبائلي سيٽلرن ۽ عام نيلام ۽ ٻين مختلف اسڪيمن هيٺ نيڪال ڪئي ويئي آهي.

(13) "مکي ڍنڍ جي علائقي مان مقامي آباديءَ جي زبردستي لڏپلاڻ بند ڪريو"

(Stop Ejectment of Population from Mukhi Dhandh Area).

(تاريخ اشاعت: حيدرآباد 20 ڊسمبر 1967ع، صفحا 16)

"باباءِ سنڌ" هيءَ پمفليٽ مکي ڍنڍ ايراضيءَ جي هارين مٿان ٿيندڙ ظلم کان متاثر ٿي لکيو هو. "باباءِ سنڌ" پاڻ ۽ پنهنجي رفيقن سان گڏ جڏهن مکي ڍنڍ ايراضيءَ ۾ وڃڻ لاءِ پروگرام تي سانگهڙ پهتو، تڏهن انهيءَ ڏينهن قلم 144 لڳايو ويو. "باباءِ سنڌ" ڪابه پرواهه نه ڪئي ۽ سرزمين تي پهتو، جتي هزارين هارين سندن شاندار استقبال ڪيو ۽ پنهنجون تڪليفون لکت ۾ ڏنيون. شڪايت ڪندڙ هاري گهڻي ڀاڱي سڀ پير صاحب پاڳاري جا مريد حُر هئا.

حر هارين– "باباءِ سنڌ" کي ٻڌايو ته اسان جون اصلي زمينون ته بي

قاعدي پين کي تقسيم ڪيون ويون آهن، پر هاڻي اسان جا گهر زبردستيءَ ٽريڪٽرن سان ڊاهي، جيلن ۾ بند ڪرائي، اباڻن ڳوٺن مان به لڏايو ٿو وڃي. ”باباءِ سنڌ“ هارين سان گڏ وڃي ڪيترين سرزمينون پڻ ڏٺيون ۽ سڀ تفصيل تيار ڪري، حيدرآباد پهچڻ شرط مٿيون پمفليٽ لکيو. ڪتاب ڇپجي جڏهن هاري آفيس ۾ پهتو، ته 11- بجي رات جو لاهور سرڪار جي وارنٽ تي ”باباءِ سنڌ“ کي گرفتار ڪري، مڇ جيل موڪليو ويو.

”باباءِ سنڌ“ هن پمفليٽ ۾ مکي ڍنڍ جي زمين جي سڄي تاريخ بيان ڪئي آهي. زمين جي ايراضي، جا اٽڪل پنج لک ايڪڙ ٿيندي، انهيءَ متعلق لکيو آهي ته انهيءَ زمين جا اصلي مالڪ حُر هاري آهن. انگريزن بي سبب اُهي زمينون ضبط ڪري ڇڏيون هيون.

”باباءِ سنڌ“ پمفليٽ ۾ لکيو آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اها ڪافي اُميد هئي، ته مکيءَ جي زمين وري اصلي مالڪن کي واپس ڏني ويندي، مگر انهيءَ جي بجاءِ اُها ضبط ٿيل زمين فوجين، قبائلين ۽ سرڪاري عملدارن کي الاٽمنٽ ڪري ڏني ۽ لکين روپيا خرچ ڪري، هن کي زمين آباديءَ لائق بڻائي ڏني ويئي. ”باباءِ سنڌ“ لکيو آهي ته هيءُ مکيءَ جي اصلي رهواسين سان ظلم ۽ ناانصافي آهي ۽ مطالبو ڪيو آهي ته هنن سان انصاف وارو سلوڪ اختيار ڪري، اُهي سڀ زمينون اصلي مالڪن جي حوالي ڪيون وڃن ۽ هنن کي پنهنجي زمين ۽ گهرن تان ڪنهن به حالت ۾ بي دخل نه ڪيو وڃي. انهيءَ پمفليٽ ۾ مکي علائقي جي ڳوٺن جا نالا ۽ انهيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن جي آدمشماريءَ جا انگ اکر پڻ ڏنا ويا آهن.

(14) ”ون يونٽ ٽوڙي سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جي حق اختياري بحال ڪئي وڃي.“

(Break up One-Unit Restorful Provincial Autonomy to Sindh, Balochistan and Pakhtoonistan)

(تاريخ اشاعت: حيدرآباد، 14 مارچ 1969ع)

9 مارچ 1969ع تي حيدرآباد ۾ جناب مخدوم محمد زمان ’طالب المولیٰ‘ صاحب جي ڪنٽونمينٽ واري بنگلي تي ”ون يونٽ“ خلاف سنڌ

جي قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن، عوامي رهنمائن ۽ قومي ڪارڪنن ۽ دانشورن جو ڪنوينشن جناب شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي صدارت هيٺ گڏ ٿيو. انهيءَ موقعي تي "باباءِ سنڌ" هڪ بل تيار ڪري آيو، جنهن تي اُن وقت موجوده قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن– جناب مخدوم محمد زمان صاحب، جناب عبدالحميد جتوئي، جناب غلام مصطفيٰ جتوئي، جناب خانبهادر غلام محمد وساڻ، جناب مير اعجاز خان ٽالپر ۽ جناب صادق علي ميمڻ صحيحون ڪري، بل کي قانوني شڪل ڏني.

"باباءِ سنڌ" اهو صحيحن ڪيل بل قومي اسيمبليءَ جي سيڪريٽريءَ کي ڏياري موڪليو. انهيءَ بل ۾ سيڪريٽري کي لکيو ويو هو، ته ايندڙ قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ هيءُ بل ايجنڊا تي رکيو وڃي.

"باباءِ سنڌ"، انهيءَ بل جو پمفليٽ ڇپايو، جنهن ۾ قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن جي صحيحن جي فوٽو ڪاپيءَ سان گڏ اجلاس ۾ ٻيا جيڪي عوامي رهنما گڏ ٿيا هئا، انهن جي صحيحن جي فوٽو ڪاپي به شامل ڪيل آهي. قومي اسيمبليءَ جي سيڪريٽري ون يونٽ خلاف موڪليل اُهو بل قومي اسيمبليءَ جي اجلاس جي ايجنڊا تي رکيو، مگر جلد ئي صدر يحيٰ خان "ون يونٽ" جي خاتمي جو اعلان ڪري ڇڏيو.

سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو تاريخي پڙنامو

(حيدرآباد، 12 نومبر 1967ع

صدر ايوب جي آمرانه حڪومت 1958ع ۾ پاڪستان جي سڀني سياسي جماعتن سان گڏ سنڌ هاري ڪاميٽي تي پڻ مارشل لا هيٺ بندش وڌي. "باباءِ سنڌ" ۽ ڪيترن هاري ورڪرن کي گرفتار ڪري، جيل ۾ بند رکيو ۽ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي مرڪزي آفيس ۽ سنڌ ۾ ٻين سڀني هاري آفيسن کي سيل مهر ڪري ڇڏيو.

جڏهن سڀني سياسي جماعتن سان گڏ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ تان بندش لاٿي ويئي. تڏهن "باباءِ سنڌ" – سنڌ جي هارين، دانشورن، هاري ڪارڪنن کي حيدرآباد ۾ 12 نومبر 1967ع تي اچڻ جو سڏ ڏنو.

"باباءِ سنڌ" جي انهيءَ سڏ– "ون يونٽ" حڪومت کي ڏڪائي ڇڏيو. هر طرحين جون ڪوششون ڪيون ويون، ته اهو ٿيندڙ ڪنوينشن ڪامياب نه ٿئي. پرمٽ (Permit) ڏيڻ کان به نٽايو پئي ويو. "باباءِ سنڌ" ۽ سندس رفيقن– ڪنوينشن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ پنهنجو تحرڪ جاري رکيو.

12- نومبر 1967ع جو ڏينهن حيدرآباد جي تاريخ ۾ وڏو يادگار ڏينهن رهندو. سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان هزارين هاري ۽ عوامي ڪارڪن ڪنوينشن ۾ اچي شريڪ ٿيا. ڪنوينشن جو اجلاس نواب زاهد علي خان جي بنگلي اڳيان واري ميدان تي شاندار پنڊال ۾ شروع ڪيو ويو.

حيدرآباد جا رستا سنڌ جي مارواڙن، جهانگيڙن جي روايتي سنڌي لباس اڇو پٽڪو، اجرڪ، شلوار سان ٽمٽار نظر اچي رهيا هئا. هيترن اٿاهه هارين جي حيدرآباد ۾ اچڻ، شهر ۾ ترٿلو پيدا ڪري ڇڏيو. ويتر جو سڀني هارين ۽ ڪارڪنن جي سينيءَ تي "هاري حقدار" ۽ "جيئي سنڌ" جا بيجز لڳل هئا، تنهن شهرين کي منجهائي وڌو ته هيءَ وري ڪهڙي مصيبت اچي شهر

تي نازل ٿي آهي! سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي صدر جي حيثيت ۾، "باباءِ سنڌ" هن عظيم الشان اجلاس جي صدارت ڪئي ۽ انهيءَ تاريخي اجتماع ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ طرفان هيٺيون پڌرنامو پڙهيو، جو ڪنوينشن ۾ بحال ڪيو ويو. اهو پڌرنامو هن ريت آهي.

پڌرنامو

بنيادي حقوق

* حڪومت جو نظام جمهوري اصولن تي هلايو وڃي ۽ آمريت جي هر اثر کي ختم ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ:
* قومي اسيمبليءَ جا ۽ هر علائقائي اسيمبلين جا نمائندا ۽ صدر مملڪت، سڌيءَ طرح ۽ عام بالغ راءِ جي بنياد تي چونڊيا وڃن.
* عوام جي نمائندن مان ئي وزارتون ٺاهيون وڃن ۽ حڪومت جي تمام طاقت ۽ فيصلا (بجيٽ جي اختيارن سميت) انهن جي هٿ ۾ هجن.
* "ون يونٽ" کي ٽوڙي، سنڌ (ڪراچي سميت)، بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب جي صوبائي حيثيت کي وري قائم ڪيو وڃي. ڪشمير لاءِ به اهو ئي وعدو ڏنو وڃي ۽ پورو ڪيو وڃي.

سرڪاري زمينن جو نيڪال

* سڀ سرڪاري زمينون، بي زمين هارين کي مقرر ۽ مناسب مالڪاڻي سان آسان قسطن تي ۽ بنا وياج جي ڏنيون وڃن. انهن زمينن جو عام نيلام قطعي بند ڪيو وڃي.
* سکر بيراج، ڪوٽڙي بيراج ۽ گڊو بيراج جي زمينن تي مهاڳيدارن، خاص موڪل جي حقن وارن، نوبت ضبط، دريا خوردي وارن جا حق سختيءَ سان محفوظ رکيا وڃن ۽ اهي زمينون نيلام نه ڪيون وڃن.
* مکي ڊنڍ جون زمينون مقامي هارين کي ڏنيون وڃن ۽ انهن کي ڪنهن به حالت ۾ بي دخل نه ڪيو وڃي. جن هارين کان زمينون کسيون ويون آهن، اهي انهن کي واپس ڏنيون وڃن.
* عمديون زمينون عملدارن کي ۽ نيلام رستي ۽ مختلف اسڪيمن جي نموني

۽ ٻهاني سان سرمائيدارن کي ڏنيون وڃن ٿيون ۽ ساديون ٻڇيل زمينون هارين کي آڇيون وڃن ٿيون، اها غلط پاليسي آهي. عمدين زمينن تي پهريون حق مڪاني هارين جو تسليم ڪيو وڃي.

* لاڙ ۽ ڪاري چاڙ ۾ جن ڪاتيدارن جون زمينون ڪوٽڙي بيراج نڪرڻ سبب آباديءَ کان خارج ٿي ويون آهن، انهن ڪاتيدارن کي عيوضي ۾ سٺيون آباديءَ لائق زمينون ڏنيون وڃن.

متروڪ زرعي زمينن جو نيڪال

* جن مقامي ۽ مهاجر الاٽي هارين کان زمينون کسيون ويون آهن، انهن کي سرڪاري زمينون ڏيئي ورسايو وڃي ۽ انهن جو حق ٻين هارين کان مٿي رکيو وڃي.
* هينئر ويهن سالن کان پوءِ الاٽي هارين کان زوريءَ "ليس مني" وصول ڪئي وڃي ٿي، جو بلڪل ظلم آهي. گهڻين حالتن ۾ ٽپيدارن بروقت وصول ڪئي هئي ۽ ڪيترن حالتن ۾ مقامي زميندارن ۽ ڪامورن گڏجي هندن جو حصو پڻ کنيو هو ۽ هارين کي رڳو هارپ نصيب ٿي هئي. ليس منيءَ جي وصولي بند ڪئي وڃي ۽ حساب تان لاهي ڇڏجي.
* باقي بچيل متروڪ زرعي زمينون مقامي هارين، ننڍن مهاڳيدارن ۽ ڪاتيدارن کي ٻين سرڪاري زمينن وانگر ڏنيون وڃن.

زرعي سڏارا

* زرعي سڏارن جو صحيح طريقو اهو هو، ته وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن کان ورتل زمينون معمولي مالڪاڻي تي مقامي هارين کي ڏنيون وڃن ها، مگر ائين نه ڪيو ويو آهي ۽ هارين کان تمام ڳرا مالڪاڻا ورتا وڃن ٿا. مثلاً: چانديه جاگير (ضلع لاڙڪاڻي) ۾ خشڪ پوک لاءِ به في ايڪڙ 450 روپيا ورتا ويا آهن، حالانڪ ساڳئي قسم جي بيراج جي سرڪاري زمين في ايڪڙ 200 روپيا مالڪاڻو مقرر آهي. انهن زمينن لاءِ پاڻي به ميسر ڪونه ويو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ مالڪاڻو ڏيڻ، هارين لاءِ مشڪل ۽ محال مسئلو بڻجي ويو آهي. روينيو عملدار- مالڪاڻو ضبطيءَ سان وصول ڪري رهيا آهن. هن لاءِ هيٺيون تجويزون عمل ۾ آنديون وڃن.

* مالڪاڻو گھٽايو ويجي ۽ قسطون نئين سر بست ڪيون وڃن. جتي واهن جو پاڻي مهيا نہ ڪيو ويو آهي، اُتي قسطون مهلت هيٺ رهن. مالڪاڻي جي وصوليءَ لاءِ ضبطين جي ڪارروائيءَ بند ڪئي وڃي.
* وڏ ۾ وڏ زمينداريءَ جي حد 15000 پيداواري يونٽ هئڻ گھرجي.

ڍلن جي شرح

* زرعي ڍلون انڪم ٽيڪس جي اصولن تي بست ڪيون وڃن ۽ ڇهہ هزار روپين کان گھٽ ساليانيءَ زرعي پيداوار تي ڪابہ ڍل نہ وڃڻ گھرجي.
* 6- ايڪڙ ساريال زمين ۽ 34 ايڪڙ خشڪ پوک تي ڍل معاف ڪئي وڃي. انهن ڪاتيدارن کان فقط آبيانو ورتو وڃي، جو واهن جي پاڻيءَ جي اصلي خرچ مطابق هجي.
* ڍل ۽ آبياني جو مقدار ڪنهن بہ صورت ۾ ڪاتيدارن جي صافي بچت جي چوٿين پتي کان وڌيڪ نہ هجي.

سنڌين لاءِ سرڪاري نوڪريون

* "ون يونٽ" حڪومت ۾ سيني ڪاتن جي سنڌي عملدارن جي حق تلفي ڪئي وئي آهي. لائق ۽ ايماندار عملدارن کي پڪو نٿو ڪيو وڃي. انهن جا اضافا روڪيا ويا آهن ۽ اڻ آزمودگار نوجوان عملدار انهن جي مٿان رکيا وڃن ٿا، جن مان گھڻا ٿوري وقت جي نوڪري ۾ ئي رشوت خوريءَ کان مشهور ٿي ويا آهن.
* نيم سرڪاري ادارن ۾، جن جو تعداد ٽيهارو آهي. ريلوي، واپڊا، اي. ڊي. سي، وغيره وغيره انهن ۾ سنڌين جي نمائندگي سنڌ اندر دفترن ۾ حبہ نہ جي برابر آهي ايستائين جو ڪلارڪن ۽ پٽيوالن جون جايون بہ ٻاهرين ماڻهن سان پريون وڃن ٿيون.
* بورڊ آف روينيو جهڙي اهم اداري ۾ هڪ بہ سنڌي ميمبر ڪونهي:
* "ون يونٽ" سيڪريٽريٽ ۾ 1956ع ۾ اٽڪل ڇهہ سؤ سنڌي ڪلارڪ ۽ پٽيوالا هئا. هاڻي انهن جو تعداد هڪ سؤ کان بہ گھٽجي ويو آهي. نئين پرتين ۾ سنڌين لاءِ ڪابہ اُميد ڪانهي.

سنڌي زبان

* سنڌي زبان کي سنڌ ۾ سرڪاري زبان ڪري تسليم ڪيو وڃي.
* سنڌ ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾، جن شاگردن جي مادري زبان سنڌي ناهي، انهن لاءِ سنڌي زبان کي لازمي ثانوي زبان جو درجو ڏنو وڃي.
* سڀني امتحانن ۾ (اعليٰ ملازمتن جي امتحانن سميت) پيپرن جو سنڌي ۾ جواب ڏيڻ تسليم ڪيو وڃي.
* سنڌ اندر سڀني عملدارن لاءِ سنڌي سمجهڻ ۽ لکڻ لازمي قرار ڏنو وڃي.

مزدورن جا حق

* مزدورن جا جي حق، بين الاقوامي مزدور اداري تسليم ڪيا آهن ۽ پاڪستان به اُن اداري جو رڪن آهي. سي حق پاڪستان جي مزدورن کي ڏنا وڃن. مزدورن جي هڙتال جو حق تسليم ڪيو وڃي ۽ انهن جي لاءِ علاج، رهڻ ۽ موڪلن جون سهوليتون مهيا ڪيون وڃن. مزدورن خلاف ڊفينس آف پاڪستان ايڪٽ ۽ رولن جي استعمال سان سرمائيدار طبقي جي طرفداري بند ڪئي وڃي. پاڪستان جي ڪارخانن ۽ ملڪي پيداوار جا حقيقي معمار مزدور ۽ هاري آهن.

شاگردن جا مسئلا

* يونيورسٽي آرڊيننس ختم ڪري، شاگردن لاءِ گهٽ فين جون سهوليتون مهيا ڪيون وڃن ۽ انهن کي اُهي جمهوري آزاديون ڏنيون وڃن، جي آزاد ملڪن جي ڪاليجن ۾ تسليم شده آهن. انهيءَ ۾ ئي هن قوم جي دولت، ايرندڙ طاقت ۽ آئينده نسلن جي ترقيءَ جو مدار آهي.
* سنڌي شاگردن لاءِ سنڌ اندر زرعي، ميڊيڪل، انجنيئرنگ ڪاليجن ۽ پاليٽيڪنيڪ انسٽيٽيوٽ ۾ داخلائون محدود رکيون ويون آهن ۽ سنڌ کان ٻاهر ڪاليجن ۾ سنڌين لاءِ داخلائون قريب قريب بند آهن. سنڌ جهڙي پنتي پيل علائقي سان هيءُ برتاءُ بي انصافي جي برابر آهي.

متفرق انتظامي مسئلا

* رشوت اينترو ته زور وٺي ويئي آهي، جو اُن کي گهٽائڻ لاءِ تمام سخت قدمن

جي ضرورت آهي. وڏن عملدارن کي رشوت جي ڏوهہ لاءِ ملڪ نيڪالي يا ڪاري پاڻي قيد جي سزا ڏني وڃي ۽ انهن جون ملڪيتون ضبط ڪيون وڃن.

* اناج جي وڪري لاءِ سرڪاري مارڪيٽ ۾ ديپو کوليا وڃن، جيئن هارين ۽ ڪاتيدارن کي سنئون سڌيون پوريون قيمتون ملن ۽ عوام کي اناج مناسب اگهن تي ملي سگهي.
* عمده ٻج، ڪيميائي ڀاڻ، جديد زرعي اوزارن ۽ ٽريڪٽرن جون سهوليتون هارين ۽ ننڍن ڪاتيدارن کي تقاوي قرضن جي ذريعي ڏنيون وڃن.
* واهن جي ڪاٽين جا ٺيڪا مقامي ڪاتيدارن کي مقرر اگهن تي ڏنا وڃن، تہ جيئن هو پنهنجي فائدي خاطر ڪاٽيون پوريءَ طرح کٽائين ۽ پاڻي وڌائين. ٻاهريان ٺيڪيدار– عملدارن سان گڏجي گهوٻيون هڻن ٿا ۽ ڪم پورو نٿا ڪن.
* سنڌ ريجمنٽ قائم ڪري، سنڌين لاءِ وڏي پيماني تي فوجي تربيت جو انتظام ڪيو وڃي ۽ ملڪ جي بچاءُ ۾ سنڌين کي بہ موقعو ڏنو وڃي.

عرض ۽ اعلان

* مٿيان مطالبا نہ فقط هارين جا، پر قوم جي تمام عوام جي ترجماني ڪن ٿا.
* سنڌ جا ماڻهو چاهين، تہ هو انهن کي آئيني طريقن سان عملي جامو پهرائي سگهن ٿا.
* انسان ذات انهيءَ مرحلي تي پهتي آهي، جو پاڪستان هجي يا آمريڪا– ڪٿي بہ ڪيڏو بہ جابر حاڪم هجي، تہ بہ هو عوام جي آواز ۽ مطالبن کي نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهي.
* سنڌي هم وطنو! هاريو! مزدورو! ڪاتيدارو! اديبو! شاعرو! تاجرو! طالب علمو! هيءُ اوهان کي صداءِ عام آهي! اچو تہ منظم ٿي پنهنجا حق حاصل ڪريون! اهو ڏينهن ڏور نہ آهي، جو اسان پنهنجي منزل مقصود تي پهچي وينداسون.

"باباءِ سنڌ" هڪ عظيم انقلابي شاعر

"باباءِ سنڌ"، پنهنجن ۽ پراون هٿان سنڌ مٿان ٿيل ظلم ۽ بي انصافي کان متاثر ٿي، ڪيترائي نظم لکيا ۽ ڇپائي سنڌ جي عوام تائين پهچايا. "باباءِ سنڌ" – سياسي اڳواڻ ۽ اديب سان گڏ هڪ عظيم انقلابي شاعر پڻ هو. انهيءَ سلسلي ۾، جناب مولانا غلام محمد گرامي صاحب جن جو "باباءِ سنڌ" جي شاعرانه زندگيءَ تي لکيل تمهيد ۽ تعارف پيش ڪجي ٿو:

"شاعري انسانيت جي ضمير آواز آهي." اهو ضمير جو آواز، هميشه بلند رهندو آيو آهي ۽ بلند رهندو ايندو. شاعري انساني تهذيب جي حسن ۽ جمال کي وڌائي ٿي. تخيل جي شمع فروزان، اونده ۽ انڌڪار جي دنيا ۾ آب حيات کي ڳولي ٿي. شاعري انسان جي دبيل ۽ گهٽيل جذبات کي اظهار جي قوت ڏئي ٿي ۽ قوتِ اظهار کي تلوار آبدار وانگر پاڻي پياري ٿي. شاعري هڪ زخم خورده روح جي آهه ۽ فرياد آهي، پر ٻين مجروح ۽ بيمار روحن لاءِ دوا دارون آهي. شاعري جگر جو خون آهي، جنهن سان علم ۽ فڪر جي باغ جي گلن ۽ ڦلن جي تازگي حسين بندي وابسته آهي. تڏهن ته شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو جزو چيو ويو آهي. ٿورن لفظن ۾: شاعري حق جي ڳولائو آهي ۽ باطل کان بيزار آهي، جنهن کي جاهل پنهنجي ناداني جي ڪري ڪفر ۽ گمراهي تا سڏين– جاهلانش ڪفر دانند از خري! ۽ شاعر– "عاشق زهر پياڪ" آهي، وهه ڏسي پيو وهسي ۽ خوش ٿئي. شاعر ان ڪري ٿو زهر پيئي جيئن ڪنهن ٻئي معصوم ۽ مظلوم کي ڪٿي زهر نه پيئڻو پوي! اگر ڪو ڪيس اهو يقين ڏياري ته ساريءَ دنيا جو زهر هڪ ٿي پيري ختم ڪرڻو آهي، پر ڪو پيئڻ لاءِ تيار نه آهي ته پوءِ شاعر ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هو چوندو ته، "اهو سمورو زهر مان ئي ٿو پيئان." اصل هڪ قطرو به نه بچائيندو! شاعر هر دور ۾، هر روپ ۾ موجود آهي. سقراط به آهي، ته عيسيٰ به آهي، ته حسين به آهي. "زهر جو پيالوءِ صليب ۽ دشتِ ڪربلا" – شاعر سان لازم ملزوم آهن.

شاعر هر دؤر ۾ هر حق ۽ باطل جي ڪشمڪش جي سلسلي ۾ ڪيڏارو ٿو ڳائي، صليب تي ٿو سواري ڪري، يا سوريءَ کي ٿو سينگاري. شاعر هميشہ صليب جي سايي ۾، سوريءَ تي ”منصور“ وانگر ٿو چڙهي، تہ ڪڏهن ”سرمد“ وانگر تھ تيغ تو رهي، ۽ ڪڏهن ڪربلا ۾ ڪُسڻ قبول ٿو ڪري، پر هر حال ۾ حق پسندانہ نظريہ سان وابستہ هوندو. باطل تي ٺٺڪار وجهندي، ڪُسي ويندو، پر ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍندو.

– ”باباءِ سنڌ“ حيدر بخش جتوئي، سنڌ جو منصُور ۽ سرمد هو، جنهن سوريءَ کي سينگاريو، باطل کي للڪاريو، ظلم ۽ تشدد جي خلاف مقابلو جوٽيو. سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ هيءُ پهريون شاعر آهي، جنهن روايتي شاعريءَ کان منهن موڙي، جديد شاعريءَ جو بنياد وڌو ۽ انقلابي شاعريءَ جو آغاز ڪيائين. سنڌ جي مظلومانہ حال تي رجزخواني ڪيائين. سنڌ کي پيڙهيندڙ طاقتن کي نغاري جي چوٽ تي للڪاريائين. هارين ۽ مزدورن جي ڪسمپرسيءَ تي ڳوڙها ڳاڙيائين. سنڌ کي ”جيجل ۽ مني ماءُ“ سڏيائين ۽ ان لاءِ جيل ڪاٽيائين. آخر ان ئي راه ۾ پهچي پساهہ پورا ڪيائين. گويا هيءُ ئي سنڌي شاعر پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو.

– ليکڪ: غلام حسين سومرو

سنڌ هاري ڪاميٽي حيدرآباد طرفان سن 1973ع ۾ ڇپايل سووينئر ”باباءِ سنڌ جي سنڌ لاءِ جدوجهد جو تاريخي ۽ معلوماتي جائزو“ تان ورتل.



ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي 1956ع ۾ چين جي
اڳوٽي صدر چو اين لاءِ سان گڏ تصوير.

سنڌ جو عظيم قومپرست ڪميونسٽ

اسان جا سڀ ڪان وڌيڪ پروسي جوڳا ساٿي هاريو، مزدورو، شاگردو، اديبو ۽ دانشورو "جيئي پورهيت سنڌ"

ساٿيو! اسان سڀ هڪ ٻئي جا ڏاڍا ٿورائتا آهيون، جو هتي اچي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي چوڏهين ورسيءَ ڪي چار چنڊ لاتا اٿئون. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جهڙي عظيم انسان جي هيلوڪي ورسي، هڪڙي اهڙي هنڌ تي ملهائي پئي وڃي، جتان ڪان رڳو ڪجهہ فرلانگن جي پنڌ تي، سنڌ جي سپوتن ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي واٽ تي هلندڙن، تازيءَ جمهوري جدوجهد ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ اهي ڪنهن بہ انقلابي جدوجهد ۾ ڪڏهن بہ پوئتي پوڻ وارا ڪونہ آهن.

تازو جمهوري جدوجهد ۾ سڪرنڊ جي ويجهو "پنهون خان" جي ڳوٺ وٽ، سامراجي ڇاڙتن جي هٿان عوام جو جيڪو خون وهايو ويو آهي، انهيءَ تي جيترو ماتم ڪجي اهو ٿورو آهي.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جنهن انقلابي جدوجهد جي شروعات ڪئي هئي، تازي عوامي جنگ، انهيءَ جو حقيقي پڙاڏو آهي. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جيئن تہ سنڌ جي هارين ۾ ٿي پنهنجي "انقلابي واٽ" جي لاٽ ٻاري هئي، ان ڪري سندس لاٽ جو اهو سوجهرو انهن هارين جي هٿان ٿئي جڳمڳائيندي هن وقت سڄيءَ سنڌ ۽ دنيا کي روشن ڪري رهيو آهي. اسان، اوهان ۽ هي هاري ۽ مزدور، جيڪي هن ميڙ ۾ هتي اچي ڪٺا ٿيا آهن، سي سڀ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي جلايل جوت هيٺ "عالمي پورهيت سماجي شعور" کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪٺا ٿيا آهيون. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي اهو عظيم انسان آهي، جنهن انگريزي دور جي هڪ تمام وڏي عهدي کي لت هڻي هارين، مزدورن ۽ مظلوم ماروئڙن جي واهر ۽ وسيلو بڻجي، ميدانِ ڪارزار ۾ نڪري آيو ۽ هاري حقدار جو نعرو بلند ڪري سامراج جي دلال اَستحصالي قوتن سان ٽڪر کاڌو ۽ هارين کي سجاڳ ڪري، هارين جي

جلسن ۽ جلوسن کي منظم ڪري ڪين اڏ بڻائي ۽ ٻيا ڪيترائي حق ونرائي ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو. نہ رڳو اهو پر جڏهن پاڪستاني جبري الحاق ۾ واڙيل، مظلوم قومن جي ڳچيءَ ۾ ون يونٽ جي غلاميءَ جو ڳٽ وڌو ويو، تڏهن پڻ هن عظيم انسان ايوبي آمريت جي ڏاڍ جي خلاف وڙهندي جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ بہ مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جي حق ۾ آواز بلند ڪيو.

سامراجي ڇاڙتن کي سڀ کان وڌيڪ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کان خوف هوندو هو تہ اهو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ئي هوندو هو. ڇاڪاڻ تہ پورهيت سماجي سچ جي آواز جي للڪار ڪوڙ جي ڪنگرن ۾ جتان ڪٿان ڏار وجهڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. اهڙيءَ طرح ون يونٽ جي خلاف جدوجهد هجي يا هارين جي هلچل هجي يا ٻي ڪابہ جمهوري تحريڪ هجي، سڀ کان اڳ ظلم ۽ ڏاڍ جي اڳيان هيءُ بهادر انسان ئي اچي بيهندو هو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سدائين اها ئي سياست ڪندو هو، جيڪا حالتن جي گهرج هوندي هئي. اهڙي سياست ڪرڻ جي ڪري پاڪستان پرست سوشلسٽن جي طرفان کيس قوم پرست هجڻ جو طعنو ڏنو ويندو هو، پر جيئن تہ ڪامريڊ هڪ حقيقي ڪميونسٽ هو، ان ڪري ان ڄاتو ٿي تہ أيريل تضاد ئي انقلاب جي اڳواٽي ڪندو آهي، يعني أيريل تضاد انقلاب جي متحرڪ قوت هوندو آهي؛ ان ڪري أيريل تضاد سان هٿ چراند تاريخي ضرورت سان هٿ چراند هوندي آهي ۽ تاريخي ضرورت سان هٿ چراند انقلاب دوستي جي خلاف آهي. جڏهن بہ ڪو تضاد تاريخي ضرورت جي شڪل اختيار ڪندو آهي، تڏهن اهو انقلابي جدوجهد ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، ۽ هر انقلابي جدوجهد، نظريي ۽ عمل جو جدلياتي ڳانڍاپو هوندي آهي، جيڪو مارڪسزم جو بنياد آهي. مارڪسزم جيئن تہ انقلاب جي مڪمل سائنس آهي، ان ڪري ان کي سماجي ۽ تاريخي حالتن سان ميڪانڪيت تہ پر ماديت جي بنياد تي لاڳو ڪرڻو پوندو آهي. تنهن ڪري پاڪستان پرست سوشلسٽ جڏهن چوندا آهن تہ مارڪسزم، جاگرافيائي حدن جي قائل ڪانہ آهي. ان ڪري مارڪسزم مظلوم قومن جي جاگرافيائي قومي آزاديءَ جي حامي ڪانہ آهي ۽ ان ڪري سنڌ جي جاگرافيائي قومي آزادي بہ مارڪسزم جي خلاف آهي. تڏهن مارڪسزم ڏانهن سندن اهو ميڪانڪيت پسند رويو

هوندو آهي. جڏهن ته اسان ان سوال کي هيئن لکندا آهيون ته، ”جيئن ته مارڪسزم جاگرافيائي حدن جي پابند ڪانه آهي،“ ان ڪري اسان انقلاب لاءِ پاڪساني سرحدن جا پابند ڪانه آهيون ۽ ان ڪري سنڌ جي جاگرافيائي قومي آزاديءَ کي موجوده تاريخي حالتن هيٺ تاريخي ضرورت ڄاڻون ٿا، ۽ اهو مارڪسزم ڏانهن اسان جو تخليقي يعني ماديت پسند رويو آهي. پاڪستان پرست سوشلسٽ جڏهن چوندا آهن ته جاگرافيائي قومي آزادي جيئن ته قومي شاونزم کي ظاهر ڪري ٿي، ان ڪري مارڪسٽن کي پنهنجي پروگرام ۾ نه رکڻ گهرجي. تڏهن اسان جو چوڻ هوندو آهي ته جاگرافيائي قومي آزادي ٿي وطن دوست قوم پرستيءَ کي ظاهر ڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته جنهن قومي آزاديءَ ۾ جاگرافيائي سرحدن جو تعين تيل نه هوندو آهي، اها توسيع پسند قوم پرستي هوندي آهي؛ ان ڪري تاريخي ضرورت هيٺ اسان کي اهو قوم پرست ڪردار ادا ڪرڻو آهي. ڇاڪاڻ ته اسان جي عوام جي قوم پرستي اسان جي انقلاب جو حصو آهي، جنهن تاريخي ضرورت تحت وطن دوستيءَ جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي، ان ڪري اهڙي قوم پرستي انقلاب دوست ۽ پورهيت فڪر جي حامي آهي.

مارڪسي نقطه نظر کان قوم پرستيءَ بابت اسان جو اهو تخليقي يعني ماديت پسند رويو آهي، يا جڏهن چيو وڃي ٿو، ته جيئن ته چيني قوم پرستيءَ کي مارڪسزم ۾ جاءِ ڏيڻ سان انقلاب کي نقصان رسيو آهي. تيئن اسان جي انقلاب کي به نقصان رسي سگهي ٿو. تڏهن اسان جو چوڻ آهي ته چين، جيئن ته گهڻ قومي ملڪ آهي، ان ڪري چيني قوم پرستي پنهنجي ”جوهر“ ۾ انقلاب مخالف هئي، يعني ميڪانڪي جدليات هئي، ڇاڪاڻ ته چيني قوم پرستيءَ کي چين ۾ رهندڙ ٻين قومن جي مٿان زوريءَ مڙهيو ويو ٿي.

ان ڪري اهو بلڪل ائين هو جيئن مها روسي قوم پرستي يا پاڪستاني قوم پرستي وغيره. يا جيئن اسان وٽ رسول بخش پليجي صاحب جي خالص سنڌي قوم پرستي آهي، جنهن کي هو سنڌ ۾ رهندڙ باقي ٻين ماڻهن جي خلاف استعمال ڪري ٿو، ان ڪري اهڙي قوم پرستي پنهنجي ”جوهر“ ۾ غير انقلابي جارح قوم پرستي هوندي آهي. جنهن مان جمهوري عنصرن جي پڇاڙي اچي ويندي آهي ۽ اها قومي شڪل اختيار ڪندي آهي. ڇاڪاڻ ته

اهڙيءَ طرح سنڌي عوام جي پنجاب دشمن انقلابي شعور کي مهاجر دشمن غير انقلابي قوم پرست شعور جي شڪل ۾ تبديل ڪيو ويو ٿو، جيڪو هڪ غير تاريخي عمل آهي.“

پر هن مان اهو مطلب نه ڪڍڻ گهرجي ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بنيادي طور قوم پرست هو، هرگز نه. هو بنيادي طور ڪميونسٽ ئي هو. ان ڪري هن رڳو اهو ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو تاريخي ضرورت تحت ڪيس ادا ڪرڻ گهربو هو، يعني هن جڏهن به تاريخي ضرورت تحت قوم پرست ڪردار ادا ڪيو آهي، تڏهن اهو هن جو قوم پرست ڪردار مظلوم طبقي جي قوم پرست جدوجهد هيٺ وطن دوستيءَ جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويو آهي. ڇوڻ جو مطلب آهي ته بورزوا طبقو، قوم پرستيءَ کي بورزوا مفادن لاءِ نظرياتي هٿيار طور ڪتب آڻيندو آهي، پر هڪ ڪميونسٽ ان کي پورهيت مفادن لاءِ پاليسيءَ طور ڪتب آڻيندو آهي، هن ڳالهه کي وڌيڪ هيئن سمجهي سگهجي ٿو ته قومي آزاديءَ جي جدوجهد هيٺ، جڏهن بورزوازي ۽ ڪميونسٽ بندوق کڻندو آهي، تڏهن ٻنهي جي بندوقن جو منهن ساڳي دشمن يعني غلام ڪندڙ سامراجيءَ قوت جي خلاف هوندو آهي، پر بورزوازيءَ جي بندوق بورزوا مفادن لاءِ استعمال ٿيندي آهي ۽ ڪميونسٽ جي بندوق پورهيت مفادن لاءِ استعمال ٿيندي آهي.

جيتوڻيڪ ظاهر طور ٻنهي جو ڪردار ساڳيو يعني قوم پرست ڪردار هوندو آهي، پر ”جوهر“ ۾ اهو ڪردار الڳ الڳ هوندو آهي ۽ رڳو مظهر ۾ ساڳيو هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته بورزوازيءَ جو خالص قوم پست ڪردار هوندو آهي، پر ڪميونسٽ جو تاريخي ضرورت جو پورائو ڪندڙ ڪردار هوندو آهي، ان ڪري اهو هڪ ڪميونسٽ ڪردار هوندو آهي. جيڪڏهن ڪو به ڪميونسٽ تاريخي ضرورت جو پورائو ڪندڙ يعني ڪميونسٽ ڪردار ادا نٿو ڪري ته اهو حقيقي ڪميونسٽ به ڪونه آهي. جيئن لينن چيو آهي ته، ”جيڪو سوشلسٽ مظلوم ۽ محڪوم قومن جي الڳ ٿيڻ جي جمهوري حق کي وات سان ته تسليم ڪري ٿو، پر ان لاءِ جنگ نٿو ڪري ته اهو زار شاهيءَ جو دلال ۽ سامراجي آهي.“

اهو انهي ڪري جو تاريخي ضرورت جو مرڪز، تاريخي قوتن جو

مرڪز آهي ۽ تاريخي قوتن جو مخالف تاريخ دشمن قوتن يعني ٿورو طبقي ۽ سامراجي قومن جي پرماري ڪردار جو حامي آهي، ان ڪري اهو انهن قوتن جو دلال بہ آهي تہ خود سامراجي بہ آهي.

اسان ”پورهيت سماجي پيغام جا پرچارڪ“ ۽ عالمي پورهيت نظام جا گهرجائو، هر قسم جي ظلم، جبر، ڌاڙ ۽ ڦرمار جي خلاف سائنسي سوشلزم جي حاصلات لاءِ، انقلابي جدوجهد ڪندڙ آهيون، ان ڪري اسان سيئي انقلابي، ترقي پسند ۽ قوم پرست قوتون، اڄ هن موقعي تي ڪامريڊ حيدر بخش جي ”سنڌ دوست پورهيت تحريڪ“ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ وچن ٿا ڪريون تہ جمهوري جدوجهد ۾ جن بہ سپوتن پنهنجي خوبصورت خون جو نذرانو ڏنو آهي، اهو سنڌ جي قومي آزادي ۽ عالمي پورهيت تحريڪ کي ڏنل سنڌي عوام جو نذرانو آهي، جنهن مان هڪ ڏينهن نيٺ امن ۽ آزاديءَ جا گلاب ڦٽي نڪرڻا آهن ۽ هن ڌاڙ- وهيٽي سماجي نظام ۽ عالمي سامراجي نظام جو انت اچڻو آهي. اسان کي يقين آهي تہ شهيد نذير عباسي جو خون، شهيد بختاور جو خون ۽ تازي جمهوري جدوجهد ۾ هڪ هزار سنڌي شهيدن جو خون ايشيا کي سرخ ڪرڻ وارن شهيدن جو خون آهي.

عالمي سامراج پنهنجن پڇ لٽڪائو ڇاڙتن کي عالمي پورهيت راڄ ۽ محڪوم قومن جي قومي آزاديءَ جي خلاف ڪيترائي هٿيار پنهوار ڏيندو رهي، پر اسان کي يقين آهي تہ اسان جو بهادر عوام سندس سمورن ڇاڙتن کي سندس سمورن مفادن سميت ڪيوبا، ويٽ نام، انگولا، فلسطين ۽ سڄيءَ دنيا جي بهادر پورهيت عوام جي جدوجهد وانگر تڏا ويڙهائي دم پٽيندو. ڇاڪاڻ تہ هتي جي جاگيردارن ۽ سرمائيدارن ۾ ايترو دم ئي ڪونہ آهي جو اُهي پورهيت عوام جي انقلابي وهڪري کان پاڻ بچائي سگهن. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو هتي جو ٿورو جلقو رڳو فوجي ڇٽيءَ جي ڇانوَ هيٺ ئي پنهنجن توڙي سامراجي مفادن جو تحفظ ڪري سگهي ٿو ۽ ان ڪري هڪ جي پٺيان ٻئي مارشل لا جي تسلسل کي جاري رکرايو اچي ٿو تہ جيئن ان جي ذريعي ڏيهي توڙي پرڏيهي پرماريت جا پير پختا ڪري سگهي.

اسان کي اها ڄاڻ آهي تہ تازيءَ جمهوري جدوجهد ۾ عوام جي انقلابي شعور جي اُٿڪ ۽ اُڀار ٿورو ٽولن ۾ ڏڙڦوٽ وجهي ڇڏي آهي. ان ڪري

سموريون ڦورو قوتون نہ رڳو پاڻ ۾ ہڪجي ويون آهن، پر عالمي سامراج جي ڪڇ ۾ بہ وڃي ڪِريون آهن، ڇاڪاڻ تہ کين پوريءَ ريت خبر آهي تہ سندن حقيقي دشمن عوام آهي. عوام جي انقلابي شعور کان گهبرائي هڪ پاسي ملڪي رجعت پرست استحصالي قوتون، هڪ ٻئي جي ويجهو بہ اچي ويون آهن تہ ٻئي پاسي عالمي سامراج جي پاڪر ۾ بہ وڃي ڪِريون آهن. ان ڪري اسان انهن مڙني رجعت پرست استحصالي قوتن کي ڇتاءُ ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهون، تہ سندن هيءَ غداري، عوام جي اڳيان اگهاڙي ٿي چڪي آهي، ۽ سنڌ جي عوام سندن عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن ڪردار کي تاڙي ورتو آهي.

اسان سنڌ جا هاري، سنڌي عوام ۽ سنڌ دوست قوتن توڙي دنيا جي عوام جي ٻڌي ۽ ايڪي کي ضروري سمجهندي، سنڌ جي هاري جدوجهد کي دنيا جي پورهيت عوام جي جدوجهد کان ڪنهن بہ صورت ۾ الڳ ڪونہ ٿا سمجهون. بلڪ سنڌ جي پورهيت عوام جي جدوجهد، سڄيءَ دنيا جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جي جدوجهد ٿا سمجهون. اهو ئي سبب آهي، جو اسان هتي جي مخصوص سماجي حالتن هيٺ، هتي جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جي ٻڌيءَ ۽ اتحاد لاءِ، پنهنجي وس ۽ وت آهر پاڻ پتوڙي رهيا آهيون. اسان مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جي انقلابي شعور کان ڀليءَ پت واقف آهيون، ان ڪري ترقي پسند، جمهوريت پسند ۽ قوم پرست قوتن کي موجوده انقلابي حالتن ۾ جيترو جلد ٿي سگهي، ايترو جلد هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ گهرجي ۽ مظلوم طبقن جي اڳواڻيءَ هيٺ انقلابي قوتن جي رهنمائي ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن اڃوڪي انقلابي جدوجهد مظلوم عوام جي سماجي ڇوٽڪاري ۽ مظلوم قومن جي قومي جبر جي خاتمي جي هڪ ڀرپور شڪل اختيار ڪري سگهي ۽ اسان کي سامراجي پنجوڙ مان ڇوٽڪارو ڏياري سگهي.

– ليڪڪ: ابو جبران

(ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي چوڏهين ورسي 21 مئي 1984ع تي سڪرنڊ جي پرسان پڙهيل.)

سن 1988ع ۾ مضمون نگار جي ڇپيل ڪتاب "انقلاب جي واٽ" تان ڪنيل

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي

وجود جي بقاءَ لاءِ جنگ

سنڌ "برطانوي گهاڙ جو انتظامي يونٽ" نہ آهي. سنڌ تہ ان وقت بہ تهذيب يافتہ ملڪ هو، جڏهن برطانيا اڃا سماجي ترقيءَ جي وحشيانہ دؤر ۾ هو. موهن جو دڙو پنج هزار سال پراڻي سنڌ جي تهذيب جو زنده ثبوت آهي. "سنڌو" درياءَ پنهنجو نالو سنڌ کان ئي ورتو آهي. قديم يونانين ان جي "س" کي "الف" ۾ بدلائي "انڊس" چيو ۽ ان جي ماتريءَ کي "انڊس ماتري" سڏيو. ان ئي لفظ "انڊس" مان انڊيا، انڊو- چائنا، انڊونيشيا، انڊيز، ريڊانڊين، انڊيانا (U.S.A) وغيره جهڙا لفظ ڦُٽي نڪتا.

ٻوليءَ جي ڄاڻو ماهرن جو خيال آهي تہ "بناوت ۽ ترڪيب جي لحاظ کان سنڌي ٻولي ويدي- سنسڪرت ۽ پراڪرت کان وڌيڪ قديم ۽ سگهاري ٻولي آهي."

سنڌ ۾ ڪيترين ئي تهذيبن، جهڙوڪ: بابلي، مصري، يوناني، فارسي، عربي، هندو وغيره ملي جلي رهيون آهن. ان ڏس ۾ ٻيو ڪوبہ خطو سنڌ سان ڀيٽي نٿو سگهجي. تنهنڪري ان ۾ ڏنڊين اَگرين اچڻ جي ڳالهہ نہ آهي، تہ سنڌ کي پنهنجي پاڙيسرين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اعليٰ سڀيتا آهي. (سنڌ پنهنجي ان حيثيت کي انوکي نموني ماڻي ٿي.)

پنجابي تهذيب- فارسي جي اچڻ کان بعد جي پيداوار آهي. اَن جو فارسي نالو "پنجاب" پڻ اهو ظاهر ڪري ٿو، جنهن جو مطلب آهي "پنج=پنج"، ۽ آب: پاڻي يا درياءَ (جهلم، چناب، راوي، بياس ۽ ستلج). اصلي پنجاب جي ورهاڱي کان پوءِ تہ اهو پنجاب بہ نہ رهيو آهي، پر حقيقت ۾ ان کي "چار آب" (چار درياءَ) يا "سہ آب" (ٽي درياءَ) چوڻ گهرجي.

اڄ تائين پنجابيءَ کي ان جي پنهنجي ماڻهن طرفان ٻوليءَ جو درجو بہ نہ ڏنو ويو آهي، حالانڪ اها صدين کان تقريباً ٽي ڪروڙ پنجابين جي گهرو زبان طور ڳالهائي وڃي ٿي. ٻولي ۽ تهذيب جي تاريخ ۾ اهو هڪ چيڙائيندڙ باب

آهي، ته هڪ خطي جي ايتري وڏي آبادي پنهنجيءَ ٻوليءَ کي وڌائڻ ۾ ناڪام ٿي هجي، ۽ جنهن پنهنجي مادري زبان پنجابيءَ کي ڇڏي اردو کي سرڪاري ٻوليءَ لاءِ ترجيح ڏني هجي. اردو- جنهن جي عمر 250 سال مس آهي. اردو- جنهن جي ترڪيبي اصليت (اُرد: فوجي خيمه گاه ظاهر ڪري ٿي) زوال پذير مغل دؤر ۾ ان جي شاهي فوج کان شروع ٿي. شايد برطانوي راڄ جو پنجابين جي هن مصنوعيت ۾ هٿ هو، ڇاڪاڻ ته پنجابين برطانوي راڄ جي مفادن جي رکوالي جنگ جي ميدان (مسلم ميسوپوٽيميا، ترڪي، مصر، هندوستان) ۽ آفيسن ۾ پوري وفاداريءَ سان ڪئي هئي. پنجابي شاونسٽن (Chauvinists) گهڻي عرصي تائين پاڻ کي هندستان ۾ برطانوي راڄ جو "ساڄو هٿ" چوڻ تي فخر محسوس ڪيو. (شايد پراڻيون وفاداريون اڃا جاري آهن).

ان پس منظر ۾ محمد علي يا اسڪندر مرزا جو اهو چوڻ ته، "سنڌ برطانيا جو گهڙيل هڪ انتظامي يونٽ هو،" نه صرف حقيقتن کي ٽوڙڻ مروڙڻ آهي، پر لاعلميءَ جو اهڃاڻ پڻ.

سنڌ جي حوالي سان جيڪڏهن برطانيا ڪجهه ڪيو، ته اهو 1844ع ۾ سنڌ جو بمبئيءَ سان زوريءَ الحاق هو؛ جنهن سنڌ ۽ سنڌين جي مفاد کي ڳاڻي ڀڳو ڇيهو رسايو. سنڌي هن ظالمانه الحاق خلاف "آزاد سنڌ تحريڪ" جي صورت ۾ اٿي کڙا ٿيا ۽ آخرڪار 1936ع ۾ سنڌ جي وجود کي محفوظ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. برطانيا، جيڪڏهن ڪا صحيح ڳالهه نه ڪئي ته اُها اِها هئي ته ڪڇ، ملتان ۽ بلوچستان جي علائقن کي سنڌ ۾ بحال نه ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته لساني، تهذيبي، نسلي، تاريخي ۽ جاگرافيائي ڳانڍاپن سبب اهي علائقا سنڌ جا فطري حصا هئا.

ساڳي ڳالهه ٻئي مکيه يونٽ (نارٿ ويسٽ فرنٽيئر پراونس) لاءِ نٽي چئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته برطانيا 1901ع ۾ پنهنجي سامراجي مفادن جي مناسبت ۾ پنجاب جي ضلعن منجهان ئي ان کي ناهيو هو.

سنڌ کي "صوبو چوڻ"- لفظ جو غلط استعمال آهي. سنڌ هڪ ملڪ

آهي ۽ سنڌي هڪ قوم. ساڳيءَ طرح پنجابي ۽ بنگالي پڻ قومون آهن. پاڪستان دراصل پارت ۽ روس وانگر هڪ قومي رياست نہ پر گهڻ قومي رياست آهي. برطانوي سامراجيت جيڪا جديد سائنسي سوچ، فن ۽ صنعت سان آراستہ هئي. پنهنجي شعبده بازيءَ سان دوردراز ملڪن ۽ قومن کي بظاهر هڪ ثانوَ (انڊين امپائر) ۾ ٻڌي ڇڏيو، ۽ سنڌ، بنگال، گجرات، مهاراشٽر ۽ پنجاب وغيره ڪوماٽجي "صوبا" ڪري ويا. قوم جي سياسي وصف جي سڀني معيارن– ساڳي ٻولي، ساڳيو علائقو، گڏيل ثقافت ۽ ڪردار (ذات ۽ مذهب جي ماتحت حيثيت جو هجڻ) مطابق سنڌي هڪ قوم آهي.

سنڌ پنهنجي شاندار بندر ڪراچي، سٺ لک آبادي ۽ تقريباً پنجاهہ هزار مربع ميل علائقي سان هڪ خودمختيار رياست جي حيثيت ۾ رهي سگهي ٿي. جيڪڏهن مثال طور هيٺيون رياستون الڳ، آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي حيثيت سان رهي ۽ اقوام متحده جون ميمبر ٿي سگهن ٿيون.

رياست جو نالو	آدمشماري(لکن ۾)	پکيڙ(مربع ميل)
سنڌ	60	50,000
عراق	47	1,16,000
شام	30	1,71,000
سيلون	36	25,000
ڊينمارڪ	40	16,000
چلي	40	2,86,000
گوئٽيمالا	37	45,000
فلسطين	19	10,000
نيوزيلينڊ	18	1,03,000
پيراگوئي	19	61,000
هنگري	93	35,000
ڪوسٽريڪا	08	23,000
پناما	06	28,000
بيلجم	83	12,000
نيدرلئنڊز (هالينڊ)	47	12,000
البانيہ	10	10,000
لگسمبرگ	03	1,000

آخري رياست تہ آبادي ۽ پکيڙ جي لحاظ کان سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلعي کان بہ گهٽ آهي. آباديءَ جي لحاظ کان سنڌ- عراق، شام، ڊينمارڪ، چلي وغيره کان وڌيڪ آهي ۽ رقبي جي لحاظ کان سيلون، فلسطين، هنگري ۽ بيلجم سنڌ کان گهٽ آهن.

تنهنڪري 22 نومبر 1954ع جي "ون يونٽ" اسڪيم واري نشريات ۾ وزيراعظم جو اهو چوڻ تہ، "44 ملين جي آدمشماريءَ سان مشرقي پاڪستان کي هڪ صوبائي حڪومت هجي ۽ 34 ملين واري مغربي پاڪستان ۾ چار صوبائي حڪومتن جو هجڻ غير منطقي آهي،" پڻ غير منطقي آهي.

وزيراعظم جي مثال مطابق تہ لنڊن پنهنجي هڪ ڪروڙ آباديءَ تي هڪ ميئر رکي ٿو، تنهن ڪري سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد صوبا جن جي آبادي تقريباً ساڳي آهي، پڻ هڪ ميئر جي انتظام هيٺ هجڻ گهرجن.

سنڌي ۽ صوبائيت

سنڌين تي "صوبائيت" جي تهمت مڙهي وڃي ٿي، جيڪا حقيقت حال جي هوندي سراسر غلط آهي. جيڪڏهن سنڌين تي ڪو بهتان لڳائي سگهجي ٿو تہ اهو آهي بن شين جو: فراخدلي ۽ وسيع النظري.

سنڌ پنهنجي قيمتي موڙي ڪراچي کي پاڪستان جي گادي بنائڻ جي پاڻمرادي آڇ ڪئي. سنڌ ۾ ٿي هزارين غير سنڌي، پنجابي، پناڻ وغيره، سنڌين جهڙا ئي حق ماڻي رهيا آهن.

سنڌ هميشہ پنهنجي قومي مفادن تي اثر پوڻ جي باوجود مرڪز سان سهڪار ڪيو آهي. مهاجرن کي وري آباد ڪرائڻ جي سلسلي ۾، سنڌ جي ضرورتن جي وسيلن کي مدنظر رکجي تہ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ان سلسلي ۾ ٻئي ڪنهن علائقي سان ڀيٽي نٿي سگهجي. کوکراپار سنڌ- پناهگيرن جو شاهي رستو آهي، جنهن وسيلي پاڪستان (سنڌ) اندر مهاجرن جا ڪٽڪ اچن پيا، پر پنجاب تہ مهاجرن لاءِ عملي طور بند آهي.

ان جي باوجود بہ افسوسناڪ ڳالهہ هيءَ آهي تہ پنجاب ئي سنڌين تي

”صوبائيت“ جو الزام مڙهي ٿي.

(The boot is on the other leg)

پنجابين سنڌ اندر معمولي رقم جي عيوض هزارين ايڪڙ زمين ورتي، حالانڪ هي پنجابي 1905ع کان سنڌ اندر رهن پيا، پر هنن پاڻ کي هميشه پاسيرو رکي پنهنجون الڳ آباديون، ادارا، اسڪول، پئنچائتون وغيره رکيا آهن. سنڌين سان ڀائيچاري واري واٽ 50 سال گذرڻ جي باوجود هنن ڪونه سکي ۽ ورتي آهي. سنڌ ٽيننسي ايڪٽ 1950ع کي نظرانداز ڪندي، پنجابي زميندار سنڌ اندر سنڌي هارين کي ٻي دخل ڪري، پنجاب مان هاري گهرائيندا رهيا آهن.

پنجاب اندر ڪنهن به سنڌي يا غير پنجابيءَ کي اتان جي حڪومت هڪ ايڪڙ ٻني به نٿي ڏيئي سگهي. زراعت کاتي جي هڪ ذميدار سنڌي آفيسر مون کي ٻڌايو، ته هنن حڪومت پنجاب کي سٺي باسمتي چانورن جي ٻج لاءِ چيو هو، پر نتيجي ۾ هنن (پنجاب حڪومت) هڪ بيڪار گاڏڙ جنس موڪلي ڏني. ڪاروباري مقصدن لاءِ جنس تيار ڪرڻ لاءِ سال لڳندا آهن ۽ ان سلسلي ۾ نج ٻج جو هجڻ ضروري آهي. پنجابي نٿا چاهين ته سنڌ اندر ڪو ان ميدان ۾ هنن جو مقابلو ڪري. ساڳي صورتحال پنجابي فارمن جي آهي، جيڪي سنڌين کي ميون جا ٻج ڏيڻ پسند نٿا ڪن.

جتي به ٿي سگهي ٿو، پنجابي شاونسٽ پنهنجي فائدي لاءِ هر غير پنجابيءَ کي خارج ڪرڻ ضروري سمجهن ٿا. ريلوي، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ آهي، هڪ سنڌي به ڪونه ملندو. سروسز ۾ سنڌين جي نمائندگي (سنڌ اندر محدود سنڌي ڪولين کان علاوه) مشڪل سان هڪ سيڪڙو ٿيندي.

برطانيا جي ڏينهن ۾ ريلوي اسٽيشن جا نالا انگريزي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ هوندا هئا، پر پاڪستان ٺهڻ بعد لاهور اٿارٽيز سنڌي لکٽيءَ کي متائي ڇڏيو آهي. مزي جي ڳالهه هيءَ آهي ته سنڌي نالن جا اُچار انگريزي نالن تان اُتاري، پنجابي ڪاتبن انهن نالن کي ٽي ٽوڙي مروڙي ڇڏيو آهي. ان ڪاريگريءَ جو هلڪو نمونو هيٺينءَ فهرست مان ڏسي سگهجي ٿو:

اسٽيشن جو اصلي نالو	انگريزي اُتارو	اردو اُتارو
پليجاڻي	Palijani	پالي جاني
منڊو ديرو	Mandodero	مانڊو ڈيرو
ڏهرڪي	Daharki	ڈاهرکي
ڪنڊيارو	Kandiaro	کنڈيرو
ڪلهوڙا	Kalhora	کالهوره
سن	Sann	سان
سيهڙ	Sihar	سهار

ڇا هي ثقافت جي اهم ترين جزي ٻوليءَ تي حملو نہ آهي؟

”قوم زنده تي رهي، پر جي زبان زنده رهي.“

۽ اهو بہ پنجاب جي ڌرتيءَ تي ئي ٿي سگهي ٿو تہ احمدين کي ملحد سڏي، معصوم ٻارن، عورتن ۽ ٻيوسن جو وحشيانہ قتل ”الله جي نالي ۾“ ڪيو وڃي.

پنجاب جي ئي سرزمين تي مسلمانن لکين سکن ۽ هندن جو ڪوس ڪيو ۽ هندن لکين مسلمانن کي تاراج ڪيو. مذهب جي نالي ۾ اهڙن ڪڌن ڪرتوتن انسانيت جو خون ڪري، مشرق جو ڪنڌ شرم کان جهڪائي ڇڏيو.

جيستائين حب الوطنيءَ جو تعلق آهي تہ اهي پنجابي ياڙيتا سپاهي ئي هئا، جن برطانوي سامراج پاران مسلمان عربن، ترڪن ۽ ايرانين جو خون وهايو. ساڳين پنجابي سپاهين، جليانوالا ۽ ميرٺ ۾ پنهنجي ئي هم وطنن جا سينا پروڻ ڪيا. سندن سڄي نسل کي ان بي غيرتيءَ لاءِ پنهنجا ڳاٽ شرم ۾ جهڪائڻ گهرجن. وطن دوستن جي قطار ۾ انهن جو نمبر تہ آخري هجڻ گهرجي. پنهنجي ان ڪاري باب کي ميسارڻ لاءِ پنجابين کي گهرجي تہ هو سنڌين ۽ بنگالين ڏانهن مانيٽائي ۽ نيازمنديءَ وارو رويو اختيار ڪن.

هيءَ تلخ سچ– منهنجي پنجابي ياٺرن کي ٿي سگهي ٿو تہ ايذاءَ رسائيندو هجي، پر هنن کي گهرجي تہ سنڌين تي ”صوبائيت“ جا پٿر اُڇلائڻ بدران انهن ڏکوئيندڙ حقيقتن مٿان سوچين.

گڏيل هندستان ۾ مسلمانن جي علحدگي واري جدوجهد دوران هندو

شاونسٽن، مسلمانن خلاف ”فرقيواريت“ جو لفظ گهڙيو هو. مسلمانن جي گهڻ ڪيتري به مناسب ۽ تاريخي هئي، هندن ان کي ”فرقيواريت“ چئي قوم- دشمن ۽ غير محب وطن سان هم معنيٰ بنايو. اسان جي پنجابي ليڊرن به ساڳي پراڻي مهارت ڏيکاري، ”صوبائيت“ جو لفظ ايجاد ڪيو آهي. جڏهن سنڌي، بنگالي يا پٺاڻ پنهنجي جائز حقن جو تحفظ گهرن ٿا، ته پنجابي پنهنجي ”صوبائيت“ کي هندن واري ”قوم پرستي“ جهڙن وڏن لفظن ۾ لڪائي، انهن (سنڌي، بنگالي، پٺاڻ) تي ”صوبائيت“ جي تهمت لڳائين ٿا.

اهي ساڳيا عنصر ۽ اخبارون، جن ڪاميابيءَ سان ڪراچيءَ کي ان جي مهمان نوازيءَ جي سلي ۾ ”وسيع تر قومي مفاد خاطر“ هڪ وڏيڪ يونٽ (ڪراچي ايريا) چئي سنڌ کان ڌار ڪيو هو ۽ ان جي رقبي ۽ اثر ۾ ڪمي آندي هئي، سي هاڻي ان جي ابتڙ ويندي زور پرين ٿا ته وسيع تر قومي مفاد ۾ ”مغربي پاڪستان لاءِ ”ون يونٽ“ هجي.“ حقيقت دراصل هيئن آهي ته هر پنهي صورتن ۾، جيڪو وسيع تر قومي مفاد لڪل آهي، سو پنجاب جو مفاد آهي. سنڌ کي ٿي جيهي رسائڻ لاءِ ايئن ڪيو پيو وڃي.

ساڳيو پنجاب، جيڪو مغربي پاڪستان ۾ پنهنجي مفادن لاءِ ””ون يونٽ““ چاهي ٿو، سو اوير بنگال کان وري برابري ۽ پيا حق گهري ٿو. حالانڪ بنگال جي آباديءَ جي انگن اکرن کي نظر ۾ رکندي، پنجاب کي ايئن چوڻ جو ڪو حق نه آهي.

پنجابي صوبي پرستن کي سنڌ اندر اڳ جيڪو ڪجهه حاصل آهي- زمينون، نوڪريون، ڪاروبار- ان کان هو مطمئن نه آهن. هاڻي هنن جي بک سنڌ جي وسيلن تي مڪمل ضابطي لاءِ ٿي آهي، ۽ جيڪڏهن سنڌي مزاحمت ڪن ٿا (جيڪا فطري آهي ۽ درست پڻ) ته انهن مٿان ”صوبي پرستي“ جو الزام مڙهيو وڃي ٿو.

حڪومت پاڪستان ۽ هاري

مسٽر علي محمد راشدي اهو راڳ آلاپيندو رهيو آهي ته ”ون يونٽ“ ۾ زمينداري راڄ جو خاتمو ايندو ۽ زمينداري راڄ کي ختم ڪرڻ لاءِ وري مرڪز، سڄو ڏيهه ڇڏي، سنڌ ۾ محمد ايوب کهڙي کي چونڊيو آهي. ايوب

کھڙو، جيڪو سزا يافته ۽ ڇهن سالن لاءِ نااهل قرار ڏنل، هڪ نرجو هاري دشمن زميندار آهي، جنهن کي معمولي هارپ جي حقن تي به خار آهي.

ڇا وڏي يونٽ ۾ سنڌي ۽ پنجابي زميندار، هارين جا جگري دوست ٿي ويندا؟ ناممڪن.

مرڪز وڏي يونٽ جي نمائندگي ڪري ٿو. مرڪز هارين لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ ڪجهه به نه!

سنڌ جو هاري ڇگن ڏينهن ڏسڻ جي اُميد ۾ پاڪستان لاءِ وڙهيو ۽ مسلم ليگ کي ڪامياب ڪرايائين، انهيءَ آسري ۾ ته هو ان زمين جو مالڪ ٿيندو، جنهن کي هو کيڙي رهيو آهي. هن کي ڇا مليو؟ هن جي حالت ورهاڱي کان اڳ ويتر بدتر آهي.

پاڪستان کان اڳ 30 سيڪڙو کان وڌيڪ ٻني هندن جي ملڪيت هئي، جنهن کي مسلمان هاري کيڙيندا هئا. هندن جي لڏپلاڻ هارين ۾ ڪو ڦيرو نه آندو. پُر جڏهن مهاجر سنڌ ۾ آيا ته انهن اصلي هارين کي ڇڏيل زمين جو 50 سيڪڙو مهاجرن جي حوالي ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

الاٽمينٽ جو سڄو اختيار سنڌ گورنمنٽ کان کسي آبادڪاريءَ جي ڪمشنر جي حوالي ڪيو ويو. جيڪو پگھار حڪومت سنڌ کان کڻندو هو ۽ ماتحت به ان جو هو، پر جوابدار مرڪز ڏانهن هو، نڪي حڪومت سنڌ ڏانهن. انهن سڀني سالن ۾ ڪو نه ڪو پنجابي ئي ڪامورو انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. سنڌي ڪامورن کي سوچي سمجهي انهيءَ عهدي لاءِ نه چونڊيو ويو، ڇو ته ڀروسو نه هو. نتيجتاً انفرادي سطح تي سنڌي هارين جي جائز حقن کي ايڏو ته ڇيهو رسيو، جو سوچيندي لڱ ڪانڊارجيو وڃن.

1950ع ۾ سنڌ سرڪار- هڪ ”سنڌ ٽيننسي ايڪٽ“ پاس ڪيو، جنهن تحت محدود هارين کي محدود حق ڏنا ويا. جڏهن ته هارين جا بنيادي مطالبا رد ڪيا ويا.

اويڪيو (Evacuee) زمين جي هارين جي سلسلي ۾ اُهي محدود حق به مرڪزي حڪومت جي احڪامن تحت واپس ورتا ويا. سنڌ جو روينيو ڪمشنر، پنهنجي سرڪيولر نمبر 6/51، 1048-0 تاريخ 5 مئي 1951ع تي

مرڪز جي انهيءَ نقطي کي ڪٽندي فرمائي ٿو ته، "پاڪستان جي 1948ع واري آبادڪاري آرڊيننس جو چوٿون نمبر فقرو 1950ع واري سنڌ ٽيننسي ايڪٽ سميت سيني قانونن کان بالاتر آهي، تنهن ڪري سنڌ جا هاري اويڪيو زمين جا حقدار ٿي نٿا سگهن. تنهن ڪري ڪوبه مهاجر سنڌ ٽيننسي ايڪٽ کي نظرانداز ڪندي ڪنهن به قانوني حقدار هاري کي بي دخل ڪري ڪنهن ٻئي کي ان جي جاءِ تي رکي ته جائز آهي." ڪنهن به قانوني ايڪٽ جي مقصدن کي آفيسرشاهيءَ جي حڪم ذريعي شڪست ڏيڻ جو اهو انوکو مثال آهي.

انهن تعصبي ذهنن تي اها ڳالهه واضح هجي ته آرڊيننس صرف لڏي ويل هندن جي مفادن کي متاثر ڪري سگهي ٿو نه ڪي ٽين ڌر- معنيٰ هارين کي.

انهيءَ ڪري سنڌ جي وڏيرن ٽيننسي ايڪٽ تحت جيڪو فائدو هارين کي ڏنو، سو به مرڪزي سرڪار جي وڏيرن ڌرتي کيڙيندڙ هارين کان کسي ورتو.

انهيءَ جي ابتڙ ايم. جي قادر، عرفان الله، غفران الله وغيره وغيره جهڙن وڏن ماڻهن کي لکها، ڪروڙها روپين جي زمين انڊيا ۾ ڇڏي آيل مُٺ پگڙن ملڪيت جي پيٽ ۾ بي حساب ڪسٽوڊين ڊپارٽمينٽ طرفان الاٽ ڪئي وئي.

هارين ۽ سنڌن ورڪرن- وزيراعظم ۽ گورنر جنرل کي سنڌن دؤرن دوران ڪيترين ئي درخواستون ڪيون، ڪيترا پيرا مظاهرا ۽ جلسا ڪيا، پر اهي وڏيرن سان گڏ مانين ۽ شڪارن ۾ مشغول رهيا. هارين جي سلسلي ۾ بي عزتي واري بي پرواهيءَ جو مظاهرو ڪيو اٿن. تنهن ڪري پاڪستان، هارين جي حالت بدتر ڪئي آهي نه ڪي بهتر. هاري انهيءَ حالتن ۾ "ون يونٽ" مان ڪهڙي اُميد رکي سگهن ٿا. جڏهن ته خود مرڪزي حڪومت ئي ساڻن ڪريل برتاءُ ڪري ٿي. عوام جي گهٽائي، جنهن ۾ هارين جي زبردست گهٽائي آهي، ان جي زندگي سڌارڻ بابت حڪومت جون دعوائون کوکليون لڳن ٿيون.

خوش قسمت افغانستان

پاڙيسري ملڪ افغانستان هڪ خودمختيار رياست آهي ۽ اقوام متحده جو رڪن آهي. انهيءَ جي آدمشماري ۽ وسيلا تقريباً پنجاب جي اڌ برابر آهن.

خوش قسمتيءَ سان افغانن کي انگريزن فتح ڪرڻ کان هٿ ڪڍي، ڇو ته انگريزن هندوستان جي سلطنت ۽ روس جي وچ ۾ هڪ آزاد بفر رياست طور رکڻ بهتر ڄاتو. جيڪڏهن انگريز افغانستان کي فتح ڪري وٺن ها ته انگريزان کي هندوستان ۾ هڪ صوبي طور شامل ڪن ها. انهيءَ صورت ۾ اڄ اهو پاڪستان ۾ هجي ها. اسان جا پنجابي سياستدان افغانستان کي به هڪ الله، هڪ اسلام ۽ هڪ قرآن جي نالي ۾ اولهه پاڪستان واري "ون يونٽ" واري اسڪيم ۾ شامل ڪن ها. پناڻو! خدا جو شڪر ڪريو، جو اها صورتحال اوهان لاءِ پيدا نه ٿي.

وڏي ڳالهه ته انگريزن جي اشارن تي چوڌري خليق الزمان انگريز نواز پاڪستان جي هڪ هٿيءَ ۾ سڀني مسلم رياستن، افغانستان، ايران، عراق، شام، سعودي عرب ۽ مصر وغيره کي آڻڻ لاءِ جيڪو اسلام جو نعرو بلند ڪيو، ڇا مسلم رياستن اهو منصوبو قبول ڪيو؟ نه بالڪل نه، انهيءَ کي نفرت سان رد ڪيو ويو.

وزيراعظم جو اهو حوالو ته، "اسڪاٽلينڊ انگريز سلطنت ۾ مضبوطيءَ سان ڳنڍيل آهي." – بنهه غير معقول آهي. اسڪاٽلينڊ کي رضا خوشيءَ سان نه– پر زور زبردستيءَ سان ڳنڍيو ويو آهي. اسڪاٽلينڊ به آئرلينڊ وانگيان سڄو وقت حاڪم انگريز طرفان مصيبت جو شڪار رهيو آهي. اسڪاٽلينڊ ۾ انگلينڊ جي طوق مان آزاديءَ لاءِ جدوجهد وڌي رهي آهي ۽ آئرلينڊ وانگيان ڪاميابي انهن جو نصيب آهي.

وڏين سلطنتن جو زمانو ويو، هاڻوڪو زمانو عام ماڻهو ۽ سڀني قومن، ننڍين قومن جي خوداختياريءَ جو زمانو آهي. عظيم سوويت روس ۾ موجود رياستن کي پنهنجا سفارتي تعلقات رکڻ، پنهنجي فوج رکڻ سميت تمام گهڻا اختيار ڏنا ويا آهن. سوويت يونين هڪ رياست نه آهي، پر سوويت سوشلسٽ رياستن جو اتحاد آهي. انهن رياستن کي آزاد ٿيڻ جو حق به حاصل آهي. انهيءَ حق سوويت يونين کي ٽوڙيو نه، پر وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي. اسان جي پاڪستاني اڳواڻن کي ويجهڙائيءَ واري تاريخ جا اهڙا مثالي سبق وسارڻ نه گهرجن.

خود وڏي انگريز سلطنت به آهستي آهستي ڏاڪي به ڏاڪي خود

مختيار ملڪن ۾ ورهائجي پئي، جيڪي ڪنهن زماني ۾ سندس غلام هئا. خودمختيار ملڪن جو پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڳانڍاپو، مضبوط ترقي پذير، سياسي ادارن ۽ رياستن جي بهتر شڪل آهي. جيتوڻيڪ اهو ضروري نہ آهي تہ انڊيا اسان لاءِ مثال بڻجي، پر هندستان ۽ پاڪستان ۾ تمام گهٽيون هڪجهڙايون آهن. انڊيا هڪ تمام وڏو ملڪ آهي، انهيءَ ڪري پاڪستان کان وڌيڪ زبان ۽ ثقافت جا مسئلا درپيش آهن. انهيءَ جي باوجود بہ انڊيا ۾ يڪجهتي يا هندو ڌرم جي نالي ۾ صوبن ۽ رياستن کي ڳنڍڻ جي ڪابہ ڇرپر نہ آهي. ان جي اُبتڙ ماڻهن جي خواهشن جو احترام ڪندي آندرا پرديش * رياست جوڙي وئي آهي ۽ اهڙيون ٻيون رياستون جڙيون آهن.

قانوني طور ڳالهائيندي اسان جي موجوده آئين تحت (انڊيا گورنمنٽ ايڪٽ 1935ع جيڪو پاڪستان ۾ بہ لاڳو آهي) پاڪستان گورنري صوبن جي فيڊريشن آهي، ۽ ڪوبہ صوبو ختم نٿو ڪري سگهجي. (البت ڪو ٻيو صوبو ڪنهن آرڊيننس يا ڪي ٻيءَ طرح جوڙي سگهجي ٿو.)

ڳري خرچ جو دليل

وزيراعظم جو اهو دليل تہ "ون يونٽ" جي ڪري وڏا اقتصادي فائدا ٿيندا، بنهہ بي معنيٰ آهي. مرڪزي سرڪار خرچ گهٽائڻ لاءِ ڪيترائي بهتر اپاءَ وني سگهي ٿي. جڏهن سنڌ جي ليجسليٽو اسيمبليءَ جي 60 کان وڌيڪ ميمبرن 111 جي هائوس مان عبدالستار پيرزادي جي برطرفي جو مطالبو ڪيو، تہ مرڪز چو پيرزادي جي مدد ڪئي ۽ وزيرن جو تعداد 6 مان وڌائي 12 ڪيو ويو. تڏهن اقتصادي بچت جي موجوده سوچ ڪيڏانهن ويئي؟ اهو محسوس ڪيو پيو وڃي تہ "ون يونٽ" واري بچت جو دليل صرف ٻاهريون ڏيک آهي. هزارين سرڪاري ادارا بيروزگاريءَ جي هنج ۾ اڇلايا ويندا، جيڪي اسان جي پڙهيل لکيل طبقي لاءِ اقتصادي مسئلا پيدا ڪندا.

*** نوٽ: حيدرآباد دکن جي نظام زور زبردستيءَ سان پرپاسي وارين رياستن تي قبضو ڪري هڪ وڏي حيدرآباد دکن رياست قائم ڪئي. آزاديءَ کان پوءِ هندوستان جي سرڪار اُتي جي عوام جي مطالبن کي قبول ڪندي حيدرآباد دکن جي رياست کي ٻولي، ثقافت ۽ قومن جي مڃيل اصولن جي بنياد تي آندرا پرديش ۽ ڪرناٽڪ رياستن ۾ ورهايو. (مترجم)**

جمهوريت يا آمريت

اهو جمهوري عمل يا طريقو ئي هو جنهن تحت غلام محمد جهڙو ماڻهو جيڪو نه ته نواب يا راجا يا امام هو، پر معمولي بينڪ ميمبر مان وڏي موجوده عهدي تي پهتو؛ جنهن تي هو بجا طور فخر ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ملڪ کي صحيح جمهوري طريقن تي هلائڻو آهي ته ان کي اڳتي وڌائڻو پوندو، نه ڪي پوئتي.

اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته هٽلر ۽ مسوليني جهڙا اسان کي موقعا ۽ قوت نه آهي، جو اهڙا خطرناڪ تجربا ڪري سگهون، جن کي هو به ڪامياب ڪري نه سگهيا. فوجي آمريت ذريعي انهن پنهنجن ملڪن کي اهڙي ته اوڙاهه ۾ اڇلايو، جنهن مان هو اجان تائين جند ڇڏائي نه سگهيا آهن. پاڪستان ۾ فوجي عنصرن کي همٿائي، مسٽر غلام محمد دنيا جي سڀ کان وڏي اسلامي رياست کي ايراني ۽ مصري رستي ڏانهن ڌڪي رهيو آهي ۽ فرنڪ تائين جو اهو خونخوار درندو پيدا پيو ڪري، جيڪو ڪيس ۽ سندس ساٿين کي اوڙاهه ۾ اُڇلي تباهه ڪري ڇڏيندو.

اِها ڪيڏي نه بدقسمتي آهي جو اسان جا حڪمران ملڪ کي اهڙي رستي تي وٺي آيا آهن، جتي عوام، ماڻهو، خيال، جمهوريت، ترقي، پورهيو، سبب، دليل جهڙا قيمتي مقدس لفظ ممنوع قرار ڏنا پيا وڃن. برطانوي سامراج جي تربيت يافته ٺورڙن سرڪاري ڪامورن جي لئي جي بڪ وڏي وڃي حد ڪئي آهي ۽ سياسي سوچ تي هڪ هٽي قائم ڪئي آهي. ساڳيا ماڻهو وڏي وات اُهي اعلان به ڪن ٿا ته اهي صرف سپاهي آهن.

مسٽر اسڪندر مرزا هڪ سپاهيءَ جي حيثيت ۾ عوام ۽ عوامي آواز خلاف پنهنجي مڪمل نفرت جو اظهار ڪيو آهي. انهيءَ ڪري هن نه صرف عوام جي بيعزتي ڪئي آهي. پر پاڪستان جي بين الاقوامي ساک کي به وڏو ڌڪ هنيو آهي، ته پاڪستان جا ماڻهو عمومي طرح سوچڻ ۽ آواز اٿارڻ جي قابل ئي نهَ آهن. سوال اِهو آهي ته ڇا مسٽر مرزا انهيءَ ڳالهه تي پشيمان آهي يا بضد آهي. پڪ ئي پڪ هو پنهنجي ضد تي قائم آهي. ٻئي طرف هي ۽ مسٽر غلام محمد عوام جي سوچ کي درست ڪرڻ لاءِ ڇا ڪري رهيا آهن! پڪ

ٿي پڪ فوجي رستو. اهو رستو به سڌارڻ وارو نه آهي.

هرگز نه رسي به ڪعبه اي پنجابي،
اين راه ڪه مي روي به انگلستان است.

ماهرن جي ڪميٽي

وزيراعظم ”ون يونٽ“ واري منصوبي جو مسودو ماهرن جي هڪ ڪميٽيءَ جي حوالي ڪيو آهي. اهي ماهر ڪير آهن-؟ انهن کي ڪنهن چونڊيو آهي-؟ اها اڳي ئي خبر آهي ته اهي پنجابي ماهر- پنجابي ڪامورا يا انهن جا چاڙتا هوندا. ماهرن جي اها رپورٽ شايع ڪئي وڃي. هر قانون پلي ڪيڏو ئي ننڍڙو ڇو نه هجي، عام رواجي طرح انهيءَ لاءِ عوام کان تجويزون ۽ رايا گهرايا وڃن. انهيءَ لاءِ چڱو وقت ۽ موقعو ڏنو وڃي. اهڙي مستقل نوعيت جي مسئلي کي، جنهن کي سنڌي پنهنجي زندگي ۽ موت جو مسئلو سمجهن ٿا؛ اها جلد بازي واري پاليسي شديد مخالفت، نفرت ۽ شديد ويڙهه پيدا ڪندي.

بچاءَ وارو مڪر

زال مڙس يا ڀن ڀائرن جي وچ ۾ زوريءَ ڳانڍاپو به اڻ وڻندڙ ڳالهه آهي. ”جيئو ۽ جيئڻ ڏيو“ – نه صرف ذاتي زندگي پر سياست ۾ به خوش ۽ پُر امن زندگيءَ جو اصول آهي.

وزيراعظم پنهنجي 22 نومبر 1954ع واري تاريخ ساز ريڊيئي اعلان ۾ پنجاب جي 56 سيڪڙو جي بجاءِ 40 سيڪڙو نمائندگي قبول ڪرڻ واري فراخدليءَ جو ذڪر ڪيو آهي. مون تي يقين ڪريو ته اهي 30 سيڪڙو يا اڃا گهٽ تي به راضي ٿي ويندا. اهي بهاولپور ۽ سرحد تي انحصار ڪري سگهن ٿا. انهيءَ کان به وڌيڪ سنڌ جي کهڙي ۽ راشدي جهڙن ماڻهن تي ڀاڙي سگهن ٿا، جيڪي هاڻي کان ئي نظر ڪرم حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جفاڪشي ڪري رهيا آهن. وڏي ڳالهه ته اها رعايت به صرف ڏهن سالن لاءِ آهي. کهڙي خاطري آهي ته هڪ سال کان پوءِ اها مهرباني واپس نه ورتي ويندي. اڳ ۾ ئي لاهور جي جوابدار اخبارن ۾ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان لاءِ انهن

لفظن مان صوبائيت جي بوءِ جا آواز اُٿاريا ويا آهن. ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ وقت اصلي رهاڪن لاءِ تحفظن جو وعدو ڪيو ويو هو. ڇا انهيءَ تي عمل ڪيو ويو آهي؟ سنڌي زبان کي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي نصاب مان خارج ڪيو ويو آهي ۽ ٻيون ڪيتريون اهڙيون زيادتيون ڪيون ويون آهن، جنهن جو افسوسناڪ نتيجو هيءُ نڪتو آهي جو اصلي باشندا پاڻ کي پنهنجي سرزمين تي ڌاريان ٿا سمجهن.

چوڌري محمد علي ڇهه مهينا اڳ واعدو ڪيو هو ته اسان کي 25 ڊسمبر 1954ع تي آئين ملندو. انهيءَ ڏينهن تي اسان ڇا حاصل ڪري رهيا آهيون. اسان جي سياستدانن جي وعدن تي ڪهڙو ڀروسو؟ پنجاب جا اڳواڻ پنهنجي اها فراخدلي ۽ تحفظ پاڻ وٽ رکن. سنڌ کي پنهنجا مسئلا پاڻ ٻين ڪنهن جي مداخلت ۽ قرلت جي نبيرڻ ڏيو. سنڌي- پنجابين جي انهيءَ فراخدليءَ لاءِ سدائين شڪرگذار رهندا.

سنڌ جي تباهيءَ ۾ سنڌ جي نمائندن جي نااهلي

ڇهه سال اڳ جڏهن سنڌ اسيمبليءَ جي موجوده ميمبرن ووٽ ورتا هئا، تڏهن سنڌ کي پنجاب سان ضم ڪرڻ جي ڪابه ڳالهه نه هئي. نه ئي انهيءَ مسئلي کي رواجي طرح ووٽرن جي اڳيان رکيو ويو هو. تنهن ڪري انهن ميمبرن کي سنڌ جي تباهيءَ جي خطرناڪ مسئلي تي ووٽ ڏيڻ جو ڪوبه اختيار ڪونه آهي. اها ڳالهه به قابلِ ذڪر آهي ته مرڪز رواجي طريقي سان سنڌ جي ميمبرن جي حمايت حاصل ڪري نه سگهيو آهي. پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ غير جمهوريت، غير اخلاقي طريقن کي اختيار ڪيو آهي. جنهن جي انتها اِها آهي جو ايوب کهڙي جهڙي سزا يافته ڌوهاري کي سنڌ جو وزيراعليٰ ۽ سنڌ مسلم ليگ جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو آهي. نيڪ طريقن ذريعي نيڪ مقصد ۽ هڪ بي داغ شخصيت، سنڌ جي مقبول رهنمائن، جهڙوڪ: جي. ايم. سيد، قاضي فيض محمد ۽ ٻين ڪيترن کي جيل حوالي ڪيو ويو آهي. سنڌ جي اهم ترين اخبارن روزنامه "الوحيد" ۽ "ڪاروان" تي بندش وڌي ويئي آهي. قلم 144 ۽ ٻين قلمن ذريعي اڳ ۾ ئي نيم فوجي سرڪار مڙهي وئي آهي.

سپرسانڪ رفتار

ٻن وڏن صوبن پنجاب ۽ بنگال جي اڳواڻن وڏي ويڙهہ کان پوءِ آخرڪار پرچاءُ ڪيو آهي. سنڌ ۽ ٻين ننڍن صوبن جي مال غنيمت جو اِهو ٿورو آهي، جو جيستائين ان "ون يونٽ" تي عمل درآمد ٿئي، ٻيخواب راتيون گذاري رهيا آهن. بنگالي وزيراعظم تہ اِهو قبول ڪري سگهي ٿو تہ ڇاڪاڻ سندس مفاد هڪ هزار ميل جي غير ملڪي مفاصلي جي خاص حالتن سان محفوظ آهن. نہ تہ هن کي سنڌين جي زندگيءَ جي حالتن جي پليءَ پت ڄاڻ آهي، نہ ئي ڪا خاص دلچسپي. هو تخت سان وڌيڪ وفادار آهي، بنسبت بادشاهہ جي.

نظريہ اسلام

اسلامي نظريو عرب مان اُڀريو. عربستان ۾ شروعاتي تاريخ هاشمي ۽ بنو اُميہ، بنو اميہ ۽ عباسين جي جهيڙن کي وساريندي ويڇڙائي جي تاريخ تي نظر ڪبي، تہ مملڪت خداداد ترڪي ۽ نظريہ اسلام سيني عرب قومن کي ڪنو رکي نہ سگهيو. انهيءَ جاءِ تي عراق، شام، اُردن، يمن ۽ سعودي عرب جهڙن خودمختيار رياستون ڏسون ٿا. انهن عربي ڳالهائيندڙ قومن ۾ نظريہ اسلام جي سيني رياستن کي "ون يونٽ" ۾ ڳنڍڻ جي ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. افغانستان، ايران ۽ ترڪي هر هڪ کي الڳ وجود آهي. ڪنهن بہ نعري يا نظريہ هيٺ ڪين گڏ ڪرڻ جي خيال کي ناڪاميابي نصيب ٿيندي.

مسلمان افغانستان جا، هندو انديا سان وڌيڪ برادرانہ تعلقات آهن بنسبت اسلامي پاڪستان جي. مسلمان ترڪي جا اسلامي مصر جي ڀيٽ ۾ عيسائي آمريڪا سان وڌيڪ تعلقات آهن. انهن نظرين کان سواءِ ڪي ٻيون ڳالهيون آهن جيڪي قومي روين کي ترتيب ڏين ٿيون.

نظريہ اسلام کان سواءِ بہ سنڌ، پنجاب ۽ پختونستان ۽ بلوچستان بہ پاڪستان جي خودمختيار برادرانہ ايڪن سان گڏ رهي سگهن ٿا. جيڪڏهن نظريہ اسلام جي واقعي ڪا ڪوٽ آهي تہ انهيءَ تي سيني مسلمانن جي وچ ۾ صحيح برادريءَ بحال ڪندي اوچو ثقافتي مرتبو حاصل ڪرڻ کپي. ڳالهين ذريعي، عمل ذريعي، حقيقي حالتون ۽ موقعا پيدا ڪرڻ کپن. زمينداري ۽

جاگيرداري ختم ٿيڻ ڪپي. ڪيڙيندڙ کي وارث بنايو وڃي. وڏين صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ ورتو وڃي. مزدور کي انهيءَ ۾ حصيدار بنايو وڃي. نہ اهڙو غلام، اڌ انسان، گهٽ پڳهاريافتہ ماڻهو جيڪو سدائين مالڪ جي مرضيءَ تي زنده رهي. هتي امير، امير تر ۽ غريب، غريب تر ٿيندو پيو وڃي.

هن ڌرتي جا اعليٰ ترين فرزند پورهيت ۽ هاري اڳواڻن کي، نقصان ڏيندڙ جيتن وانگيان جيلن ۾ رکيو پيو وڃي ۽ سندن يونين ۽ هاري تنظيمن کي ججها عذاب ڏيئي تباهہ ڪيو پيو وڃي. گهڻ اُپت گهڻ رتابندي، وڏيڪ غربت وڏيڪ پريشاني. پوءِ اسين غير ملڪي امداد لاءِ فقيرن وانگيان هٿ ٽنگيو بيٺا آهيون. ڇا غير ملڪي امداد، غير ملڪي غلامي کان سواءِ حاصل ڪري سگهجي ٿي-؟

نظريہ اسلام جي نالي ۾ ”ون يونٽ“ وارو منصوبو، مستقل مادي مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ پيو فريب آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي مستقل مفاد واپار ٽيڪسن جي سلسلي ۾ پنهنجيون رعايتون قائم رکڻ لاءِ دعويدار آهن.

نظريہ اسلام کي سکن ۽ هندن جي خلاف هٿيار طور تہ ڪاميابيءَ سان استعمال ڪري سگهجي ٿو، پر پنجابي اڳواڻن کي اهو ساڳيو هٿيار پنهنجي هم مذهب سنڌي ڀائرن خلاف استعال ڪرڻ کان باز رهڻ گهرجي.

پڇاڙي

جڏهن پنجاب جي خلاف سڀ ڪجهہ ڳالهايو ويو آهي تہ ان مان مراد هڪ مختصر حصو، معنيٰ مستقل مفاد- هن تنقيد مان پنجاب جو عام مرد ۽ عورت، پورهيت ۽ هاري ۽ دانشور خارج سمجهڻ کپي، جيڪي پنهنجي اعليٰ خصلتن ۽ حاصلات سبيان پنهنجي قوم لاءِ باعث فخر آهن. انهن جي ۽ سنڌ جي عام ماڻهن جي وچ ۾ اتحاد ۽ دوستي وڌندڙ آهي، جنهن کي ڪابہ شيءِ ويندي ”ون يونٽ“ بہ پنهنجن فريب ڪارين جي باوجود ٽوڙي نٿو سگهي، ۽ پنجاب جو عام ماڻهو سنڌ جي منشا خلاف سنڌ جي ختم ٿيڻ کي قبول نہ ڪندو. هن وقت تائين اسان جي حاڪمن طرفان زمينداري ۽ جاگيرداري کي مضبوط رکڻ، بدترين غير برابري ۽ ناانصافي کي قائم رکڻ وارين پاليسين کي نظر ۾ رکندي، سنڌ جو عام ۽ باشعور ماڻهو ڪڏهن بہ ”ون يونٽ“ قبول نہ ڪندو.

ون يونٽ ۽ جمهوريت

(1)

هڪ عام آواز اهو آهي تہ، ""ون يونٽ" جو ڪارنامو پاڪستان ۾ جمهوريت ڪشيءَ جو سڀ کان زياده نمايان مظاهرو آهي." انهيءَ ڪارنامي ملڪ ۾ بحران پويان بحران آندو آهي، ۽ پاڪستان جون گهڻي ڀاڱيَ ڪمزوريون انهيءَ ڪارناميَ ڪري پيدا ٿيون آهن. اهو فقط هڪ انتظامي اُپاءُ نہ آهي، پر ساڳئي وقت اهو مقامي سامراجيت، بينڪ شاهي يا نيم بينڪ شاهي جي انهن روين کي ظاهر بہ ڪري ٿو، ۽ ساڳئي وقت لڪائي بہ ٿو، جيڪي سيني جي تباهيءَ لاءِ اسباب پيدا ڪن ٿا. جن "ون يونٽ" آڻڻ چاهيو ٿي، تن ڄاتو پئي تہ "ون يونٽ" تيسين اچي نہ سگهندو، جيسين هندستان جي آزاديءَ جي ايڪٽ 1947ع جي روپ ۾، برطانوي حڪمرانن جي طرفان ڏنل جمهوريت جي عناصرن کي ختم نہ ڪيو ويو آهي.

مٿئين ايڪٽ هيٺ پاڪستان لاءِ دستور ٺاهڻ واسطي، دستور ساز اسيمبليءَ جو خودمختيار ادارو قائم ڪيو ويو. درحقيقت انهيءَ اسيمبليءَ هڪ دستور ٺاهيو هو، جنهن ۾ پاڪستان کي فيڊريشن جي حيثيت ڏني ويئي. اها فيڊريشن پنجن مکيہ صوبن: پنجاب، بنگال، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان تي مشتمل هئي. انهيءَ دستور ٺاهڻ لاءِ ست سال ڪوششون ورتيون ويون، ۽ ڪيئي ڪشالا ڪڍيا ويا. ان وقت جي وزيراعظم محمد علي بوگره کي انهيءَ دستور جو اعلان 25 ڊسمبر 1954ع تي قائداعظم جي ڄمڻ جي ڏينهن جي موقعي تي ڪرڻو هو. انهيءَ دستور ۾ "ون يونٽ" جهڙي ڪنهن بہ شيءِ جي گنجائش نہ هئي.

عين ان وقت جڏهن دستور جو اعلان ٿيڻ وارو هو، 24 آڪٽوبر 1954ع تي "ون يونٽ" جي باني ۽ گورنر جنرل- ملڪ غلام محمد نادري حڪم جاري ڪري دستور ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙي ڇڏيو، ۽ ملڪ ۾ هنگامي

صورتحال جو اعلان ڪيو، جا درحقيقت موجوده نہ هئي. اهڙيءَ طرح دستور جي بحالي ناممڪن بنائي وئي. گورنر جنرل جي هن قدم کي للڪاريو ويو. دستور ساز اسيمبليءَ جي صدر مولوي تميزالدين، ڪراچيءَ ۾ سنڌ چيف ڪورٽ اندر هڪ رٽ پٽيشن داخل ڪئي. ڪورٽ گورنر جنرل جي انهيءَ حڪم کي رد ڪري، مولوي تميزالدين کي يڪراءِ صحيح قرار ڏنو. سنڌ چيف ڪورٽ جي هيءَ فتويٰ هڪ شاندار دستاويز آهي، ۽ انتظاميا جي اثر کان اسان عدليہ جي آزاديءَ جو هڪ يادگار آهي.

سرڪاري ڌر اها فتويٰ قبول نہ ڪئي، ۽ مقابلو لاهور واري فيڊرل ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. فيڊرل ڪورٽ، مسٽر جسٽس منير جي صدارت هيٺ اڪثريت واريءَ راءِ سان سنڌ ڪورٽ جي فيصلي کي ختم ڪري ڇڏيو. مسٽر جسٽس اي. آر. ڪارنيلس- اسان جي موجوده چيف جسٽس ۽ مسٽر جسٽس شريف فيڊرل ڪورٽ جي ججن جي حيثيت ۾، سنڌ ڪورٽ جي فيصلي جي تائيد ڪئي هئي ۽ مسٽر جسٽس منير ۽ ٻن ٻين ججن گورنر جنرل جي پٺڀرائي ڪئي هئي.

گذريل سال رٽائر ٿيڻ کان سنت پوءِ هڪ الوداعي دعوت ۾ لاهور ۾ تقرير ڪندي، مسٽر محمد منير تسليم ڪيو هو تہ مولوي تميزالدين واري ڪيس ۾ سندس فتويٰ سياسي نوعيت جي هئي. (تنهن جو مطلب تہ عدل پٽاندڙ نہ هئي.)

فيڊرل ڪورٽ کان سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ بعد مسٽر غلام محمد پاڪستان جو بي تاج بادشاهہ ٿي ويو ۽ دڙڪو ڏنائين تہ هو پنهنجي ٿاڦيل ماڻهن جو ڪنوينشن ڪوٺائيندو ۽ پنهنجو هڪ ٺاهيل دستور پاڪستان تي مڙهيندو. مسٽر سهروردي انهيءَ وقت زيورچ جي هڪ اسپتال مان موٽيو هو، ۽ عوام جون سندس اڳواڻي ۾ وڏيون اُميدون هيون. پر هن ماڻهن کي جلد ئي ڇرڪائي ڇڏيو، جو غلام محمد جي هيٺان هڪ معمولي وزارت وجي قبول ڪيائين. رٿيل ڪنوينشن کي بهرحال فيڊرل ڪورٽ غلط قرار ڏنو، ۽ ائين دستور ساز اسيمبلي، صوبائي قانون ساز اسيمبلين مان اڻ سڌي ووٽ رستي ٺاهي وئي ۽ ان کي دستور ٺاهڻ ۽ بحال ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو.

اتي سيني سياسي حرفتن سان چوڌري محمد علي پاڪستان جو وزيراعظم ٿيو. سندس ايامڪاريءَ ۾ هڪ خفيه ""ون يونٽ"" جو شاهي منصوبو" تيار ٿيو ۽ عمل ۾ آندو ويو. انهيءَ منصوبي جو انڪشاف دستور ساز اسيمبليءَ ۾ ٿيو. چوڌري محمد علي جو نعرو هو، ""ون يونٽ" نه هوندو ته دستور نه ٺهندو". "ون يونٽ" کي نافذ ڪرڻ لاءِ ننڍن صوبن تي ظلم جو راڄ ڪڙو ڪيو ويو. مخالفت ڏسي ملڪ غلام محمد گورنر جنرل ملڪ ۾ مارشل لا آڻڻ تي چاهيو. جنرل ايوب خان ان وقت جي ڪمانڊر ان چيف، جيئن هن بعد ۾ ظاهر ڪيو، مارشل لا آڻڻ ۾ ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. پر 1954ع ۾ "ون يونٽ" قائم رکڻ واسطي هن ڪري ڏيکاري.

"ون يونٽ" کي سولو بنائڻ لاءِ پيرزادي جي سنڌ وزارت دٻڙ دؤنس ڪري ختم ڪري وئي، ۽ هڪ بدنام سياستدان محمدايوب کهڙي، جنهن کي سنڌ جي ماڻهن پروڙيا جي مقدمي وسيلي سياسي سرحد کان هڪالي ڪڍيو هو- تنهن کي ان مقصد لاءِ سنڌ جو وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو ته جيئن هو وزيراعليٰ جو عهدو ۽ سنڌ جي جداگانه جغرافيائي حيثيت هميشه جي لاءِ ختم ڪري. ان ڳالهه لاءِ پروڊا جهڙو سنو قانون به منسوخ ڪيو ويو.

صوبائي اسيمبلين کان گرفتارين جي وارنٽن وسيلي ۽ بندوقن جي پهري هيٺ "ون يونٽ" جو ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو. حيدرآباد ۽ پشاور جي اسيمبلي هال جي چوڌاري هٿياربند پوليس جو گهيرو هو. ڪيترن ئي ماڻهن کي مقدمي هلائڻ کانسواءِ جيل ۾ اُماڻيو ويو. انهيءَ ۾ هن دستاويز جو مصنف (حيدر بخش جتوئي) به شامل آهي. سموري مخالفت کي ڪچليو ويو. مسٽر اسڪندر مرزا تڏهوڪي پاڪستان جي وزير دفاع، پشاور ۾ چيو: ""ون يونٽ" متعلق حڪومت جو فيصلو پڪو ۽ آخرين آهي. سموري مخالفت کي اسٽيم رولر وانگر ڪچليو ويندو."

مٿين حالتن ۾ "ون يونٽ" جو مسودو مسٽر سهروردي وزير قانون پاڪستان تيار ڪيو ۽ انهيءَ وقت مسٽر سهرورديءَ تي انهن جو ذمو ٿيو، جي واقعي طاقتون هيون، ۽ هو بي مانو تي انهن جي ئي هٿان لوڏجي نڪتو جن جي هن خدمت ڪئي هئي.

نئين دستور ساز اسيمبليءَ ۾ ”ون يونٽ“ جي بل تي مباحثي درميان مسٽر سهروردي ۽ سندس ٽولي ڪلتي ڪائي ”ون يونٽ“ جي مخالفت ڪئي ۽ ان جي خلاف چڱا دليل ڏنائين، پر ان مان ڪجهہ ڪين وريو. بل پاس ٿيو، ۽ ڪلام پاڪ جي تلاوت سان ان جو افتتاح ٿيو.

فقط هڪ سال جي ئي تجربي مان ثابت ٿيو تہ ”ون يونٽ“ انتظامي، مالي، سياسي ۽ اخلاقي قسم جي هر نقطہ نگاهہ کان قابلِ عمل نہ آهي. 1957ع ۾ اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ هڪ ٺهراءُ پاس ڪري قومي پارليامينٽ کي سفارش ڪئي تہ ”ون يونٽ“ کي ٽوڙيو وڃي، ۽ ساڳيا اڳيان صوبا قائم ڪيا وڃن. اها تحريڪ جيئن پوءِ تيئن زور وٺندي پئي وئي ۽ سيپٽمبر 1958ع ڌاري گهٽو ڪري سيني اهم سياسي اڳواڻن فيصلو ڪيو تہ ”ون يونٽ“ کي هميشہ جي لاءِ ختم ڪيو وڃي.

عين انهيءَ وقت انهيءَ تحريڪ کي روڪڻ واسطي 7 آڪٽوبر 1958ع تي دستور کي ختم ڪيو ويو. ڪن ماڻهن دستور جي ختم ٿيڻ تي ارمان جو اظهار ڪيو. سمجهيو ائين پئي ويو تہ انهيءَ مسئلي تي نئين سر سوچ ڪئي ويندي، ۽ شايد ڪ جمهوري دستور جنهن ۾ ”ون يونٽ“ جو نالو بہ نہ هجي، ٺهي سگهي، پر 8 آڪٽوبر 1958ع جي صبح تي زون بي (5) جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل اعظم اعلان ڪيو تہ، ”دستور ختم ٿي ويو، پر ”ون يونٽ“ قائم آهي ۽ قائم رهندو.“

درحقيقت مارشل لا جو مکيہ ڪم ”ون يونٽ“ کي قائم رکڻ هو، ۽ ان حقيقت جو اظهار هڪ سرڪاري مطبوعاتِ ”پاڪستان جي تاريخ“ ۾ هيٺينءَ ريت ڪيو ويو آهي: اهو ڪتاب اولهہ پاڪستان جي اسڪولن ۾ درسي ڪتاب ڪري پڙهايو پيو وڃي.

باب چاليهون
ملڪي انتظام

1955ع واري ”ويسٽ پاڪستان ايڪٽ“ جي پاس ٿيڻ تائين اولهہ پاڪستان هيٺين علائقن تي مشتمل هو:

1- پنجاب، اتر الهندو سرحدي صوبو، ۽ سنڌ جا سابق گورنري صوبا.

2- بلوچستان ۽ ڪراچيءَ جا سابق چيف ڪمشنرن وارا صوبا.

3- بهاولپور ۽ خيرپور جون رياستون ۽ بلوچستان جي يونين.

4- بلوچستان، پنجاب ۽ اُتر الهندي سرحدي صوبي جا قبائلي علائقا، ۽ امب، دير، چترال ۽ سوات جون رياستون.

انهيءَ قسم جي مختلف ملڪي حصن کي قائم رکڻ مان جيڪي نقصان تي سگهيا ٿي، سي جلد ئي ظاهر ٿيڻ لڳا. اهي علحده اڪايون اتحاد، استحڪام، اقتصادي ترقي ۽ سياسي يڪجهتيءَ جي رستي ۾ رڪاوٽ ثابت ٿي رهيون. مختلف صوبن جي هڪ ٻئي جي خلاف رقابتن ۽ سياسي سازشن جو افسوسناڪ قصو، هن نئين قوم جي تاريخ جو هڪ سياهه باب آهي، ۽ اهو ايتري قدر منجهيل ۽ دل آزار آهي، جو ان جو هتي تفصيلوار بيان ڪرڻ مناسب نه آهي.

جيئن هينئر ظاهر ڪيو ويو آهي، صدر ايوب خان جيڪو ان وقت پاڪستان جو ڪمانڊر اِن چيف هو، تنهن اولهه پاڪستان جي مختلف اڪاين کي ملائي هڪ صوبي جي صورت ۾ منظم ڪرڻ جو نظريو پيش ڪيو. مسٽر غلام محمد، انهيءَ وقت جي گورنر جنرل ۽ ڪن ٻين اڳواڻن انهيءَ خيال کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ موزون قدم کنيا. انهيءَ رٿا جي پاڪستان جي ڪيترن ئي گروهن سخت مخالفت ڪئي. آئين ساز اسيمبليءَ بهرحال پاڪستان جي اتحاد کي اڏول بنائڻ لاءِ هڪ ايڪٽ پاس ڪيو، جن کي عام زبان ۾ ""ون يونٽ"" چيو وڃي ٿو. انهيءَ گڏيل صوبي کي انتظامي مقصدن لاءِ ڪمشنرن جي ڏهن ڊويزنن ۽ وفاقي دارالحڪومت (ڪراچي) جي صورت ۾ ورهايو ويو. پر شخصي مقصدن رکندڙ اڳواڻن الڳ الڳ صوبن ۽ رياستن جي هن اتحاد خلاف پنهنجي پروپئگنڊا جاري رکي ۽ ""ون يونٽ"" کي ڊاهڻ لاءِ هٿن نئين سر ۽ وڏيڪ زور شور سان سياسي بليڪ ميل، رشوت ۽ پارٽي بازيءَ جهڙيون حرڪتون عمل ۾ آڻڻ شروع ڪيون. اهڙيءَ ريت آڪٽوبر 1958ع واري امن پسندانه انقلاب لاءِ جيئن پوءِ تيئن حالتون سازگار ٿينديون رهيون." (صفحو 584-583)

باب ايڪيتاليهون-

آڪٽوبر 1958ع وارو انقلاب

سيپٽمبر 1957ع ۾، اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ "ون يونٽ" کي ڊاهڻ جي رٿ بحال ڪئي، ۽ ان جي بجاءِ سڄي صوبي ۾، متعدد خودمختيار اڪايون قائم ڪرڻ جي سازش ڪئي. خوش قسمتيءَ سان جنرل محمد ايوب خان ملڪ جي صدر ۽ وزيراعظم کي آماده ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، تہ هو "ون يونٽ" کي بي اصول سياستدانن جي حملي کان بچائڻ لاءِ ڪوششون وٺن." (صفحو 206)

مارشل لا ڪجهہ وقت لاءِ ""ون يونٽ"" کي بچائي ورتو، پر سنت ٿي ان جا اثر سڀ ڪنهن تي پوڻ لڳا. آخر ۾ "ون يونٽ" جا حامي بہ ان مان بيزار ٿي پيا. درسي ڪتابن ۾ مٿيون بيان ڪنهن سنڌيءَ جي قلم سان نہ لکيو ويو آهي، جو هو اهو ڏيکاري تہ "ون يونٽ" جي لعنت کان پوءِ مارشل لا جي لعنت آئي. اهو بيان "ون يونٽ" جي هڪ حامي لکيو آهي، ۽ ڪوشش ڪئي اٿس تہ "ون يونٽ" خلاف پيدا ٿيل جذبن کي ٿڌو ڪري، ۽ اهو ڏيکاري تہ جيڪڏهن مارشل لا "ون يونٽ" جهڙي نعمت کي بچائي سگهيو تہ اهو واقعي هڪ نعمت هئي، توڙي جو ان ۾ اوڻايون هيون.

"ون يونٽ" ڪن شخصن جي عصبيت جي پيداوار آهي، ۽ لازمي طور ردعمل ۾ ان ننڍن صوبن ۾ عصبيت پيدا ڪئي آهي، جا اڳ نہ هئي. پر فرق اهو آهي تہ "ون يونٽ" جي ناهيندڙن جي عصبيت جارحانہ ۽ غير منصفانہ آهي. ننڍن صوبن جي عصبيت پنهنجي بچاءَ خاطر ۽ جمهوري آهي. ارمان جي ڳالهہ اها آهي تہ درحقيقت جيڪي عصبيت کي پيدا ڪرڻ لاءِ ذميوار آهن، سي ٿيءَ پنهنجي ايماندار مخالفن تي عصبيت جو الزام مڙهين ٿا، ۽ اهڙو پرچار وڏي واڪي ڪن ٿا.

(2)

"ون يونٽ" جا حامي ڏاڍي چالاڪيءَ سان "نظرياتي خيالي جمهوريت" کي اسان جو اهم ترين سياسي مسئلو ڪري ٿا پيش ڪن، ۽

”ون يونٽ“ کي هڪ تنديو ۽ غير اهم مسئلو سمجهي لنوائي تا ڇڏين. اهي حقيقي مسئلن کي منجهائڻ چاهين ٿا، ته جيئن اسين اهو وساري ڇڏيون ته اهو ”ون يونٽ“ ئي آهي، جنهن عوام جي مٿان سڀ برايون مسلط ڪري آخرڪار مارشل لا ۽ پوءِ اچ ڪلهه وارو نيم فوجي جوڙجڪ آندو. اهي اسان جي گهڻن سياسي رهنمائن ۽ مفڪرن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ ۾ ڏري گهٽ ڪامياب ٿي ويا آهن.

آخر حقيقت ۾ جمهوريت آهي ڇا؟ اوڀر بنگال لاءِ ”بنگالي بولي“ جمهوريت جو هڪ ضروري جز آهي، ۽ بنگال هن کي سلامت رکيو آهي. پر سنڌ لاءِ ”سنڌي ٻولي“ ڪجهه به نه آهي! بلوچستان لاءِ ”بلوچي“ ڪجهه به نه آهي! سرحد لاءِ ”پشتون“ ڪجهه به نه آهي.

اوڀر بنگال لاءِ ملازمتون جمهوريت جو جزو آهن، ۽ اهي بينگالين کي ملن پيون. سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد لاءِ اهي ملازمتون فرقه پرستيءَ جو جز آهن.

اوڀر بنگال لاءِ اقتصادي ترقيءَ ۾ برابري ملڻ جمهوريت جو روح آهي، ۽ اهي ان ڳالهه کي هڪ وڏو جمهوري مسئلو سمجهي، انهيءَ اقتصادي برابري لاءِ جدوجهد ٿا ڪن. پر ويچارن غير ترقي يافته سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان طرفان اهڙن مطالبن کي پاڪستان جي سالميت کي خطري رسائڻ جهڙيون تحريڪون ڪري سمجهيو ٿو وڃي. حقيقت ۾ ”ون يونٽ“ جي مخالفن جون ئي جمهوري آزاديون بي درديءَ سان ڪچليون ويون آهن. اسان جي حاڪمن وٽ ”ون يونٽ“ جي مخالفن کي وڏي ۾ وڏو ڏوهه سمجهيو ٿو وڃي. ”ون يونٽ“ ۽ ان جي غير منصفانه قاعدن ۽ قانونن جي مخالفت کي ڪچلڻ خاطر ئي پوليس، جيل ۽ فوج جي سموري مشنري پنهنجي سموري طاقت سان حرڪت ۾ اچي وئي آهي. ”ون يونٽ“ جي مخالفت سببان ئي اسان جي هزارين مسلمانن ۽ پاڪستاني پائرن کي جيل، تڪليفن ۽ ملڪيتن جي ضبطي وغيره جون عقوبتون برداشت ڪرڻيون پيون، جيڪي برطانوي سامراجيت جي بدترين ڏينهن ۾ پڻ ناپيد هيون. هن وقت اسان جا سوين محب وطن جيل جي ڪوٺڙين ۾ سڙي رهيا آهن. انهن جو ڏوهه ”ون يونٽ“ جي مخالفت، ۽ پنهنجي فطري حقن، دلچسپين ۽

آزادين جي حفاظت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. ”ون يونٽ“ جي حامين مان مشڪل سان ڪو اولهہ پاڪستان ۾ سياسي قيدي هوندو. اولهہ پاڪستان ۾ ڪوبہ وزير يا سيڪريٽري نٿو ٿي سگهي، جيستائين ڪو هو ”ون يونٽ“ کي پنهنجي ايمان جو جز ڪري تسليم نہ ڪري، ۽ ان کي پاڪستان جي نظريہ جو اهم ترين حصو نہ سمجهي. سنڌ مان وزير، اهليت جي بنياد تي نہ چونڊيا ويا آهن، انهن کي ”ون يونٽ“ جي حمايت ڪرڻ تي رضامند ٿيڻ سبب ئي وزير ڪيو ويو. اهل ۽ بهتر ماڻهن کي ڪيڙن وانگر وزارتن کان ٻاهر رکيو ٿو وڃي.

اسان جا حاڪم هڪ ٻہ وزارتي جايون خالي رکيو وينا آهن، تہ جيئن هرڪو ميمبر وزارت ملڻ جي اميد ۾ رهي، سنڌن پاليسين متعلق خاموش رهي- پوءِ چاهي اهي پاليسيون ڪيتريون بہ غلط هجن.

سنڌ جا اهي ميمبر جيڪي ”ون يونٽ“ جي مخالف نيتيءَ جي ڪري مشهور آهن، سي وزير ٿيڻ سان راتو رات ۾ بدلجي، ”ون يونٽ“ جي فائدي ۾ ڳالهائڻ لڳن ٿا. پوءِ چاهي هو دل سان نہ، پر رڳو چپن سان ٿا ڳالهائين.

افسوس آهي اهڙي سماج تي، جنهن ۾ منافقي- ذاتي طاقت ۽ مفاد جو ذريعو هجي.

اهڙيءَ طرح ”ون يونٽ“ اسان جي اخلاق کي پست ڪرڻ ۽ اسان جي زندگيءَ جي سيني اعليٰ قدرن کي ناس ڪرڻ لاءِ جوابدار آهي. جڏهن زندگيءَ جا اعليٰ اقتدار وڃائجي وڃن، تہ پوءِ جمهوريت ڪهڙي معنيٰ ٿي رکي. اسان جي وزيرن ۽ اعليٰ آفيسرن کي بهترين ۽ عظيم ترين شخصيتن جو مالڪ هئڻ گهرجي. جيئن انهن کي اسين ۽ انهن جو مثال وٺي، ننڍن آفيسرن، ۽ شهرين ۽ اُن کان هيٺ عام ماڻهن تائين عظيم چڱايون ڦهلجي وڃن. منافقي ۽ خرابيون، جيوڙن وانگر ٽڪڙو ٽڪڙو وڌن ٿيون، ۽ جلد ئي سماج جي نس نس ۾ سمائجي ٿيون وڃن، جيئن هينئر سمائجي ويون آهن.

”ون يونٽ“ ملڪ کي بيمار ڪري صحت مند ترقيءَ کي ناممڪن بنائي ڇڏيو آهي. اُن جو هڪ ئي حل آهي، اهو تہ سواءِ ڪنهن دير جي ”ون يونٽ“ کي ٽوڙيو وڃي، تڏهن ۽ فقط تڏهن ئي حقيقي جمهوريت پاڪستان ۾

قائم ٿيندي. ”ون يونٽ“ ۽ جمهوريت هڪ ٻئي جي متضاد آهن.

ڪي سياستدان وري هيئن ٿا دليل بازي ڪن ته فقط جمهوريت ئي اهم ترين مسئلو آهي، ۽ اها حاصل ٿي ويندي ته ”ون يونٽ“ به جمهوري طريقي سان ختم ٿي ويندو.

اهي حضرت ائين ٿا سوچين ته 1956ع واري دستور پڻ ڪجهه جمهوريت ڏني هئي. ان ۾ بنيادي حقن جي توثيق ڪيل هئي. ان هاءِ ڪورٽن جو احترام پئي ڪيو. ان ۾ سموري طاقت قانون ساز اسيمبليءَ کي ڏني هئي، وغيره وغيره. پر انهن سموري جمهوري حقن جي موجودگيءَ ۾ ننڍن صوبن کي انهن حقن ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو، ۽ ”ون يونٽ“ کين ڪچلي ڇڏيو. ”ون يونٽ“ کي قائم رکندي ننڍن صوبن لاءِ جمهوريت بي معنيٰ آهي، ڇو ته انهن لاءِ ”ون يونٽ“ کي ختم ڪرڻ ئي جمهوريت جو پيش خيمو آهي.

ننڍا صوبا پنهنجي خودمختياري ۽ خود ارادايت کي خيرات وانگر پِنِي ڪونه ٿا، پر اهي بين الاقوامي طور تي مڃيل اصولن مطابق پنهنجو حق سمجهي گهرن ٿا.

ڪشمير جا ماڻهو ته بين الاقوامي واري خود ارادايت جي حق ملڻ جو مطالبو ڪري سگهن ٿا، پر پنهنجي ئي گهر ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جي ماڻهن کي اهڙي حق ڏيارڻ کان انڪار ڪيو وڃي ٿو- اهو هڪ تضاد آهي.

سنڌ رڳو نسبتاً هڪ ننڍو صوبو آهي، پر آدمشماري ۽ وسيلن جي لحاظ کان ڪشمير کان وڌيڪ اهم آهي. سيلون جيڪا هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست آهي ۽ اقوام متحده جي ميمبر آهي، ان کان به سنڌ وڏي آهي. ان کي پاڪستان ۾ هڪ صوبي جي حيثيت ڏيڻ کان به محروم رکيو وڃي ٿو. اها ڳالهه ناانصافي ۽ بي سمجهي جي انتها آهي.

اسان ڪشميرين لاءِ جمهوري حقن جون مطالبو ڪيون ٿا، پر ”ون يونٽ“ جي ماسٽر پلان ۾ ڪشمير جو ڪهڙو مستقبل آهي؟ جڏهن ڪشمير، پاڪستان سان ملايو ويندو ته اهو ”ون يونٽ“ ۾ ڪمشنر جي ڊويزن کان وڌيڪ ڪجهه به نه هوندو، ۽ ان کي به ”سابق سنڌ“ وانگر

”سابق ڪشمير“ سڏيو ويندو. حالانڪ آمريڪا ۾ پنجاهہ رياستون آهن. سوويت يونين ۾ سترهن رياستون آهن. ڀارت ۾ ويهہ رياستون آهن، ۽ اهي سڀ چڱيءَ طرح هلن پيون. اتان جي وڏين رياستن- ڪيليفورنيا، سفيد روس يا اتر پرديش طرفان ”ون يونٽ“ جهڙي ڪابہ شيءِ ڪانہ مڙهي وئي آهي. بنگال ۽ پنجاب وڏا صوبا آهن، ۽ انهن تي فرض آهي تہ پنهنجي ننڍن ڀائرن جي حقن جي حفاظت ڪن. هڪ اسلامي رياست ۾ طاقت جي بازي ڪيڏي ۽ ننڍي صوبن جي لقمي ڪي ورهائي کائڻ پنجاب ۽ بنگال لاءِ شرمناڪ عمل آهي. ائين ڪرڻ کان پوءِ بہ اُجا هو پاڻ کي اسلامي، قرآني ۽ جمهوري حقن جا دعويدار سڏائين ٿا!

شل قدرت جو نور اسان جي مشعل راهہ ٿئي!

اها اسان جي بدقسمتي آهي، جو رڳو طاقت ئي آخري فيصلا ڪري ٿي ۽ نہ عقل ۽ نہ فهم. پر انهن شخصن کي ياد رکڻ گهرجي، جيڪي رڳو طاقت تي ڀروسو رکي ٻين کي ستائين ٿا، تہ قدرت ئي فيصلو ڪرڻ واري آهي ۽ انهن کي پنهنجي ڪيتي جي ڳري سزا ڀوڳڻي پوندي.

انصاف ۽ رواداري جو ڦل دير يا سوير سڀ ڪنهن کي ملي ٿو. انسانيت انهيءَ راهہ تي ترقي ڪئي آهي. اسان پاڪستاني ڀائرن کي پنهنجي ئي ضمير ۽ پنهنجو پاڻ کان پڇڻ گهرجي ۽ مسلمان هجڻ جي حيثيت ۾ خدا کان ڊڄڻ گهرجي.

جن کي تڪليف ٿيندي آهي، اُهي ضرور دانهون ڪندا. انهيءَ فرياد ڪرڻ جي ڪري ڪين ڪچلڻ، اهڙي گناهہ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو گناهہ ٿيندو؟

اسان سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ پنهنجي محدود دائرن ۾ پنهنجي حقن مطابق پنهنجي قسمت پنهنجي هٿن ۾ رکڻ چاهيون ٿا. اسان جا وڏا ڀائر، اوهان جي وڏي مهرباني! اسان کي ”ون يونٽ“ جي باري ۾ اوهان جي نيڪ ارادن جي پوري خبر آهي. بس ايترو ڪافي آهي. هاڻي ڊاهيوس، مهرباني ڪريو، تہ وري ڀائرن وانگر ڌار ڌار پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ رهون. اها اوهان جي وڏي مهرباني ٿيندي، ”ون يونٽ“ ڊاهيو، ۽ پوءِ جمهوريت جي ڳالهہ ڪيو.

سنڌ ۽ "ون يونٽ"

1- سنڌ دنيا جي نقشي تان غائب

"ون يونٽ" دنيا جي نقشي تان قديم ۽ اسان لاءِ سڳوريءَ سنڌ جو نالو مٽائي ڇڏيو. جيڪو ڪم يوناني، ايراني ۽ انگريز فاتحن ڪان نہ ٿي سگهيو، سو اسان جي ڏيهي فاتحن ڪري ڏيکاريو. سنڌ جي جغرافيائي، تاريخي، ثقافتي ۽ لساني لحاظ کان جداگانہ حيثيت ختم ڪئي ويئي آهي، ۽ ان کي ڪيترن ئي ضلعن ۽ ڊويزنن ۾ ورهايو ويو آهي. سنڌ جو نالو سڏڻ گناهہ آهي، اسان کي "سابق سنڌ" چوڻ کپي.

هيءَ "سابق سنڌ" جو لفظ ختم ٿيڻ کپي. سنڌ ابدي آهي. ان جو قديم اتهاس، جنهن جو نشان "موهن جو دڙو" آهي، ان جي قديم زبان سنڌي، جيڪا ڪن لسانيات جي ماهرن جي چوڻ موجب، "سنسڪرت يا پراڪرت" کان بہ قديم آهي؛ ان جا صوفي ۽ فيلسوف، جن انسانيت ۽ اعليٰ اخلاق جو پيغام ڏنو- اهي سڀ هڪ اهڙو قيمتي ورثو آهن، جو انهن کي ختم ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏيئي سگهجي. پر "ون يونٽ" ان ورثي جو خاتمو چاهي ٿو.

2- سنڌي زبان جو خاتمو

هر قوم جي سڀ کان قيمتي ميراث زبان ۽ ان جو ادب آهي. اسان پنهنجي مادري زبان کي پيار ڪريون ٿا. اڳ ڪنهن بہ (خود انگريز) حاڪمن پڻ اسان جي زبان تي حملو نہ ڪيو.

پر اولهہ پاڪستان سرڪار اهو لازمي قرار ڏنو، تہ "يونيسڪو" جي قبول ٿيل اصولن ۽ بين عالمي ادارن جي انهيءَ راءِ- تہ مادري زبان مٿترڪ تائين تعليم جو بهترين ذريعو آهي، جي خلاف ورزي ڪندي، اسان جا ستن ورهين جي عمر جا ٻار اردوءَ ۾ تعليم حاصل ڪن.

چنانچہ اهڙي فضا پيدا ڪئي ويئي، جو (علامہ آءِ. آءِ. قاضي) هڪ لائق

۽ قابلِ وائيس چانسلز لاٿو وِيو، ۽ ان جي جاءِ تي هڪ غير سنڌي آندو ويو. بعد ۾ وري اهو ناهہ ناهيو ويو جو (سيد غلام مصطفيٰ شاهہ) هڪ لائق سنڌي ڊائريڪٽر تعليم کي حيدرآباد مان ڪڍي ڪوئٽا موڪليو ويو ۽ ان جي جاءِ تي هڪ غير سنڌي آندو ويو. نتيجو اهو نڪتو جو تعليمي ڪميشن جي ڪانفرنسن ۾ سنڌ جي نمائندگي، ڪوبہ سنڌي ڪري نہ سگهيو.

اهو آهي ”ون يونٽ“ – (بعد ۾ بهادر شاگردن همت ڪري سنڌي زبان کي ايتري قدر بچائي ورتو، جو عارضي طرح هيءُ حڪم نڪتو تہ ٻارهين درجي تائين ذريعہ تعليم رهندي ۽ اردو لازمي ڪرڻ لاءِ هڪ سال وڌايو ويو.)

3- سنڌ جي زمينن تي غير سنڌين جو قبضو

پاڪستان جي دستور ساز اسيمبليءَ ۾ ”ون يونٽ“ جي هڪ معمار مسٽر محمد ممتاز دولتانہ جي ڏنل خاطرين کي ملاحظہ فرمايو:

”صاحبو، هاڻي سنڌ جي نئين زمين جي نيڪال لاءِ ڪهڙو حل پيش ٿي رهيو آهي؟ جيتري قدر مون کي معلوم آهي اهو حل هيئن آهي، سنڌ جون نيون زمينون جيڪي واقعي پاڪستان جي مستقبل کي خوشحال بنائڻ لاءِ تمام گهڻو ڪم ڏينديون، ان صوبي جي ماڻهن يعني سنڌين کي ملنديون. پر ائين تيسين ڪيو ويندو، جيسين سنڌ جي ماڻهن کي زمينون نہ هونديون. سڀ کان اول اهي زمينون انهن سنڌي هارين کي ملنديون، جن وٽ ڪابہ زمين نہ آهي. پر جڏهن هڪ هڪ سنڌي هاريءَ کي زمين ملي چڪي ۽ ان ڪان پوءِ بہ زمين بچي پئي، تہ اها پاڪستان جي شهرين ۽ ٻين صوبن جي رهواسين منجهان فقط انهن کي ڏني ويندي، جن وٽ اڳ ڪابہ زمين نہ هوندي... زمين ان کي ملندي، جيڪو پاڻ پوکيندو، زمين سڀ کان پهريائين انهن کي ڏني ويندي، ۽ جڏهن اهي مطمئن ٿيندا، تہ پوءِ سنڌ جي ماڻهن کي ڏني ويندي، پر انهي ۾ شاهوڪار شامل نہ هوندا...“ (بحث، صفحو 360)

مگر درحقيقت ڇا ٿيو آهي؟ بهترين زمينون ۽ وڏا پلاٽ غير سنڌي عملدارن، واپارين، ڪارخانيدارن ۽ زميندارن کي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ڏنيون پيون وڃن. سنڌ جي هارين کي اهي زمينون ملن ٿيون، جن جو ٻيو ڪوبہ خريدار ڪونهي. زمينون گهڻو ڪري عام نيلام رستي وڪيون وڃن

ٿيون ۽ ان کي ملڻ ٿيون، جو سڀ کان وڏو واڪ ڏئي ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ نئون زميني طبقو وجود ۾ اچي رهيو آهي.

هاريءَ کي زمين ڏکين شرطن تي ملي ٿي، مثلاً: جيڪڏهن ڪو هاري ڪنهن سبب ڪري (جنهن تي آبپاشيءَ لاءِ پاڻي نه ملڻ سبب) زمين آباد نٿو ڪري سگهي، ته ڪاٺس زمين کسي وڃي ٿي. پر ٻين سان اهو شرط لاڳو نه آهي. ملٽري وارن کي زمينون ڏيڻ ۾ سخا کان ڪم ورتو ويو آهي. انهن کي جيڪي سهولتون ملڻ ٿيون، سي هاريءَ کي نٿيون ملن.

لاهور ۾ روينيو بورڊ ۾ ڪوبه سنڌي وڏو عملدار نه آهي، جو سنڌين جي حقن جي نگراني ڪري. انهيءَ جو قدرتي نتيجو اهو نڪتو آهي جو هن سرزمين جا هاري، هتان جا باشندا انهيءَ حق کان محروم آهن، جي قدرت جي قانون کين عطا ڪيا آهن. ته هتي اهو به نه وسارڻ کپي، ته اهو بئراج، جنهن اهي زمينون پيدا ڪيون آهن، سنڌين جي ڏنل ڍلن جي پئسي مان نهيل آهي. اهو آهي "ون يونٽ". درحقيقت "ون يونٽ" ٺاهيو ئي انهيءَ مقصد لاءِ ويو هو. ۽ نه ان لاءِ، جيڪو مسٽر دولتانه بيان ڪيو هو، مسٽر دولتانه اڄ ڪٿي آهي؟ ان هوندي به هو "ون يونٽ" جو حامي آهي.

4- سنڌ ۾ نامنصفانه ڍلون

"ون يونٽ" جي ٺاهيندڙن، "ون يونٽ" جا جيڪي مقصد بيان ڪيا هئا، تن ۾ هڪ اهو به هو ته اولهه پاڪستان ۾ قاعدي قانون، ڍلن ۽ ڪورٽن جو سرشتو ساڳيو هوندو. ان سلسلي ۾ سنڌين جي طرفان ڪيترن ئي درخواستن، گذارشن کان پوءِ به سڄي پاڪستان- اولهه توڙي اوڀر ۾، سڀ کان وڏيون ڍلون، سنڌ ۾ ئي قائم رکيون ويون. اڪثر حالتن ۾ سنڌي آبادگار جي آمدنيءَ جو پنجاهه يا سٺ سيڪڙو آمدني ڍل ۾ وڃي ٿي. درحقيقت اها (ڍل) 25 سيڪڙو هئڻ کپي. نتيجو اهو نڪتو آهي ته سنڌي آبادگار جو ڏيوالو نڪري ويو آهي ۽ هو انهيءَ سبب جي ڪري بئراج جون زمينون خريد ڪري نٿو سگهي.

انهيءَ موضوع تي مون هڪ ڪتابڙو لکيو هو ۽ جنهن ۾ انگ اکر ڏنا ويا آهن ۽ تعميري اپاءَ تجويز ڪيا ويا آهن. مون هڪ ڪتابڙو به هڪ خط

سان گڏ صدر پاڪستان ۽ گورنر ڏانهن موڪليو، ۽ ڪين گذارش ڪيم ته معاملي جي صحيح تصديق ڪرڻ لاءِ سرڪار قدم کڻي. سرڪار جواب ۾ ڪتابڙو ضبط ڪيو، ۽ مون کي ڪوئيٽا ۾ هڪ فوجي ڪورٽ انهيءَ ڪتاب لکڻ ڪري سخت پورهئي سان ٽي سال "سي" ڪلاس جو جيل عطا ڪيو.

5- سنڌ ۾ ترقيءَ جون رٿون بند

حڪومت سنڌ رستن، اسڪولن ۽ صحت جي ڪمن کي سڌارڻ لاءِ جيڪي ترقياتي رٿون ناهيون هيون، سي بند ڪيون ويون آهن. سنڌ جا ٽيهه ڪروڙ روپيا جيڪي "ون يونٽ" جي حوالي ٿيا، سي اهي ترقياتي رٿن تي خرچ ٿين ها، پر هاڻي انهيءَ ڳالهه کان سُڪو جواب آهي. چي: پئسو ڪونهي-!

6- سنڌ جي ڪاليجن ۾ سنڌين لاءِ داخلائون بند

حڪومتِ سنڌ ڪراچيءَ ۾ هڪ انجنيئرنگ ڪاليج ۽ ٻه ڊاڪٽري ڪاليج- هڪ ڪراچيءَ ۾ ۽ ٻيو حيدرآباد ۾ قائم ڪيا هئا، ته جيئن سنڌ ۾ تعليم وڌي. هاڻي انهن ڪاليجن جا دروازا سڄي اولهه پاڪستان لاءِ کليل آهن. نتيجو اهو نڪتو آهي جو سنڌين کي 20 سيڪڙو جايون ٻه مس ٿيون ملن، ۽ 80 سيڪڙو جايون ٻين جي حوالي ٿين ٿيون. اهم تعليمي ۽ هنري ادارن ۾ "ون يونٽ" قائم ٿيڻ بعد، سنڌ کي ترقيءَ جا اِجهو اهي ذريعا مليا آهن. سنڌ ۾ وڌندڙ آباديءَ کي خيال ۾ رکي ڪي ٻه نوان ادارا کوليا ڪونه ٿا وڃن.

7- ثانوي تعليم جي تباهي

سنڌ جي ڳوٺن ۾ ٽن درجن وارن انگريزي ڪلاسن جو چار وڇايو ويو هو، ۽ ڳوٺاڻا ڇوڪرا انهن ڪلاسن جو فائدو وٺي وڏن مڊل اسڪولن ۽ هاءِ اسڪولن ۾ داخل ٿيندا هئا. هاڻي اولهه پاڪستان جي حڪومت انهن ٽن درجن واري انگريزي ڪلاسن کي ختم ڪري، ڳوٺاڻن ڇوڪرن کي تعليمي سهولتن کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. 25 سالن کان تازو ثانوي ماسترن کي بي ٽي ڪورس لاءِ پگهار ۽ الائونس جون جيڪي سهولتون مليل هيون، تن

ڪان ڪين محروم ڪيو ويو آهي. اهي سرڪاري تربيت يافتن کي اعليٰ معيار جي خاطر ڏنيون وينديون آهن. وڏين پگهارن وارن عملدارن کي به تربيت دوران اهي سهوليتون ملنديون آهن. نتيجو اهو آهي، ته هاڻي فقط ڪي ٿورڙا ثانوي استاد پنهنجي خرچ تي سکيا حاصل ڪري سگهن ٿا. انهيءَ جو مطلب ته بي. ٽي. پاس ڪيل استاد ٻاهران گهرايا وڃن، ۽ انهن کي سنڌ جي استادن تي ترجيح ملندي. بيشڪ اها ڳالهه "ون يونٽ" جي پاليسيءَ پٽاندڙ آهي. اجهو اهڙيءَ طرح پنجن سالن ۾ سنڌ جي ايراضيءَ کي سڌاريو پيو وڃي.

8- سنڌ جي پريس تي دٻاءُ

پريس جي آزادي، جمهوريت ۽ ترقيءَ جو بنياد آهي. پريس وقت جي ڏاڍائن جي عڪس هجڻ سان گڏوگڏ واقعن ۽ فڪر کي پڻ متاثر ڪري ٿي.

اها ڳالهه ته سڀني جي ڌيان تي آئي هوندي، ته لاهور جي اخبارن باقاعدگيءَ سان جمي "ون يونٽ" جي پنيرائي ڪئي آهي، ۽ سنڌ پريس اهڙي ئي طريقي سان "ون يونٽ" جي مخالفت ڪندي رهي آهي.

"ون يونٽ" بعد سنڌ جي پريس تي لاهور کان ضابطو رکيو وڃي ٿو، نتيجو ظاهر آهي- هڪ غير سنڌي صاحب کي اطلاعت کاتي جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو هو ۽ هن صاحب سنڌ جي پريس کي دٻائڻ جا سڀ موقعا پيدا ڪري ڇڏيا. مشهور ماهوار ۽ هفتيوار رسالا، مثلاً: "انسان"، "مذهب انسانيت"، "گل ڦل"، "گلستان"، "روح رهاڻ"، "ڳوٺ سڌار"، "الوحيد" وغيره، ڊڪليئريشن ملڻ کان انڪار ڪرڻ سبب بند ڪيا ويا. نوابشاهه جا "مظلوم"، "آئينه" ۽ "سنڌ مسلم"، - سانگهڙ جو "رضوان"- ٺٽي جو "الحيدر"، "همراهي"، "فرياد"، "مساوات"، "فتح اسلام"، "مسلمان"، "عام راءِ" وغيره وغيره، يعني 60سان اٽڪل ٽيهه اخبارون بند ڪيون ويون. عورتن جي هڪ ئي ماهنامه مئگزين حيدرآباد "مارئي" کي پڻ ڊڪليئريشن ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو.

"ون يونٽ" جو ڪٽڙ حامي- مسٽر قادر بخش، جيڪو اولهه پاڪستان جو وزير پڻ آهي، "ون يونٽ" جي مخالفن کي صلاحون ڏئي ٿو

تہ، ""ون يونٽ" جي ٽوڙڻ جو مطالبو نہ ڪريو، پر پنھنجي اھنجن ڪي متاثر جو مطالبو ڪريو."- مگر اسان ڪيستائين توھان جي درن تي پيا پنداسين؟ اسان جي اھنجن جو ڪو انت آھي ڇا؟ ڏينھون ڏينھن، سالون سال سورن جي ھڪ لانڍ ٿي اچي! اسان جي اھنجن جو رڳو ھڪڙو ئي اپاءُ آھي: "ون يونٽ" کي ٽوڙيو، جيڪو سڀني براين ۽ اھنجن جي پاڙ آھي.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي

هڪ مطالعو

مرتب سڪندر ملاح

مارئي اڪيڊمي

Pakeeza Prrinting Press Ph: 7843856

مارئي اڪيڊمي

MARUI ACADEMY

Sakrand / Hyderabad, Sindh.

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَڻ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. پين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪتابن جي پاڙهوءَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڙ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)